بيجنگ کان
بئنکاک جي بازارن تائين

آفتاب سومرو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بيجنگ کان بنڪاڪ جي بازارن تائين

(سفرنامون)

آفتاب سومرو

سچائي اشاعت گھر - حيدرآباد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

استاڪسٽ

- پٽائي بڪ هائوس گاڏي کاتو حيدرآباد.
  Cell#0322_3011506
- ڪويتا ڪتاب گھر، ربي سينٽر گاڏي کاتو حيدرآباد.
- ڪنگ پن ڪتاب گھر، پريس ڪلب حيدرآباد.
- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال حيدرآباد.
- قليچ ڪتاب گھر لٺنگيئج اٿارٽي حيدرآباد.
- ڪلچر ڪتاب گھر سامهون ايم پي اي هاسٽل ڪراچي.
- فڪشن هائوس رابعہ اسڪوائر حيدرآباد.
- شاھ لطيف ڪتاب گھر گاڏي کاتو حيدرآباد.
- رابيل ڪتاب گھر_لاڙڪاڻو.

سچائي اشاعت گھر جو ڪتاب نمبر-120

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو : بيجنگ کان بئنڪاڪ جي بازارن تائين

موضوع : سفر نامون

ليکڪ : آفتاب سومرو

ڇاپو : پھريون 2016ع

ڪمپوزنگ : علي گل سوھو

ڇپائيندڙ : سچائي اشاعت گھر_ فون: 0301-3640468

ڇپيندڙ : سائل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد 03332634650

قيمت : 350/=

Beejing Khan Bangkok Ji Bazarun Tain (Travelogue) —BY: Aftab Somroo

Published by: Sachai Ishait Ghar, DARRO, Sindh,

Translet in Sindhi: Yousif Sindhi

Edition First, 2016. Cell: 0301-3640468, 0331-2997336

Email: myusifmemon@gmail.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ارپنا

انيسہ آفتاب منهنجي گهر واري جنهن هر ڏکي ۾ سکي وقت ۾ سچو ساٿ ڏنو.

وقار النسا منهنجي همٿ واري ڏيڻ جنهن مصيبتن ۾ مونکي مايوس ٿيڻ نہ ڏنو.

نائلہ منهنجي ڏيڻ جنهن کي علم، ادب ۽ فن جو قدر ۽ چاهت آهي.

وقار الرحمٰن منهنجو من موجي پٽ

امبر منهنجي ڏيڻ جنهن جي ۽ منهنجي جنم جي تاريخ ساڳي يعني ڏهہ آڪٽوبر آهي ۽

معين آفتاب منهنجي لاڏلي پٽ جي

نانءِ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سٽاءُ

- پبلشر:
- ٻہ سو لفظ پندرهن اکر — آفتاب سومرو
- پيش لفظ: (وٽ لو فرام چائنا) — الطاف شيخ
- بيجنگ کان بئنڪاڪ جي بازارن تائين
- ابا! ٿيو ڇا جو..... 16
- چين جو ويزا 26
- اسلام آباد کان دبئي - ايران (تهران) 27
- تهران کان دبئي - اسلام آباد 29
- بئنڪاڪ جو ويزا: بئنڪاڪ - چين 29
- چين ۾ پهريون ڏينهن - ڪلاس 36
- رينمن يونيورسٽي جو دورو 41
- ديوار چين او ماءِ گاڊ! 44
- فاربڊن سٽي - ٽنامن اسڪئائر 54
- سيان / شيان - ٽريول لائٽ 64
- ٽن ٽيراڪوٽا - وائلڊ گوز پگوڊا 70
- سيان کان بيجنگ - ايئرپورٽ تي تماشو 74
- ڪنفيوشس انسٽيٽيوٽ 76
- اچو تہ چيني زبان سکون 80
- جنت جو مندر - هنگڪو بازار - ليئان ٿيٽر 84

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

❖ سمر پيلس 92
❖ جينٽل ليڊيز اينڊ جينٽلمين 94
❖ بوزيت جو واسو 96
❖ نيپالي دوست جو ڪر ٽي ويو 98
❖ ڊانس يا ورزش 100
❖ نارمل / ايبنارمل - ريما جي ناراضگي 102
❖ هوتنگ - راڻيءَ جي رهائشگاهه - وافوجنگ بازار 109
❖ شنگهائي (سمنڊ مٿان) -سسو 117
❖ ڇ ته ڇون 123
❖ ذوذانگ - يوئان 127
❖ نادير سان وري ڪير ڪنڊ 131
❖ بارش ۾ فٽ پاٿ تي 135
❖ اولمپڪ راندين جون تياريون - مساج گهر 138
❖ منسڪ جي شاگردن سان ماني 144
❖ جنگشان پارڪ 152
❖ چين ۾ ڀٽائي 154
❖ چين ۾ آخري رات 161
❖ اچي ويو بئنڪاڪ 163
❖ زمرد جو گوتم ٻڌ 169
❖ پاڻيءَ ۾ ترندڙ بازارون - نانگن جو تماشو 172
❖ پتايا ساحل 177
❖ مسلمان ڇوڪري 186
❖ بئنڪاڪ کان اسلام آباد 192

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پہ سو لفظ پندرهن اکر

هيٺين عبارت جو عنوان "پہ سو لفظ پندرهن اکر" مون ان کري ڏنو آهي جو مونکي "پہ اکر" واري ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ صفحن جا صفحا پريل هجن تہ بہ عنوان "پہ اکر" يا "پہ لفظ" وارو منطق سمجهہ ۾ نہ آيو. مون سوچيو تہ ڇو نہ جيترا لفظ ۽ اکر آهن اوترا لکجن. جواز تہ مونکي "پيش لفظ" جو بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. پر ايترو سمجهہ ۾ آيو تہ اسان جي پدر شاهي (مردانہ) سماج ۾ شايد زير ۽ زبر بجاء "پيش" منتخب کيو ويو هجي ڇو تہ اهو نشان اکر جي مٿان هوندو آهي. حالانکہ "پيش" تہ نہ لفظ آهي نہ اکر. پيش لفظ شايد پيشُ بجاء پَيشَ انگريزي (preface) جو بدل هجي، جنهن لکڻيءَ مان کتاب جي باري ۾ ڇاڻ ملندي آهي تہ کتاب ڇاجي باري ۾ آهي؟ کيئن لکيو ويو آهي؟ ۽ کجهہ لکندڙ جي باري ۾ بہ پيش کيو ويندو آهي.

چين تي کيئي کتاب لکيا ويا آهن لکيا وڃن ٿا. چين جي سفر جي شوقينن سان تاريخ پري پئي آهي. دنيا جي مختلف ماڻهن چين جو سفر کيو ۽ کندا رهن ٿا جن مان کيترن ئي سفري ساروٽيون ۽ سفرناما لکيا. انهن سفرنامن ۾ صديون اڳ مارکو پولو جو "چين جوسفر" دنيا جي چند عظيم سفرنامن منهجان آهي جيکو دنيا جي کيترين ئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پولين ۾ ترجمو ٿيو آهي. هي صرف سفرنامو نہ آهي پر ان وقت جي چين جي تاريخ آهي جنهن ۾ اتان جي ذري ذري جو نہ صرف تفصيل آهي پر سفر ۾ واپار ڪرڻ وارن لاءِ به جهجهو مواد آهي. چون ٿا تہ اهو ڪولمبس، واسڪوڊ يگاما ۽ دنيا جي ٻين مشهور سياحن جي مطالعي ۾ رهيو آهي.

جيستائين هن منهنجي ڪتاب جو تعلق آهي تہ هن ڪي به اتي گذاريل گهڙين جون ساروٽيون يا ليکڪ جي اتي گذاريل ڏينهن جو روزنامچو سمجهيو وڃي.

هن ڪتاب جي پڌري ڪرڻ ۾ پنهنجي مددگارن جو مان دل جي گهراين سان شڪر گذار آهيان. مون پنهنجي ايران جي باري ۾ سفرنامو، مزدڪ جي ملڪ ۾ سائين الطاف شيخ جي نالي ڪيو هيو (اهو سفرنامو واڌاري سان گڏ اردوءَ ۾ ''پھرايران کو چلے'' جي نالي سان ڇپيو ۽ ڇپيو رهي ٿو. هن سفر نامي لاءِ مون سائينءَ جن کي عرض ڪيو تہ ڪجهہ لکن هنن نہ صرف ها ڪئي پر پنهنجي مصروف ترين وقت مان کي گهڙيون ڪڍي "پيش لفظ" لکيو. سندس لک ٿورا. منهنجو ڪتاب "مزدڪ جي ملڪ ۾" ڪنهن دوست اهڙي تڪڙ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو، جو مان اڄ تائين پچتائيندو آهيان. ان ۾ ڪيترين ئي پروف، گرامر ۽ حوالن جون غلطيون هيون. بهرحال هن ڪتاب جي آخري پروف لاءِ مون پنهنجي مهربان دوست ارشاد شيخ (آدرش) کي گذارش ڪئي جنهن چڪون درست ڪري مسودي کي سنواريو ۽ سينگاريو سندس کهڙا ڳڻ ڳائي کهڙا ڳائجن. مان ٿورائتو آهيان سائين علي گل سوهو جو جنهن هي ڪتاب ڪمپوز ڪيو، محترم منصور انصاري (اسسٽنٽ ڊائرڪٽر نيشنل بُڪ فائونڊيشن اسلام آباد) جو جنهن هن ڪتاب جو ٽائيٽل ڊزائن ڪيو. ظاهر آ تہ منهنجو پراٽو يار يوسف سنڌي (سچائي اشاعت گهر حيدرآباد) همت نہ ڪري ها تہ هي ڪتاب هاڻي به اوهان جي هٿن تائين نہ پهچي ها سندس ڪروڙين قُرب.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيش لفظ

وٽ لو فرار چائنا

آفتاب سومرو صاحب جو هي ڪتاب "ييجنگ جي بازارن ڪان بئنڪاڪ جي بازارِ تائين" سندس پيو سفر نامو آهي. هن ڪان اڳ هو ايران جو سفر نامو قلمبند ڪري چڪو آهي جيڪو سنڌيءَ ۾ "مزدڪ جي ملڪ ۾" ۽ اردو ۾ "پھرايران کو چلے" نالن سان مارڪٽ ۾ اچي چڪو آهي. هي سفر نامو جيئن ڪتاب جي نالي مان بہ لڳي ٿو نہ چين ۽ ٿائلنڊ ملڪن جو سفرنامو آهي.

آفتاب صاحب ڪافي عرصي ڪان اسلام آباد ۾ سرڪاري نوڪري ڪري رهيو آهي ۽ "نئشنل بڪ فائونڊيشن" اداري ۾ سيڪريٽري جي پوسٽ تي آهي. جيئن تہ مختلف ملڪن ۾ ٿيندڙ ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ ٽريننگ ڪورسز لاءِ هن اداري جي آفيسرن کي موڪلينداهن ٿا سو هڪ اهڙي چين ۾ هلندڙ مهيني جي ٽريننگ لاءِ آفتاب صاحب کي چونڊيو ويو. آفتاب پنهنجي سفرنامي جي شروعات ڪان اڳ ان چونڊ، جيڪا پهرين تہ ڪانئس ڳجهي رکي وئي پر پوءِ قدرت طرفان سندس پلو ٿي ويو. جو پڻ احوال بلڪ "سفر نامو" لکيو آهي جيڪو پڪ اڄ جي نوجوان سرڪاري ڪامورن لاءِ Guide line ثابت ٿيندو ۽ ڪيس احساس ڏيارينداو. تہ ان قسم جا موقعا انصاف جي بنياد تي نہ پر مٿي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مائٹي ۾ خوشامد جي آڏار تي ماڻهن کي نوازيا وڃن ٿا ۽ خاص ڪري اسلام آباد ۾ نوڪري ڪندڙ جو تعلق جيڪڏهن سنڌ يا بلوچستان جهڙي ننڍي صوبي سان آهي تہ هن لاءِ اهڙن سير تفريحن جي پروگرامن بدران ڏکا ۽ ٽاڀا هوندا آهن. جيڪڏهن نظر ڏنياٽي خاطر انهن کي ڪو موقعو ڏنو ب وجي ٿو تہ تڏهن جڏهن سندن ڪو پنهنجو آخري وقت تي بيمار ٿي پوي ٿو يا هن کي ڪا اهڙي مجبوري ٿي پوي ٿي جو هو وڃڻ کان انڪار ڪري ٿو تہ پوءِ آفتاب سومري جهڙي تي آخري وقت تي "اڄا ٻاجهہ" ڪئي وجي ٿي ۽ پوءِ وقت جي ڪوٽ ڪري هو نہ سفر جا ڪاغذ پٽ تيار ڪرائي سگهي ٿو ۽ نہ موڪل جو بندوبست ڪري سگهي ٿو. اسان جي ملڪ جي ماڻهن لاءِ ڏارين ملڪن طرفان مليل اهڙيون دعوتون يا تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪالرون فقط ان ڪري ضايع ٿيو وڃن جو اهي صحيح وقت تي ۽ صحيح ضرورت مندن کي وقت تي نہ ٿيون ڏنيون وڃن. اسان وٽ ڪيترن ئي ادارن ۾ وزارتن ۾ اها پٽَ رهي آهي تہ ان قسم جا آيل دعوت ناما واسطيدار عملدار پاڻ وٽ لڪائي رکندو ۽ پهرين پنهنجي ڪنهن مائٽ يا دوست جي اولاد کي ڳولينڊو وتندو جيئن حقدار بدران ان کي عيش ڪرايو وڃي. پوءِ باقي کو ڏينهن اڏ وجي بچندو ۽ پنهنجو ڪوبہ ملندو تہ پوءِ مجبور ٿي اداري جي لائق آفيسر کي ڏنو ويندو جيڪو قليل عرصي ۾ سفر جا ڪاغذ پٽ نہ نهرائي سگهڻ ڪري اڪثر رهجي ويندو آهي. اها ساڳي جهلڪ اسان جي مصنف آفتاب سومري جي چونڊ ۾ ب ڏسندئو..... پوءِ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ آفتاب پاڻ وارو هو جو هن جو هڪ ڏينهن اندر سمورو ڪم ٿي ويو ۽ هن کي آخرڪار ولايت جو سفر نصيب ٿي ويو. آئون سندن ان ڳالهہ سان بلڪل سهمت آهيان تہ ملڪ کان روانو ٿيڻ تائين خوشيءَ جو اظهار نہ ڪجي جو ڪابہ خبر نٿي پوي تہ پهنجي ئي اداري جو ڪو آفيسر آخري مهل تي ب ڪم خراب ڪري سگهي ٿو ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پوءِ دوستن ۾ مٽن مائٽن اڳيان شرمندگي ٿئي ٿي. سچ اهو آهي ته اهڙن ڪيترن ئي واقعن کان آئون پڻ واقف آهيان ۽ اسانجي ڪيترن سرڪاري آفيسرن کي تجربو هوندو ته لائق فائق هوندي به هنن کي ولايت وڃڻ جي چانس نه ڏني وئي..... يا آخري گهڙيءَ تي هنن جي ساڻ سڙئي آفيسر يا ڪنهن حاسد ڪليگ سندن وڃڻ ۾ رخنو وجهي ڇڏيو هوندو..... هي اسان جي ملڪ جو ڪلچر ٿي پيو آهي. ان ڪري ڪنهن خوشيءَ جي ڳالهه جي پڪ ٿيڻ تي به Low Profile رکجي چو ته:

There is always a slip between lip & Cup

آفتاب هن ڪتاب ۾ جن ٻن ملڪن جو سفرنامو لکيو آهي انهن مان هڪ "چين" اسانجو پراڻو دوست آهي پر اڄ جي دؤر ۾ اهو انسان لاءِ هيڪاندو اهم آهي جو هن انڊسٽري ۽ ايجوڪيشن ۾ ايڈي ته ترقي ڪئي آهي جو اسان جي انيڪ واپارين ۽ شاگردن جي چين ڏي اڄ وڃ وڌندي ويجي. نه فقط اسانجا ماڻهو چين وڃن ٿا پر چين جا ماڻهو به اسان وٽ ايندا رهن ٿا جو اڄ ڪلهه اسان جي ملڪ ۾ هلندڙ ڪيترن ئي پروجيڪٽن ۾..... روڊ رستا ناهڻ کان بندرگاهن جي ڊولپمينٽ تائين ۽ گئس ڳولهڻ کان اليڪٽرڪ پاور تائين چين جا انجنيئر سائنسدان ۽ مڪينڪ مستري ڪم ڪري رهيا آهن.

چين جيتوڻيڪ اسانجو پاڙيسري ۽ اهم ملڪ آهي ۽ اسان هر ڏڪ سڪ ۾ ان ڏي نظر ڪيون ٿا پر افسوس جو چين بابت احوال يا سفرنامو اسان وٽ اردو توڙي سنڌيءَ ۾ گهٽ نظر اچن ٿا. اڄ به اسان جي پڙهيل ڳڙهيل توڙي عام ماڻهوءَ کي چين بابت تمام گهٽ معلومات آهي. سو اهڙي تناظر ۾ آفتاب سومرو کي جس هجي جو هن پنهنجن سرڪاري ڪم ڪارين مان وقت ڪڍي پنهنجي سفر جو احوال لکيو آهي نه ته ڪيترائي سرڪاري ڪامورا آهن جيڪي سرڪار جي يا پنهنجي خرچ تي هر سال ولايت جا چڪر هڻندا رهن ٿا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پر هنن کان هڪ مختصر مضمون بہ نٿو لکيو ٿئي. آفتاب چين ۾ اتي جي اهم شهرن بيجنگ، شنگهائي وغيره جي مشهور هنڌن تي وڃڻ بعد ان جو احوال بہ لکيو آهي.

آدمشماريءَ جي لحاظ کان چين دنيا جو اول نمبر ملڪ آهي جنهن جي آدمشماري ڏيڍ ارب جي لڳ ڀڳ آهي..... يعني اسان جي آدمشماريءَ کان گهٽ ۾ گهٽ 7 دفعا وڌيڪ آهي. سندس پکيڙ 96 لک چورس ڪلوميٽر آهي. ايراضيءَ جي حساب سان چين دنيا جو ٻيو نمبر وڏو ملڪ آهي. پهرين تي روس آهي. چين ۾ 22 صوبا آهن..... هر صوبي جي پنهنجي نموني جي چيني ٻولي آهي ۽ ڪي صوبا تہ پنجاب کان بہ وڏا آهن ۽ چين جا چار شهر اهڙا آهن جن کي ميونسپالٽيون هلائين ٿيون..... اهي آهن: بيجنگ، تيان جن، شنگهائي ۽ چانگ قنگ، ٻہ اهڙا علائقا (region) آهن جن جي حڪومت جو سسٽم نہ رڳو الڳ ٿلڳ آهي پر چين کان مختلف آهي. اهي آهن "هانگ ڪانگ" جيڪو هڪ سؤ سالن لاءِ انگريزن جي قبضي ۾ رهيو ۽ ٻيو "مڪائو" جيڪو پورو چوگالين حوالي هو.

چين ايڏو وڏو ملڪ آهي جو هن جي چوڌاري 14 پاڙيسري ملڪ آهن. چين جي بارڊر وارا ملڪ آهن: پاڪستان، انڊيا، ڀوٽان، نيپال، افغانستان، تاجڪستان، ڪرغستان، قزاقستان، روس، منگوليا، اتر ڪوريا، ويٽنام، لائوس ۽ برما.

هيڏي وڏي ملڪ چين ۾ قدرت طرفان ڇا ڇا نہ آهي: نديون نالا، ڍنڍون ڍورا، جبل ماٿريون، رڻ پٽ واديون وغيره. هماليہ، ڪاراڪورم، پامير ۽ تيان شان جبلن جون قطارون چين ۽ ڀر وارن ملڪن جي وچ ۾ بارڊر ٺاهين ٿيون. هتي جي مشهور ندي ينگ زي (Yangtze) دنيا جي ٽيون نمبر ڊگهي ندي آهي ۽ ييلو (Yellow) ندي دنيا جي ڇهون نمبر وڏي ندي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چين جي تهديب دنيا ۾ بيحد آڳاڻي آهي. هتي عيسوي سن کان به 3000 سال اڳ ماڻهن جي آبادي هئي ۽ ماڻهو نندين نندين رياستن ۾ رهيا ٿي. سن 221ق.م "قن گهراڻي" جي حاڪمن انهن تي حملو ڪري هڪ ملڪ ناهيو..... ان بعد هي ملڪ ڪڏهن وڏندو رهيو ته ڪڏهن ٽٽندو رهيو ۽ وري ٺهندو رهيو. هڪ ٻئي پويان ڪيترائي گهراڻا چين تي راڄ ڪندا رهيا. سن 1911ع ۾ چين جي آخري گهراڻي کي ٽپڙ ٻڌايا ويا ۽ هي ملڪ "ريپبلڪ آف چين" ٿيو. ٻي جنگ عظيم بعد چين جي ڪميونسٽ پارٽي جي ليڊر "مائو زي تنگ" لانگ مارچ بعد انقلاب آندو ۽ 1 آڪٽوبر 1949ع تي هي ملڪ "پيپلس ريپبلڪ آف چائنا" ٿيو. اسان جو پاڻيءَ جي جهازن ذريعي چين جي مختلف بندرگاهن ۾ 1968ع کان وڃڻ شروع ٿيو. اڄ جنهن چين ۾ توهان رنگ برنگي ڪپڙن ۾ مرد ۽ عورتون ڏسو ٿا ۽ رستن تي دنيا جون بهترين چمڪندڙ ڪارون ڏسو ٿا، مائوزي تنگ جي ڏينهن ۾ سڀ بلو ۽ خاڪي رنگ جي ڪپڙن ۾ ملبوس هوندا هئا ۽ سڀ سائيڪلن تي سفر ڪندا هئا. فقط پري جي سفر لاءِ سرڪاري بسون هونديون هيون. سڀ سخت پورهئي ۾ مشغول رهيا ٿي..... اڄ انهن جي ئي محنتن جو نتيجو آهي جو چين جيڪو موالين ۽ چرسين جو ملڪ ٻڌجي چڪو هو چين جيڪو قرضي ٿي چڪو هو ۽ جتي بدامني عروج تي هئي اڄ اهو چين خوشحال ۽ مادرن ملڪ آهي جنهن جو احوال آفتاب سومرو هن سفرنامي ۾ ڪيو آهي. اڄ جو چين ايڪانامي ۾ آمريڪا ۽ جپان جو مقابلو ڪري ٿو. اڄ چين جا تعليمي ادارا دنيا ۾ بهتر کان بهتر ٿي رهيا آهن ويندي اسانجي ملڪ جا به ڪيترائي شاگرد اعليٰ تعليم لاءِ چين جي مختلف يونيورسٽين ۾ داخلا ونن ٿا. گذريل سال چين مان ڏهه هزار شاگردن Ph.D ڪئي، پنج لک شاگردن BS.c ڪئي. دنيا جي ڪنهن به ملڪ ويندي امريڪا مان به ايترا شاگرد نه نڪرندا هوندا. چين جون ٽيڪنالاجي ڪمپنيون هووائي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(Huawei) ۽ لينووو (Lenovo) ٽيليڪميونيڪيشن ۽ ڪمپيوٽرن ۾ دنيا ۾ اڳريون آهن.

چين جو خلا ۾ راڪيٽ ڇڏڻ جو پروگرام به اڳ کان اڳرو آهي جنهن تي چين جي عوام کي فخر آهي. 1970ع ۾ چين پنهنجو پهريون راڪيٽ (Satellite) "ڊانگ فانگ هانگ-1" خلا ۾ ڇڏيو ۽ چين ان معاملي ۾ دنيا جو پنجون نمبر ملڪ قرار ڏنو ويو. 2003ع ۾ چين روس ۽ آمريڪا بعد ٽيون نمبر ملڪ ٿيو جڏهن هن راڪيٽ ۾ خلا ۾ ماڻهو پڻ موڪليا.

گذريل سال تهران ۾ رهائش دوران مونکي اتي جو سب ويل ريل گاڏيون ڏسي حيرت ٿي. ڪو زمانو هو جو اسان ڪئناڊا جون اتم اعليٰ سمجهندا هئاسين..... پوءِ جپان جون ۽ هانگ ڪانگ جون..... اڄ ڪلهه دنيا ۾ ايران جون هي ريل گاڏيون ۽ اسٽيشنون صفائي سٿرائي توڙي سيفٽي ۾ بيسٽ سمجيهون وڃن ٿيون ۽ اهي ريل گاڏيون ميڊ ان چائنا آهن! چين ۾ هلندڙ ريل گاڏيون دنيا ۾ سخت مشغول ترين سمجهيون وڃن ٿيون جن ۾ انڊيا وانگر غريب غربو سفر ڪري ٿو..... جيڪي جپان جي ريلن وانگر ٽائيم جي پابندي رکن ٿيون. چين ۾ 103200 ڪلوميٽر ريل جا پٽا وڇايل آهن ۽ دنيا ۾ ٽيون نمبر ڊگهو نيٽ ورڪ مڃيو وڃي ٿو ۽ ريل ذريعي چين جا سڀ صوبا ويندي هانگ ڪانگ به ڳنڍيل آهي بس فقط "مڪائو پيٽ" ڳنڍيل نه آهي. آئون پنهنجي هانگ ڪانگ واري سفرنامي ۾ لکي چڪو آهيان ته اسانجو جهاز هانگ ڪانگ پهچڻ تي ڪيئن اسان ڪولون جي ريلوي اسٽيشن تان ريل ۾ چڙهي چين جي شهر ڪئنٽن تائين هليا ويندا هئاسين. چين کي جپان جي بليٽ ٽرين وانگر هاءِ اسپيڊ ريل گاڏيون به آهن جيڪي 430 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي حساب سان هلن ٿيون. ان قسم جون ريل گاڏيون بيجنگ، گئانگزو ۽ شينزن جي وچ ۾ هلن ٿيون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيترا ماڻهو اهو ئي سمجهن ٿا ته چين ۾ فقط هڪ چيني ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي پر ائين ناهي. چين جي هر صوبي جي پنهنجي چيني ٻولي آهي جيڪا ٻي صوبي جي چيني ٻولي کان مختلف آهي ۽ هر صوبي ۾ هڪ يا ٻه اهم چيني ٻولين کان علاوه ٻيون ٻه ڪيتريون ئي ٻوليون آهن جن کي ڳالهائڻ وارا ٻه لکين آهن جيئن اسان وٽ سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو کان علاوه سرائڪي، ڌاڻڪي، ڪچي، ميمڻي، اوڊڪي ۽ ٻيون ٻه ڪيتريون ئي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. هن وقت ٻه چين ۾ 292 ٻوليون زنده حيات آهن جن مان ويهارو کان ٻوليون ته ڪروڙين ماڻهو ڳالهائين ٿا، جيئن مندارن، ڪنٽونيز، وُو، هُوڪين، ٽيوچو، هَڪا وغيره وغيره. اهي ٻوليون ڳالهائڻ وارا چيني ملائيشيا، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ ٻه آهن. هو جڏهن پاڻ ۾ ملن ٿا ته ملئي يا انگريزي ۾ ڳالهائين ڇو جو اهي سڀ چيني ٻوليون هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف آهن پر مزي جي ڳالهه اها ته سيني جي لکڻي ساڳي آهي ۽ اها لکڻي شڪلين واري ٿئي ٿي، جيئن اسان وٽ هندي ۽ اردو جي لکڻي مختلف آهي پر ڳالهائڻ ۾ ساڳيون آهن.

چين جا ٻه شهر ٻيجنگ ۽ شنگهائي ٻيحد اهم آهن ۽ هن ڪتاب جي مصنف آفتاب سومرو جو ٻنهي شهرن ۾ وڃڻ ٿيو آهي. اسان کي ٻه انهن شهرن جوهن ڪتاب ۾ پڙهي پنهنجا جوانيءَ جا ڏينهن ياد اچي ويا. جڏهن اسان جو جهاز جپان ۽ ڪوريا ويندي چين جي هانگ ڪانگ ۽ شنگهائي بندرگاهن ۾ پڻ ترسندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن شنگهائي کان ريل رستي ٻيجنگ پهچي ويندا هئاسين انهن ڏينهن ۾ ٻيجنگ کي پيڪنگ سڏيو ويو ٿي جيڪو نالو انگريزن پنهنجي سهولت لاءِ رکيو جيئن ممبئي جو بامبي، ودودرا جو بڙودا، قاهره جو ڪيرو رکيو.

ٻيجنگ 3000 سال پُراڻو شهر آهي جنهن کي اڄ تائين ڪيترن ئي نالن سان سڏيو ويو آهي. هن شهر ٻيجنگ جو نالو 1403 ۾ منگ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گھراڻي جي ڏينهن ۾ رکيو ويو جنهن جي معني آهي اتراهون گاديءَ جو شهر. چيني لفظ جنگ جي معني دارالخلافہ (Capital) آهي. چين جي سوئي گھراڻي هن شهر کي زهوجن (Zhuojun) سڏيو ۽ ٽئنگ گھراڻي جي حاڪمن هن کي فان يانگ (Fanyang). 938 ۾ ٽئنگ گھراڻي جي شڪست تي "لئٽرجن" جي حاڪمن هن شهر جو نالو هڪ دفعو وري پراڻو نالو "نانجنگ" رکيو. منگول سلطنت جي قبلائي خان جو جڏهن چين تي قبضو ٿيو تہ هن بيجنگ جو نالو "خان بالق" (Khanbaliq) رکيو. منگول پوليءَ ۾ "شهر" کي "بالق" سڏين ٿا..... يعني "خان جو شهر".

بيجنگ دنيا جو ٽيون نمبر وڏو شهر آهي جنهن جي اڄ ڪلهہ آدمشماري اڍائي ڪروڙ چئي وڃي ٿي ۽ سڄو شهر 14 ضلعن ۾ ورهايل آهي جيئن ڪراچي 5 ضلعن ۾ آهي. بيجنگ چين جي چئن آڪاڻن شهرن مان هڪ آهي..... پيا ٻي آهن: نانجنگ، لئوينگ ۽ چنگائن (Xian). بيجنگ ۾ يونيسڪو طرفان ست World Heritage Sites آهن جيئن تہ دي فاربڊن سٽي، آسماني مندر (Temple of Heaven) اونهاري وارو محل (Summer Palace)، منگ گھراڻي جا مقبرا، چين جي عظيم ديوار، گرانڈ ڪئنال ۽ Zhoukoudia. هي شيون آڪاڻي تهذيب ۽ عمارتسازي جون نشانيون آهن جن جي بچاء ۽ سار سنپال لاءِ اقوام متحده طرفان ضروري سمجهيو ويو آهي جيئن اسان جي ملڪ جون بہ ڪجهہ شيون يونيسڪو وارن دنيا جي ورثي ۾ شامل ڪيون آهن..... جيئن تہ موهن جو دڙو، ٻڌن جو ڪنڊر تخت ٻائي، ٽئڪسلا، لاهور جو قلعو شالامار باغ ۽ مڪليءَ جو قبرستان.

اسانجي مصنف آفتاب سومري چين جي انهن آڪاڻين شين مان ڪجهہ ڏسي انهن جو احوال پڻ لکيو آهي جيئن تہ "دي فاربڊن سٽي" جيڪو منگ ۽ ڪنگ گھراڻي جي ڏينهن ۾ 1420 کان 1912ع تائين چيني بادشاهن جو شاهي محل هو ۽ هاڻ هي ميوزيم (Place

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

Museum آهي. ذرا سوچيو تہ هن محل ۾ 500 سال شهنشاهن ۽ سندن راڻين ۽ شهزادن شهزادين جا فنڪشن ۽ دعوتون ٿيندیون رهيون. هي محلات ائين آهي جيئن شهنشاهه ايران جو تهران ۾..... جنهن کي ڏسڻ لاءِ روزانو سوين ماڻهو اچن ٿا ۽ اهو سوچين ٿا تہ جڏهن ملڪ جو عوام غربت ۽ ڪسمپرسي جي حالت ۾ جئي رهيو هو تہ ملڪ جا حاڪم ڪهڙي تہ عياشيءَ ۾ هئا. چين جو هي شاهي محل 1406 ۾ ٺهڻ شروع ٿيو ۽ 1420 ۾ ٺهي راس ٿيو. هي 180 ايڪڙن تي آهي ۽ منجهس 980 عمارتون آهن.

بيجنگ کان علاوه مصنف شنگهائي شهر ۾ به ويو آهي. آدمشماريءَ جي لحاظ کان شنگهائي چين جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي. شنگهائي چين جي ايرندي پاسي ان هنڌ تي آهي جتي يانگزي (Yangtze) ندي "چيني سمنڊ" ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. سندس هڪ پاسي جيانگسو (Jiangsu)صوبو آهي تہ بي پاسي زي جيانگ (Zhejiang) آهي. اڳئين زماني ۾ نہ هيون ريل گاڏيون نہ هوائي جهاز ماڻهو پيڙين ذريعي ڏورانهن ڏينهن کان وڃي نڪرندا هئا ۽ دنيا ۾ اهي شهر مشهور هئا جيڪي سمنڊ يا درياهه جي ڪناري تي هئا. سو شنگهائي به بندرگاهه هجڻ ڪري صدين کان مشهور رهيو آهي. ڪي ڪي بندرگاهه جيئن تہ انڊيا جو سورت ۽ گوا، پاڪستان جو ڊيبل وقت سان گڏ ان ڪري به اهميت وڃائي ويٺا جو انهن جي پرسان ممبئي ۽ ڪراچي جهڙا وڏا ۽ سٺائا بندرگاهه وجود ۾ ايندا رهيا، پر شنگهائي شروع شروع کان بلي بلي بندرگاهه رهيو آهي ۽ اڄ به اوج تي آهي جنهن جو ڪراچي، ڪولمبو يا بمبئي بصري جهڙا بندرگاهه مقابلو ڪري نٿا سگهن. شنگهائي ڪنٽينر جهازن کان دنيا جو مشغول ترين بندرگاهه آهي. شنگهائي سياحن لاءِ به پرڪشش شهر آهي جتي ناچ گانا، سنيمائون ٿيٽر، جوا خانن ۽ مئخانن کان علاوه ڏسڻ لاءِ ڪيترين ئي تاريخي شيون آهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيئن ته "هئانگ پُو" ندي وارو ڪنارو جنهن کي اسان ڏاريان The bund سڏيون ٿا، مڪاني چيني ماڻهو وائي تان (Waitan) سڏين ٿا، پُراڻين عمارتن جي ڪري مشهور آهي..... جيئن سنگاپور ندي جي ڪناري تي هاءِ اسٽريٽ. دي بنڊ تي ڪنهن زماني ۾ رڳو بئنڪون ۽ واپاري ڪوٺيون هيون.

شنگهائيءَ ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي تاريخي ۽ تفريحي شيون ڏسڻ وٽان آهن جيئن ته فرينچ ڪنسيشن (Luwan Xuhi) نالي شنگهائيءَ جو هي ضلعو ڪنهن زماني ۾ (Paris of the East) سڏبو هو جيئن حيدرآباد جو علائقو هيرآباد ڪنهن زماني ۾ خوبصورت ترين علائقو هو..... بهرحال اڄ ڪلهه اهو ته نه آهي باقي شنگهائي جو هي علائقو (French Concession) اڄ به ڏسڻ وٽان آهي جنهن جي Xujiahui شاپنگ سينٽر ۾ دنيا جا پنج وڏا شاپنگ مال آهن. شنگهائي جو يانگ پُو علائقو جتي هتي جون مشهور يونيورسٽيون فُودان (Fudan) ۽ ٽونگ جي (Tongji) آهن. شنگهائي جي 120 سال پراڻي يونيورسٽي Jiao Tong ڏارين شاگردن کان دنيا ۾ مشهور آهي جتي هو چيني زبان سکڻ اچن ٿا. ملائيشيا وانگر چين جي به هر وڏي شهر ۾ يونيورسٽيون، ڪاليج ۽ ٻيا تعليمي ادارا وڏندا وڃن. سرڪاري يونيورسٽين کان علاوه ڪيتريون ئي خانگي پڻ آهن جن ما ڪجهه هن ريت آهن:

☆ نيويارڪ يونيورسٽي شنگهائي
☆ East-Sea يونيورسٽي
☆ Sanda يونيورسٽي
☆ شنگهائي Lixin يونيورسٽي آف ڪامرس، وغيره

آفتاب سومرو پنهنجي هن سفرنامي ۾ بئنڪاڪ جو به احوال لکيو آهي. بئنڪاڪ ٿائليند ملڪ جي گاديءَ جو شهر آهي. ٿائليند جي بلڪل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وچ ۾ هجڻ ڪري اسان جي پاسي جون اهي اڏامون جيڪي چين، جپان، ڪوريا ۽ ويندي ملائيشيا وڃن ٿيون اهي بئنڪاڪ ۾ ڪجهه ڪلاڪ ترسندیون وڃن ٿيون. آفتاب جي هوائي جهاز جو چين ڈي ويندي ۽ موٽندي وقت گس بئنڪاڪ وٽان هو سو هن اهو بهتر سمجهيو ته واپسيءَ تي بئنڪاڪ ۾ ڪجهه ڏينهن لاءِ ٽڪي پئجيءِ! اهڙيءَ طرح ڪيس ٽائلنڈ جو هي وڏي ۾ وڏو شهر بئنڪاڪ گهمڻ جو موقعو ملي ويو.

بئنڪاڪ "چائوفرايا" نديءَ تي ائن آهي جيئن اسان وٽ ڪوئٽي، هالا، روهڙي وغيره. سنڌو نديءَ ۾ ته پاڻيءَ جي ڪوٽ ڪري اڄ وڏا ته ڇا ننڍا ٻيڙا به هلي نٿا سگهن جيڪي ڪنهن زماني ۾ عرب، ايران ۽ سلون کان سنڌو نديءَ جي چوڙ وٽ پهچي پوءِ نديءَ ۾ اندر گهڙي ملتان تائين هليا ويندا هئا. ٽائلنڈ جي هن ندي Chao Phraya ۾ ڪافي پاڻي هجڻ ڪري جهازن جي آمدرفت (Navigation) لاءِ ڪارآمد آهي ۽ اسان جا جهاز چائوفرايا نديءَ ۾ اندر گهڙي بئنڪاڪ جي بندرگاهه ۾ اچي لنگر ڪيرائين ٿا. هيءَ ندي بئنڪاڪ شهر جي وچ مان لنگهي ٿي ۽ نديءَ مان نڪتل ڪئنال سڄي شهر ۾ ائين پکڙيل آهي جو ڪيترا ماڻهو بئنڪاڪ جي هڪ علائقي ۾ ان ٻئي ۾ پهچڻ لاءِ ٻيڙين ذريعي سفر ڪن ٿا. ڪنهن زماني ۾ ته بئنڪاڪ کي "اوير جو وينس" سڏيندا هئا، ياد رهي ته اتلي (يورپ) جي شهر وينس جي هر گهٽيءَ ۾ پڪا روڊ رستا نه پر ڪئنال آهن ۽ ماڻهو هڪ گهٽيءَ کان ٻي گهٽيءَ ۾ ٻيڙيءَ رستي پهچن. اڄ کان اڌ صدي کن اڳ جڏهن منهنجو جهاز پهريون دفعو بئنڪاڪ ويو ته ان وقت بئنڪاڪ جي ذري گهٽ اها حالت هئي. پوءِ روڊ رستا ۽ پليون ٺهنديون ويون ۽ هاڻ روز بروز اهي ڪينال ۽ ڊ ٽيندا وڃن، پر اڄ به ٽائي ماڻهو هن درياه ۽ ان جي ڪئنالن جي ڪپن تي رهڻ پسند ڪن ٿا جو هنن کي بات روم، ٽئاليٽ ۽ ڪپڙن ڈوئڻ جي سهوليت رهي ٿي. ان کان علاوه پاڇي پتي ۽ ٻئي سامان جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خريداري ۾ بہ هنن کي سهولت ٿئي ٿي جو سوين دڪانن واريون ٻيڙيون هلنديون رهن ٿيون ۽ گهرن جا ڀاتي ٻاهر نڪري گهر جي ڌڪين تي بيهي انهن ٻيڙين کي سڏ ڪري ضرورت جو سامان خريد ڪن ٿا.

بئنڪاڪ شهر جي آدمشماري هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ چئي وڃي ٿي. بئنڪاڪ مان روزانو ريل گاڏي ٿائلنڊ جو هيٺيون (ڏاکڻو) اڌ لتاڙي ملائيشيا ۾ داخل ٿئي ٿي جتي پينانگ (بٽرورٿ)، اپوح، ڪوالالمپور ۽ "جوهور بارو" جهڙين ريلوي اسٽيشنن تان ٿيندي سنگاپور پهچي ٿي. ملائيشيا ۾ رهڻ دوران ڪيترا دفعا ريل رستي بئنڪاڪ آيس. هڪ دفعو تہ سنگاپور کان بئنڪاڪ تائين 72 ڪلاڪن ۾ پهتس. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هنن سرسبز ۽ جابلو ملڪن ۾ ريل جو سفر بيحد خوبصورت رهي ٿو.

بئنڪاڪ نہ ڪوالالمپور، نئروبي يا اسلام آباد وانگر تازو اڏيل شهر آهي ۽ نہ بنارس، قاهري ۽ ڪيوٽو وانگر اڳاٽو شهر آهي. سيام (ٿائلنڊ جو شروع ۾ نالو سيام هو ۽ اڄ بہ اتي جي مشهور ٻليءَ کي سيامي ٻلي سڏيو وڃي ٿو) جي آيوٿايا بادشاهت جي ڏينهن ۾ يعني 15 صدي ۾ بئنڪاڪ چائو فرايا نديءَ جي ڪناري تي ائين ننڍڙو ڳوٺڙو هو جيئن سنڌو ندي جي ڪناري تي ڊ ٻيلو (ڊيرو). بئنڪاڪ شهر جي شڪل ۾ 19 صديءَ ۾ آيو ۽ صحيح معنٰي ۾ ترقي 1960ع واري ڏهي کان 1980ع واري ڏهي ۾ ڪئي..... هي اهي سال هئا جن ۾ اسان جو بئنڪاڪ ۽ ٿائلنڊ جي ٻين شهرن ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو ۽ اسان خود پنهنجين اکين سان نہ رڳو بئنڪاڪ کي پر ڪوالالمپور ۽ سنگاپور کي ماڊرن ٿيندو ڏٺوسين..... روڊ رستا، بسون، ريل گاڏيون، اسپ لون اسڪول ويندي قاعدا قانون..... هر ڳالهہ ۾ اهي شهر ۽ ملڪ اڳ کان اڳرا ٿيندا ويا..... اڄ اهي شهر يورپ جو ڏبڪ ڏين ٿا اسانجو شهر ڪراچي ۽ ملڪ پاڪستان جيڪو 1970ع واري ڏهي تائين بہ انهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مٽين شهرن کان تہ ڇا پر ڪوريا جهڙي ملڪ کان بہ بهتر هو اهو اڄ ڪيترو پستي ۾ ڪري پيو آهي. ٽائلنڊ ۽ ملائيشيا ۾ جيتوڻيڪ سعودي عرب ۽ ڪويت وانگر بادشاهت قائم آهي پر سڀن سياستدانن، حاڪمن ۽ انهن طرفان مقرر ڪيل سخت قاعدن قانونن، امن امان ۽ انصاف ڪري اهي ملڪ ڪٽان جو ڪٽان وڃي نڪتا آهن. ڪو زمانو هو جو انهن ملڪن جا شاگرد اعليٰ ۽ بهتر تعليم لاءِ اسانجي ملڪ ۾ ايندا هئا..... اڄ اسان جا شاگرد انهن ملڪن ڏي وڃي رهيا آهن. ٽائلنڊ جون پنج پراڻيون يونيورسٽيون بئنڪاڪ ۾ آهن. جن مان ڪنگ مونگڪوت يونيورسٽي آف ٽيڪنالوجي، چولالونگڪارن يونيورسٽي ۽ ماهي دل يونيورسٽي دنيا جي ٽاپ يونيورسٽين مان آهن.

مونکي اميد آهي تہ آفتاب سومرو ٻئي دفعي ٽائلنڊ ۾ ڪجهہ وڌيڪ ڏينهن گذاري نہ فقط بئنڪاڪ جو احوال تفصيل سان لکندو پر ٽائلنڊ جي ٻين شهرن چانگ مائي، سونگڪلا ۽ هانيائي وغيره جو احوال پڻ قلمبند ڪندو. ڪيس هن پيري چين جي ڊاڪٽن شهرن بيجنگ ۽ شنگهائي ۾ رهڻ لاءِ تہ ڪافي ڏينهن ملي ويا پر ٻئي دفعي هو اسلام آباد کان باءِ روڊ چين جي اولهہ پاسي يعني ڪاشغر ڏي بہ وڃي ان پاسي جي چين جو بہ احوال لکندو.

الطاف شيخ

ڪراچي

10 سيپٽمبر 2015ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اِبا! ٹيو چا جو.....!

زندگيءَ جي شروعات ۾ سندس جي باري ۾ پهرين لمحي کان ايريل سوال..... چا آهي؟ چو آهي؟..... ڪڏهن کان آهي..... ايجان تائين تہ سوال ئي آهن! ڪروڙين اربين جواب موجود آهن پر ڪو هڪڙو بہ اهڙو جواب نہ آهي جنهن تي سڀ تہ پري رهيا، پر هوش مندن جي اڪثريت ئي متفق هجي! ڪيترائي نظريا آيا، ڪمال جون ايجادون ۽ دريافتون ٿيون معاملن کي سمجهڻ جا علم وجود ۾ آيا، پر ڪ جا قانون ٺهيا ۽ مخفي علمن ۾ ترقي ٿي پر ڪائنات سوال ئي رهي!

سوچڻ ۽ سمجهڻ وارا غير مطمئن آهن، تشنگي اجان باقي آهي..... سائنس کي جواب گهرجي، فلسفي کي جواب گهرجي..... ممڪن آهي تہ ڪڏهن صحيح جواب، مطمئن ڪندڙ جواب ملي بہ وڃي پو تہ اجاتائين ڪابہ شيءَ حتمي نہ آهي. منهنجي نظر ۾ پريشان بہ اهوئي آهي جيڪو "حق" ۽ "سچ" جي ڳولا ۾ آهي. جنهن وٽ پر ڪ جو ميزان آهي باقي بيا تہ ڪنهن نہ ڪنهن جواب تي متفق ٿي پريشانيءَ کان ڇاسو ڪن ٿا. منهنجي نظر ۾ لاجواب ڪندڙ جواب نہ هجڻ جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ، جن حوالن ۽ بنيادن تي اهي سوال ايرن ٿا، ان جو رموٽ اجا تائين ڪنهن کي هٿ ناهي لڳو. سائنسدان سڏي پيرن سان وجود ڪائنات کي ڳولهڻ ۽ سمجهڻ کي چڏي هيئڙ پوين پيرن تي يعني جتي بينا آهيون اتان کان پنڌتي وڃڻ جي تجربن ۾ رڌل آهن ۽ اهو تجربو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انساني تاريخ جو سڀ کان مهانگو ۽ وڏو تجربو آهي. ڏسون تہ هاڻي سامهون ڇاٿو اچي.

سائنس، علم ۽ هنر وڏي ترقي ڪئي آهي پر اڄ بہ اسان ڪنهن ميوي جا ٻج تہ ڳڻي سگهون ٿا پر ڪنهن ٻج جي اندر ڪيترا ٻوٽا ۽ وڻ آهن، نہ ٿا ڳڻي سگهون!

مون سميت ڪيترن بلڪ هر انسان جي زندگيءَ ۾ ڪيئي اهڙا سٺا، برا، فاعدي مندواقعا ۽ نتيجا ايندا آهن جن کي سمجهڻ کان هو قاصر هوندو آهي. جيڪي هن جي سوچ، خواهش ۽ ڪوشش جي ابتڙ هوندا آهن ۽ بندو سوچي سوچي ٿڪجي پوندو آهي، کيس ڪا شيءَ سمجهہ ۾ نہ ايندي اٿس، شايد اهو ان ڪري بہ هجي جو سائنس، علم ۽ ٽيڪنالوجي اڃا پنڌ ۾ آهي ۽ جيترو پنڌ ڪري بہ چڪي آهي، ان کان ڀلي ڀت اڪثريت واقف نہ آهي.

قصو مختصر تہ منهنجو هي ايران ۽ چين جو سرڪاري دؤرو بہ نہ رڳو مون کي پر ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. ان جا ٻڙي امڪان بہ نہ هيا، اهڙي صورتحال زندگيءَ ۾ ڪيئي دفعا ايندي آهي تہ ڪنهن ڪم يا حاصلات جي لک ڪوشش ڪيو، ان جي نہ ٿيڻ جو ڪو امڪان ئي نہ هجي پر نہ ٿيندو آهي، ڪجهہ بہ ڪيو ۽ وري ڪا شيءَ وهم وگمان ۾ بہ نہ هوندي ان لاءِ ڪا ڪوشش بہ نہ ڪئي وئي هوندي پر اها ضرور ٿيندي ۽ پوءِ ماڻهو ڀلي ڪيڏو بہ پڙهيل، سلجهيل هجي پر وائڙو ٿي ٿو وڃي. ٿيو ايئن جو اڪنامڪ ڪو آپريشن آرگنائزيشن (ايڪو) جنهن جو پاڪستان بہ رڪن آهي، اسان جي دفتر نيشنل بڪ فائونڊيشن کي "تهران انٽرنيشنل بڪ فيئر" جي دعوت ڏني. نيشنل بڪ ڪائونسل ۽ نيشنل بڪ سينٽر ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪتاب جي حوالي سان پاڪستان جو نمائندو اسان جو دفتر ئي آهي.

حسبِ معمول اسان جي دفتر مان شرڪت جي لاءِ چوڌري خالد جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نالو موڪليو ويو. جيڪو اڳ ۾ ڪيترائي دفعا سرڪاري دورا ڪري چڪو هو. سرڪاري دفتر طرفان اهڙن دورن لاءِ ۾ نالا ڏنا ويندا آهن. سڄو زور پهرين خاص نالي تي هوندو آهي ۽ ٻيو نالو ان ڪري ڏبو آهي ته ڪنهن به سبب جي ڪري پهريون نمبر وارو نه وڃي سگهي ته پوءِ ٻي نمبر وارو وڃي. اهڙيءَ طرح منهنجو نالو ٻئي نمبر تي موڪليو ويو. ٽيو ائين جو ان دوران ڪاشف مرتضيٰ نيشنل بُڪ فائونڊيشن جو مينيجنگ ڊائريڪٽر ٿي آيو. هن ٻنهي جا نالا ڪٽي پنهنجو نالو موڪلي ڇڏيو. چوڌري صاحب کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پر هو اهڙو ڪُڇي جهڙي پٽ. منهنجو ته هونئن به نالو صرف خانه پُري لاءِ هيو. اسلام آباد ۾ ڏگهي نوڪري ڪندي مون گهٽو ڪجهه پرايو آهي. هتي پنجاب جو ماڻهو نوڪريءَ ۾ فٽ آهي، هو هر قسم جي مصالحت لاءِ هر وقت راضي. جيستائين ڪم هوندس، اوهان کي بوٽ به هٿن سان کٽي ڏيندو. اسان جو ماڻهو تمام گهٽ مصالحت ڪندو آهي. ٽوري گهٽي تي غصي ۾ گاريون ڏئي دل جي باهه ڪيندو پوءِ کٽي کيس کيڏو به نقصان ٿئيس پوءِ هر ڪنهن کي اها بهادري ٻڌائيندي اسان جي اها طبيعت هتان وارا گهٽي حد تائين سمجهي به ويا آهن ته پنهنجي مفاد ۾ استعمال به ڪندا آهن.

ڳالهه ٽي ڪيم ته ايران وڃڻ وارو قصو ائين ٿڏو ٽي ويو. پر مون چيو ته گهٽن ٽيٽن جي خبر ناهي پوندي ته چو ٽيون؟..... چو نه ٽيون؟ ڪاشف مرتضيٰ تي مالڪ مهربان ٽيو ۽ سندس ترقي ۽ بدلي ٽي ۽ اهڙي طرح "تهران بڪ فيئر" ۾ نيشنل بڪ فائونڊيشن طرفان شروع ۾ موڪليل ٻئي نالا وري حرڪت ۾ اچي ويا.

ڪنهن وقت ۾ ريجنل ڪوآپريشن ڊولپمنٽ (آر سي ڊي) نهي هئي جنهن ۾ پاڪستان، ترڪي ۽ ايران هيو. ايڪو به ان ئي طرز جي تنظيم آهي، بلڪ ان جو تسلسل آهي. هن ۾ ست ايشيا جا ملڪ پاڪستان، افغانستان، ايران، آذربائيجان، قزاقستان، ڪرگستان، تاجڪستان ۽ ٽي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

يورپي ملڪ ترڪي، ترڪمنستان ۽ ازبڪستان شامل آهن. هن تنظيم جي سيڪريٽريٽ ۽ ثقافتي دفتر تهران ۾، اقتصادي امور جو ترڪيءَ ۾ ۽ سائنسي امور جو دفتر پاڪستان ۾ آهي. ملڪن جي ثقافت جي واڌ ويجهه لاءِ، ايڪو ڪلچرل انسٽي ٽيوٽ (اي سي آءِ) ڪوششون وٺندو آهي. اهڙي طرح ايڪو ملڪن جي علم، ادب، فن، فلسفو، راندين ۽ ثقافتي ورثن تي ڪم ڪندي آهي.

جڏهن اسان جا نالا تهران بڪ فيئر مان خارج ڪيا ويا هيا ته هڪ ڏينهن اسان جي دفتر جُي سيڪريٽري مون کي گهرائي چيو ته تنهنجي لاءِ خوشخبري آهي، مان تجربن جي بنياد تي خاموش رهيس ڇو ته مون کي هنن جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ واري ادا جي سٺي نموني خبر هئي. هن چيو ته چين ۾ هڪ مهيني جو ڪورس آهي ان لاءِ جلد ڪر اڄ جو اڄ ڪاغذ جمع ڪراءِ. مون جڏهن ڪاغذ پڙهيا ته ڪاغذن جمع ڪرائڻ جي وقت کي به مهينو گذري چڪو هيو ۽ جڏهن ته ڪيترائي ڪاغذ ۽ سرٽيفڪيٽ ٺهرائي جمع ڪرڻا هيا. مون کي پوءِ خبر پئي ته دعوت گهڻو اڳ پهتل هئي ۽ دفتر وارا اندر ئي اندر پنهنجي پسنديده ڪارندن کي موڪلڻ جي ڪوشش ڪري چڪا هيا، پر انهن ۾ ڪوبه اهڙو نه هو جيڪو معيار تي پورو اچي ۽ جيئن ته هي پاڪستان نه پر چين جا مقرر ڪيل معيار هيا جتي هنن جو حيلو هلي نه پيو سگهي، اهڙيءَ طرح ڪاغذن جمع ڪرائڻ جو وقت هنن ظايع ڪري ڇڏيو ۽ هينئر مونکي لالي پاپ آڇيائون. مون کين سمجهائڻ جي ڪوشش گهڻي ڪئي ته هاڻ ڪو فائدو نه آهي هروڀرو پئسو ۽ وقت ظايع ٿيندو، پر هو صرف ان ڪري زور ڀري رهيا هيا ته ٿيڻو ته آهي ڪونه پر صبحاڻي ڪا آڏي پُڇا ٿئي ته هو اهو چئي سگهن ته اسان هن کي به موقعو ڏنو هو.

قصو مختصر، دفتر انتظاميا جي مجبور ڪرڻ تي نه چاهيندي به مون هڪ ڏينهن ۾ ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو، فوٽو ڪڍرايا،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مختلف قسمن جا دستاويز ٺهرايا ۽ پنهنجي سي وي ۽ دفتري خط "اڪنامڪ افيئرس ڊويزن" (اِي اي ڊي) ۾ جمع ڪرائي آيس. اهڙن سرڪاري دورن جو فيصلو وفاق جو اهو ادارو ڪندو آهي، جنهن تحت گهڻو ڪري ته سيڪريٽريٽ جا ملازم يا جن جي ٺاهوڪي سفارش هوندي آهي اهي چونڊيا ۽ موڪليا ويندا آهن. مان ڪاغذ جمع ڪرائي اڃا دفتر پهتس ئي مس ته انتظاميه کي پريشان ڏٺم، خبر پئي ته جيڪي ڪاغذ مان (اِي اِي ڊي) جمع ڪرائي آيو آهيان، اهي ته منسٽري آف ايڊيوڪيشن کي موڪلڻا هيا، پوءِ انهن جي مرضي ته اهي اڳتي موڪلن نه موڪلن هي ته غلط ٿي ويو! بهرحال ان ئي ڏينهن هڪ خط ذريعي اهي ڪاغذ واپس ڪرايا ويا. الله الله خير سلا. مون کي ڏک ضرور ٿيو ته کيسي مان پيسا به ڀريم ڀڄ ڀڄان به ڪيم..... نتيجو به ٻڙي نڪتو! ڪجهه ئي ڏينهن ۾ مون کان به ڳالهه وسري وئي.

ابا! ٿيو ڇا جو هڪ ڏينهن چيني سفارتخاني کان خط پهتو ته مذڪوره پروگرام "چائنيز ٽريننگ پروجيڪٽ فار گورنمنٽ آفيشلس آف دي ڊولپنگ ڪنٽريز" ٻارهن مئي کان ڏهه جون 2008" لاءِ اوهان کي چونڊيو ويو آهي، وقت بنهه ٿورو آهي. هي هي ڪارروائيون جلد کان جلد مڪمل ڪيو ۽ هن آفيس سان رابطو ڪيو. چيم نه ته ناهي ٿيڻي نه ٿيندي جيڏو زور لڳائڻو ٿوَ لڳايو، ٿيڻي هوندي ته ڪو به روڪي نه سگهندس. مان حيران ۽ ٿورو پريشان به ٿيس ته اهي ايتريون ڪارروايون ايتري مختصر وقت ۾ ڪيئن مڪمل ٿينديون؟ حيران ته اهي به ٿيا جن کي پڪ هئي ته اهو ممڪن ئي نه آهي ۽ هو منهنجي ان وقت جي ڀڄ ڊڪ مان لطف وٺندا هيا. دفتر وارا وڌيڪ حيران ان ڳالهه تي هيا ته جڏهن ته ڪاغذ ان ڏينهن ئي واپس ورتا ويا آهن ۽ اسان جي مجاز وزارت طرفان اجازت ته ڇا ان سلسلي ۾ ڪا لک پڙهه ئي ناهي ٿي ته پوءِ هي ڪيئن ٿيو! مان هتن جي آنڌمانڌ چٽي نموني محسوس ڪري رهيو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هيس. هوڏانهن اِي اي ڊي کان هر هر فون اچي پئي ته مان کين پنهنجا کاغذ پهچايان چو ته هنن کان کاغذ ته اسان جمع کرڻ واري ڏينهن ئي واپس کرايا هيا. نيشنل بک فائونڊيشن ان وقت وزارت تعليم جي هڪ اداري کريڪيولم ونگ جي ماتحت کم کندو هيو ۽ ان جو وڏو عارف مجيد هڪ گندي طبيعت جوماڻهو هيو ۽ اسان جي اداري سان ته هن جو خدا کارڻ کو بغض هيو. مان جڏهن کريڪيولم ونگ سان رابطو کيو ته هنن ٽپ جواب ڏنو ته جيئن ته وقت گذري چکو آهي، ان کري اسان جي اداري طرفان موکليل فائيل هنن بند کري کٽي ڇڏي کري ڇڏيو هيو ۽ هيئنر..... سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. مان مجبورن عارف مجيد ڏي نالو لکي موکليو ته ملڻ ٿو چاهيان ۽ سندس پي اي جي آفيس ۾ انتظار کرڻ لڳس. هن ظاهر آ معاملي جي خبر ورتي هوندي ۽ آفيس وقت ضايع کرڻ چاهي پيو. مون کي اتي ويڻي تقريباً چار ڪلاڪ گذري ويا. ڪڏهن مايوسي ڪڏهن غصو ته اندر وجي ست سُري ٻڌايانس پر الائي ڪهڙو جذبو ائين کرڻ کان روڪي رهيو هيو. ايتري ۾ سائنڻ ياسمين مسعود جيڪا اتي سينيئر آفيسر هئي. مثبت سوچ واري ۽ تعصبن کان پاڪ هئي، (کريڪيولم ونگ سان درسي ڪتابن جي سلسلي ۾ منهنجو ويجهو رابطو هوندو هيو) عارف مجيد جي آفيس ۾ ويندي مون کا خير عافيت پُڇي مون کيس سڄي حقيقت ٻڌائي، اهو به چيو ته خرچ چين جو آهي انهن چونڊيو آهي ۽ اهڙو اطلاع هنن حڪومت پاڪستان کي به ڏنو آهي. مان اوهان کي ٻڌايو آهي بعد ۾ کابه بازپرس ٿي ته مان نه کريڪيولم ونگ جوابده هوندو. حيران ٿيندي هن چيو اهو ته غلط آهي ۽ پوء شايد هن ان تي کارروائي کرائي ۽ مونکي چيو ته سومرا صاحب! فکر نه کر تو کي فائيل ڏيون ٿا. هٿون هٽ کٽي وڃ. ان ڳالهه کي به اڃ منو ڪلاڪ گذري ويو. منهنجو صبر هينئر آخري پساهن ۾ هو ته وري سائنڻ آئي مون کي ڏسي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چيائين تہ اڃان اتي ويڻو آهين، مون چيو ميڊم! مون کي تہ ڪا خبر ناهي تہ ڇا ٿيو. پوءِ تہ صفا باهہ ٿي وئي ڪليل لفظن چيائين تہ بنگلاديش ايئن ئي ڏهيو هو. هن پوءِ پاڻ ئي ڇڪ ڏک ڪري ٿوري دير کان پوءِ اچي مون کي چيو تہ هنن دفتري ڊاکيہ (ڊي آر) جي هٿان هينئر فائيل وزارت موڪليو آهي، تون بہ وڃ. اتي فلاٽي فلاٽي سان مل مان هن سان پنهنجا خدشا ظاهر ڪيا پر هن همت ڏياريندي چيو سپ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو تون وڃ وزارت تعليم ڏي. منهنجي پريشاني ڀيٽي ٽيٽي نہ پر گهڻ رخي هئي، هو ڏانهن اِي اي ڊي وارن جي فون تي فون، پاسپورٽ آسان جا ايراني سفارتخاني ۾.

مان ٽيڪسي ڪري وزارت تعليم پهتس آفيس ٽائيم بہ باقي ڪو بچيو هو. فائل سيڪشن ڪان سيڪشن آفيسر محترم عامر صاحب وٽ پهچرائي، ان سان مليس. هو اتان جي ماحول مطابق ڪم ۾ ڏاڍو مصروف هجڻ جي بهاني هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. مان افسر شاهي جي روين کان پهريون ئي تنگ، سو هن سان ٿوري گهٽي منهن ماري ٿي. مون هن کي چيو تہ اسان اڃوت آهيون؟ ڪيترائي سرڪاري دورا ٿيندا آهن. جن ۾ اوهان پنهنجي پسند جا ماڻهو موڪليندا آهيو. منهنجو هڪ سنڌي ۽ جو پوري نوڪريءَ ۾ هي پهريون دفعو آهي، جو چين وارن سليڪٽ ڪيو آهي. خرچ پکو انهن جو آهي توهان کي ڪهڙي تڪليف آهي؟ وري اهڙو موقعو ملي.الائي نہ ان ڳالهہ تي هو ٿورو ٽڏو ٿيو. مون کي پاڻي گهرائي ڏنائين ۽ چيائين تہ مان بلوچستان (ڪوئٽا) جو آهيان. اسان سان بہ ائين ٿيندو رهيو آهي. مون ڪيس ڏڻايو تہ مان ڇهہ سال ڪوئٽا ۾ رهيو آهيان ۽ هي هي منهنجون اتي جون خدمتون آهن. ان کان پوءِ هن ڪباب کارايا تہ هي ڪوئٽا کان سندس والده موڪليا آهن تون (يعني مان) بہ ڪوئٽا جو سواد تازو ڪر. هن وري چيو تہ هن دفعي تہ مشڪل آهي باقي ڀئي دفعي مان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تنهنجي مدد ضرور ڪندس. مطلب تہ وري لالي پاپ، چو تہ هڪ تہ اهڙا موقعا هر هر ناهن ايندا ۽ ٻيو تہ هي آفيسر هڪ هنڌ ٽڪندا ناهن. مون ڪيس چيو تون پنهنجي سٽ لک ۽ فائيل مون کي ڏي مان پاڻ ٿو صاحبن سان ملان. اهڙيءَ طرح مان فائيل متعلقہ ڊپٽي سيڪريٽري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري ايڊيشنل سيڪريٽريءَ کان صحيح ڪرائي ڪيس چيو تہ هاڻي "جلدي" جي پرچي هٿي سيڪريٽري صاحب ڏي موڪل. هو مون کان پڇندو رهيو تہ "تو کان علاوہ ٻيو ڪير ڪير چوندڙ ويو آهي؟" مون ڪيس چيو "مون کي خبر نہ آهي." بهرحال هن فائيل سيڪريٽري صاحب ڏي موڪليو. اتان ٻہ ايترو جلد فائيل موٽي آيو جو مان پريشان ٿي ويس پر فائيل پڙهندي جڏهن عامر صاحب ڪليو تہ مان سمجهي ويس تہ ڪم ٿي ويو. هو ٻہ آهو جوڙ ڪان رهي نہ سگهيو تہ "يار ڪمال ٿي ويو." ائين ڪلاڪ کان ٻہ اڳ منهنجو فائيل هيٺان کان مٿي ۽ مٽان کان هيٺ منظور ٿيندو آيو. اتي تہ ڏينهن جا ڏينهن، بلڪ مهينن جا مهينا فائيل پيا هوندا آهن. اسان جو ايران وارو فائيل مهيني کن کان سيڪريٽريٽ ۾ پيو هو. بهرحال مان عامر کان اجازت ورتي تہ مون کي اِي اي ڊي وڃڻو آهي انهن کي ڪي ضروري ڪاغذ ڏيڻا آهن. هن وري تاڪيد ڪيو تہ معلوم ڪجانءِ تہ ڪنهن ٻئي جي ٻہ چوندڙ ٿي آهي يا نہ.

هوڏانهن اسان جا پاسپورٽ ايراني سفارت خاني ۾ ويزا لاءِ پيل هيا. اسان ڪيئي دفعا ٽريول ايجنٽ ذريعي ايران جون ٽڪيٽون ڪرايون، پر جيئن تہ وزارت طرفان اجازت نامو اجان نہ مليو هو ان ڪري اسان ٽڪيٽ جا پيسا نہ پيا ڏيون ۽ بنا پيسن جي ٽڪيٽون رد ٿي پيون وڃن. مان ٻہ اهو پئي چاهيو تہ پلي ڪجهہ دير ٿئي تہ مان پاسپورٽ تي چائنا جو ويزا هٽائي وٺان.

مان عامر وٽان اٿي، سڌو اِي اي ڊي پهتس. مان هنن ڪي سي وي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ ڪجهه دستاويز ڏنا. باقي وزارت طرفان ايندڙ ڪاغذ رهيل هيا. مون هنن کان پڇيو ته منهنجا ته ڪاغذ بهواپس ٿي چڪا هيا پوءِ اهو ڪيئن ممڪن ٿيو جڏهن ته منهنجي ڪا سفارش به نه هئي. ٽلهي ليکي ٿيو ائين جو مون جڏهن هنن کي ڪاغذ ڏنا هيا. ته ان وقت هو ڪمپيوٽر تي لسٽ تيار ڪري رهيا هيا ۽ ڪمپيوٽر تي اِلف ب وار ترتيب ۾ ايندڙ نالن ۾ منهنجو نالو ڪاغذن واپس ٽيڻ کان اڳ لسٽ ۾ شامل ٿي ويو هو. ٻئي ڳالهه ته پروگرام زبان جي حوالي سان هو ۽ منهنجي ماسٽرس انگريزيءَ ۾ هئي ٽئين ڳالهه ته واسطي وارا جيڪي معيار تي گهٽي يا گڏي پورا هيا اهي اڳ ۾ ٿي آيا هيا ته هنن هروپرو هيراڦيري نه ڪئي. اتي ئي مون کي خبر پئي ته پوري پاڪستان مان رڳو ڇٽا چونڊيا ويا آهن ۽ مون کان علاوه ٻيو هو عامر صاحب. مون کي پوءِ وڌيڪ چٽو ٿيو ته هو منهنجن ڪاغذن موڪلڻ ۾ ٽال مٽول چو ڪري رهيو هيو. بلڪ اها به خبر پئي ته جڏهن مون سڌا ڪاغذ اِي اي ڊي ۾ جمع ڪرايا هيا ته هنن وزارت تعليم سان رابطو ڪيو هو جنهن تي هو چڙي پيا هيا ۽ ان ڏينهن ئي ڪاغذ واپس ڪرايا هيائون. مان سڌو وري عامر صاحب وٽ آيس ۽ ڪيس خوشخبري ٻڌائي هن فون تي پڪ به ڪئي. مون ڪيس چيو ته هاڻي ته ڪوشش ڪري جلدي جلدي گهربل ڪاغذ اِي اي ڊي موڪل مون ڪيس چئي ڏنو ته هاڻي ته تو کي ڪوئي خطرو ناهي. هن ڦڪي ڪل ڪلي.

ايراني دوڙي جي حوالي سان منهنجي ذمي ويزا هٽائڻ ۽ پاڪستان جي باري ۾ فلمون (سي ڊي) پوسٽر وغيره هٽ ڪرڻ هيا. مان پاڪستان سياحت ڪاتي کان سي ڊيون، پوسٽ ڪارڊ، وغيره هٽ ڪيا. اناويهه اپريل تي ايران ايمبيسيءَ کان ويزا لڳل پاسپورٽ ڪٽي آيس. اڄا تائين وزارت تعليم کان اسان جو اجازت نامو نه آيو هو جيڪو چوڌري خالد جو ذمو هو. چوڌري صاحب پريشان هو. هر هر مون کي اڪسائڻ ۽ جذباتي ڪرڻ لاءِ چئي رهيو هو "سائين! وساري ڇڏ" مان به ڪيس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هر دفعي اهو ئي چوندو هيس "مون تہ ڪڏهن جو وساري ڇڏيو آهي..... تون ئي ياد رکندو ٿواچين تہ ياد ڪرائيندو به ٿو اچين."

اٺنيهہ اپريل تي مان وزارت تعليم کان ڪاغذ ڪڍي اِي اي ڊي پهچايا. مان پوءِ چيني قونصل خاني ويس. اتي ادريس صاحب سان ملاقات ٿي مان هن کي چيو "يار! مان تہ ايران ٿو وڃان ۽ اتان 13 مئي تي واپسي آهي ڇا اهو ممڪن آهي تہ مان ايران مان ئي چين وڃان." منهنجي فل اسٽاپ کان پوءِ هن تڪڙ ۾ چيو "اهي پوءِ جا مسئلا آهن. هينئر پارهن ٽيڻ وارا آهن..... ويزا فارم تي جلد پنهنجو نالو لکڻ ۽ فوٽو هڻ." هو جلدي فارم اندر ڪڍي ويو ۽ ان تي صحيح ڪرائي آيو. پوءِ مون کي اطمينان سان چيائين "پلي ٻہ ڪي ڏينهن دير سان وڃ پر صبحاڻي هر حالت ۾ چائنا ايمبسيءَ ۾ وڃي ويزا هٽائي اچ."

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اوائلي دور ۾ متيءَ مان ٺهيل فوج

ليکڪ عامر ۽ چيني منتظمين سان گڏ اختتامي تقريب ۾



ليکڪ عامر سان گڏ سمر پيلس ۾

لیکڪ ريما، نادير، هلدي سان گڏ بيلارس (منسڪ)
جي شاگردن جي تقريب ۾

لیکڪ هڪ پارڪ ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



ليڪ اختتامي تقريب ۾ چائنا ۾ پاڪستاني ايمبيسيءَ
جي چگي مڙس ۽ عامر سان گڏ

ليڪ وي ويانا ۽ عامر سان گڏ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ليکڪ چين ۾ سائيڪل تي گھمندي

ليکڪ پوري گروھ سان گڏ ديوارِ چين گھمڻ وقت (بيجنگ)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ليکڪ وي ويانا ۾ عام ڏوڏانگ ۾ نهر ڪناري

بند جو رات جي اونداهيءَ کي چيري نڪرندڙ نظارو

ليکڪ جي ٻنهي پاسي نيپالي هنگڪو مارڪيٽ جي ٻاهران بس جي انتظار ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ليڪ مسترزو، وي ويانا ۾ ٻين دوستن سان گڏ شيان ۾

ليڪ هوٽل جي گيلريءَ ۾ (بئنڪاڪ)

ليڪ اندرا مارڪيٽ ٻاهران (بئنڪاڪ)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مسلم گروه سان گڏ مانجهاندي ڪندي

ليڪ گروه جي ڪجھ ساٿين سان ٽريڊ ايڪسچينج عمارت وٽ



ليڪ نادير ۽ هڪ بي دوست سان گڏ نارمل يونيورسٽيءَ جي هڪ لئبريريءَ ۾

سسو گيسٽ هائوس جي لان ۾ ليکڪ وي ويانا سان گڏ

ليکڪ ذوذان ۾ نهر جي پٿ کي ٽيڪ ڏيندي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

30-اپريل

چين جو ويزا

صبح سوير سوير چيني سفارتخاني ويم ۾ ارجنٽ ويزا لاءِ پاسپورٽ جمع ڪرايم. ويزا آفيسر صاحب ناراض ٿي رهيو هو..... "ڪهڙو ملڪ هڪ ڏينهن ۾ ويزو ڏيندو آهي؟" مون ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته مون وٽ صرف اڄ جو ڏينهن آهي، صبحاٽي مون کي ايران وڃڻو آهي. هن مون کان ايران جي ٽڪيٽ گهري جيڪا مون وٽ نه هئي جنهن تي هو چڙي پيو. بهرحال مون کي ان ڏينهن تي چين جو ويزو ملي ويو.

جيئن ته منهنجي ٽڪيٽ اسلام آباد ـ بئنڪاڪ ـ اسلام آباد جي هئي، ڪجهه نيڪ بخت دوستن جو مشورو هيو ته ويندي يا واپسيءَ ۾ بئنڪاڪ ۾ ڪجهه ڏينهن ترسي گهمي وڻان ۽ ان جو ويزو به هتان کان ئي هٽائي ڇڏيان..... مون به سوچيو ته اهو نيڪ آهي ڇو ته وري الائي وڃڻ ٿئي الائي نه؟..... ٿئي ته الائي ڪڏي ٿئي، ٽڪيٽ ته حڪومت چين جي آهي باقي رهڻ کائڻ جو خرچ چين مان بچائي اچبو. ويندي وقت ته بئنڪاڪ ۾ ترسڻ ممڪن نه هو ڇو ته مان هونئن ئي اوڏانهن به ٽي ڏينهن دير سان وڃان پيو.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

3-2-مئي

اسلام آباد کان دبئي - ايران (تهران)

هوڏانهن ايران جي لاءِ وزارت تعليم کان اجازت نامو ملي چڪو هيو اسان پوءِ ٽئين مئي جون ٽڪيٽون کرايون جيڪي اسلام آباد - کراچي - دبئي - تهران ۽ اهڙيءَ طرح واپسيءَ جون هيون. اسلام آباد کان کراچي ۽ کراچيءَ کان دبئي پي آئي اي جي فلائيٽ هئي. ٽئين مئي تي ٽريول ايجنٽ کان خبر پئي ته اڄ سادي ٽئين منجهند واري اسلام آباد کان کراچيءَ واري فلائيٽ رد ٿي وئي آهي.

اسان وري پريشان ٿي وياسون جو ته ان فلائيٽ سان اسان جون باقي فلائيٽس واڳيل هيون. پي آئي اي ۾مان پنهنجي دوست شبير کلو کي ٻڌايو هن چيو ته جنهن فلائيٽ سان بين الاقوامي فلائيٽ ڳنڍيل هجي، ان کي انتهائي مجبوريءَ کان علاوه رد ناهي ڪيو ويندو جو ته اهڙي صورت ۾ فضائي ڪمپني مسافرن کي ڳرو معاوضو ڏيندي آهي. مان ڪيس چيو تون ڪراچيءَ کان دبئيءَ واري اسان جي بڪنگ بحال ڪراءِ باقي اسان ڪراچيءَ کنهن به فلائيٽ ۾ پهچي ويندا سون. هن ٿوري دير کان پوءِ ٻڌايو ته هو ڪراچيءَ کان دبئي واري فلائيٽ ۾ اسان جون ٽڪيٽون پڪيون ڪرائي ٿو ۽ اتي کا مائي صاحبہ پي آئي اي جي ملازم آهي سا رد ڪري ٿي ڇڏي ۽ هوءَ به ٿي دفعا رد ڪري چڪي آهي مون هن کان ڪراچيءَ جي انچارج / اهر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آفيسر جو نمبر ونڊي ان کي فون تي چيو تہ اسان سرڪاري مشن تي ايران وڃي رهيا آهيون، سامان اوڏانهن موڪلي چڏيو آهي، اتي اسان کي سرڪاري ذميواريون ادا ڪرڻيون آهن ۽ جيڪڏهن اسان جي بڪنگ رد ٿي ٿئي، تہ ان جا ذميوار اوهان هوندا ۽ جڏهن مون هن کان ان ليڊيءَ جو نالو ۽ عهدو پڇيو تہ هو گهبرائجي ويو ۽ يقين ڪرايائين تہ اوهان جي بُڪنگ محفوظ آهي. هن کي ڪوبہ لوڏي نہ ٿو سگهي. منهنجي اهڙي دابي تي چوڏري خالد ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دل کولي داد ڏنائين. اسان ..... دبئي ۽ پوءِ امارات ايئر لائن ۾ صبح سوير ايران پهتاسون.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

13-مئي

تهران کان دبئي-اسلام آباد

تهران کان دبئي ۾ اتان پي آئي اي جي فلائٽ ۾ رات 10 بجي اسلام آباد پهتاسين (ايران جي سفر جي روداد منهنجي ڪتاب "*پهرايران کو چلے*" ۾ آهي) هاڻي منهجي سوچن جو محور اڳلو سفر (چين) هيو.

14 مئي

بئنڪاڪ جو ويزا: بئنڪاڪ-چين

اڄان ايران جو ٽڪ لٽو ئي نه هيو، ته وري چين جي تياري. چين جي تياري ته مان اڳ ۾ ئي ڪري ويو هيس، جهڙوڪ ويزا وغيره، باقي ٽڪيٽ، ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جي منظوري ۽ پيا رهيل ڪم قاضي جميل صاحب جي حوالي ڪري ويو هيس. بلڪ ايران ۾ خاص طور چائنا ٽوئر جون ضروري ڪارروايون شايد ممڪن نه ٿين ها جي قاضي صاحب جو ساٿ نه هجي ها. اسان صبح جو نڪرندا هياسين ۽ مختلف آفيسن جون گهرجون پوريون ڪندا رهندا هياسين. (قاضي جميل جابر اسان جي دفتر ۾ ان وقت اسسٽنٽ ڊائريڪٽر هيو) هو پڪو جماعتي ۽ مان سرخو پر اسان جو ساٿ هميشه ٻين کي چُيندو رهيو آهي. هن ۽ منهنجي مفاهمت تي مونکي گوئٽي جو هي قول ياد ايندو آهي. "اختلافي نظرين جي پوئلڳ هوندي ساٿ سلامت هجڻ ئي حقيقي عظمت آهي" بهرحال

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صبح جو آفيس حاضري لڳائي قاضي صاحب ۽ مان نڪري پيا هياسين. پهريائين ٽائي ايمبيسي وياسين ويزا لاءِ اپلاءِ ڪيوسين. اڳي ته پاڪستانين کي به بئنڪاڪ جو ويزا بئنڪاڪ ايئرپورٽ تي ئي لهڻ مهل ڏيندا هئا. پر هاڻي اهو سلسلو بڏو آتو بند ڪيو اٿن. ٽائي ايمبيسيءَ بئنڪ اسٽيٽمينٽ لاءِ چيو مون کين ٽڪيٽن جي ڪاپي ڏني ته منهنجي اڄ بيجنگ روانگي آهي ۽ ايتري ٿوري وقت ۾ بئنڪ اسٽيٽمنٽ حاصل ڪري ايمبيسي پهچائڻ ممڪن نه آهي. بهرحال هنن پاسپورٽ جمع ڪيو ۽ چيو ته ويزا لڳي ويندو. پي کان ٽئين ونگي پاسپورٽ ونجو. پوءِ اسان چائنا ڪائونسليٽ آياسين، جيڪو پڪ ۾ ئي هيو. ادريس صاحب سان ملاقات ڪري، ترقي ٽريول ايجنسيءَ تي آياسين چو ته مون کي واپسي جي ٽڪيٽ جو شيڊول تبديل ڪرائڻو هيو. اتي جنهن همراه (مشرف صاحب) سان پهريون ڀاڪو پولهه ٽيل هئي اهو ڪونه هيو. بهرحال ٽڪيٽ جو شيڊول تبديل ڪرايوسين، يعني يارهين جون تي بيجنگ کان بئنڪاڪ ۽ جيئن ته اتان سورهن جون کان پهرين فلائٽ نه هئي، ان ڪري بئنڪاڪ کان اسلام آباد سورهن جون جي ٽڪيٽ ٿي. مان جڏهن بئنڪاڪ ايمبيسيءَ پهتس اتي اهي ماڻهو وينا هيا جن کي اڄ ويزا ملڻو هيو. شام جا چار ٿي ويا اسين سڀ پريشان ٿي وياسين. پڇا ڪرڻ تي خبر پئي ته جنهن همراه وٽ پاسپورٽ هوندا آهن اهو آفيس واپس ناهي آيو. مونکي پريشاني وراني وئي ته ڪٿي بئنڪاڪ جي چڪر ۾ چين جو دورو به نه رهجي وڃي. اڄ رات تي منهنجي فلائٽ هي ۽ مونکي تياري به ڪرڻي هئي. بهرحال اڏ مني ڪلاڪ کان پوءِ همراه آيو. پاسپورٽ (ويزا لڳل) مليو. گهر اچي سامان ٺيڪ ڪيو. انين وڳي صديق (ڊرائيور) گهر پهچي ويو هيو. ان سان ايئرپورٽ آيس، رستي ۾ دوائون ورتس. چو ته ڊاڪٽر سهيل جي چوڻ مطابق منهنجي سيني جو سور انجائنا جو ٿي سگهي ٿو مون کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اها سيني ۾ تڪليف ايران ۾ ٿي هئي. علاج ۾ لاپرواهي ٿيڪ نہ آهي، جنهن جو تفصيل ايران واري سفر نامي ۾ آهي. بهرحال الله ۾ آسرو رکي هلي پيس. ٽائي ايئرلائين ۾ بئنڪاڪ ايئرپورٽ تي پهتس. منهنجي خيال ۾ ٽائي ايئرلائن ۾ مسافرن جي خدمت سڀ نموني ڪئي وڃي ٿي. پهريائين ته غلط لائن ۾ وڃي بيٺس، رش به ڏاڍي هئي، اڌ ڪلاڪ کان پوءِ جڏهن ڪائونٽر جي ويجهو پهتس ته انهن جي هڪ آفيسر کان پڇيم ان بڏايو ته هن طرف وڃو ۽ اوهان جو سامان اوهان کي بيجنگ ايئرپورٽ تي ملي ويندو. بئنڪاڪ ايئرپورٽ تمام وڏو آهي، هر هڪ فلور تي ڊيوٽي فري شاپ وغيره جا دڪان آهن. هت ۽ دبئي ايئرپورٽ تي سڀ کان وڌيڪ دڪان شراب جا آهن ۽ سستو به شايد شراب آهي باقي هر شيءَ عام دڪانن کان مهانگي آهي. مان بئنڪاڪ ايئرپورٽ تي تقريباً ٻي ڪلاڪ گهمندو رهيس، پر پورو گهمي نہ سگهيس. بن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ بيجنگ لاءِ فلائٽ رواني ٿي ۽ سج لڙي بيجنگ انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي لينڊ نگ ٿي. اتفاق سان ٻئي دفعا مون کي دريءَ واري سيٽ ملي، جتان هيٺ ڏسندي مون اندازو لڳايو ته گهٽي پاڳي هي علائقو پهاڙي آهي. بيجنگ ايئرپورٽ تي ڳالهه سمجهه ۾ نہ پئي اچي ته سامان ڪٽان ملندو ۽ باهر ڪٽان نڪربو. بهرحال هڪڙي همراه کي مان جيتري انگريزي اچي پئي ان جي چوڻ تي ان سان گڏ زير زمين ٽرين ۾ ويٺس مونکي ته ايئن پيو لڳي ته ايئرپورٽ کي چڏي چڪا آهيون پر مِٽي به ماڻ مٽي به ماڻ، چڳي وقت کان پوءِ اسٽاپ تي جڏهن لٽاسين، لڳي پيو ته اهو به ايئرپورٽ جو حصو آهي. تير جي نشانن جي آسرن تي هلندي هلندي سامان ملڻ واري هنڌ پهتس. سامان مليو باهر نڪتس، هڪڙو جوان منهنجي نالي واري تختي کنيون بيٺو هيو. ساهه ۾ ساهه آيو. ڪلاڪ کن ۾ هوٽل تي پهتاسين، هن چيو ته ماني کائو توهان جو سامان ڪمري ۾ پهچايون ٿا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اجان شام جا سادا چھ مس ٿيا هيا، پوءِ خبر پئي ته هنن جو ناشتو چھين کان وڌ ۾ وڌ سادي ستين منجھند يارھين کان پارھين ۾ رات جي ماني ست يا وڌ ۾ وڌ اٺ بجي ختم ٿي. مون هن همراھ، جنھن جو مختصر نالو "زو" هو، کي چيو ته ڏھ منٽ مون کي ڏي مان کارڊ وٺي گھر خير خيريت پڌايان ۽ نمبر ڏيان. مون پھريائين هوٽل جي ڪرنسي ڪائونٽر تان ڪرنسي تبديل ڪرائي، چائنا جي ڪرنسي آهي آر ايم بي جنھن جي يونٽ کي عرف عام ۾ چون ين، هڪ ڊالر برابر هيو تقريباً ست ين جي ۽ ٿلھي ليکي هڪ ين پاڪستاني ڏھن رپين کان ٿورو مٿي هيو. چاليھن ين جو ٽيليفون کارڊ ۽ پنجن ين ۾ هڪ بيئر جو ڊبو پيو. مان دڪان تان به ڊبا بيئر جا ۽ هڪ فون جو کارڊ ورتو. هوٽل جي بوٿ کان فون ڪئي مون کي آواز پڌڻ ۾ اچي پيو. پر گھر وارا شايد منھنجو آواز نه پيا پڌن، پوءِ هوٽل کان ٻاھر واري بوٿ جيڪو ويجھو ئي هيو تان فون ڪري گھر وارن سان ڳالھايم. چائنا حالانڪ ٽيڪنالوجيءَ ۾ به دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن کان اڳتي آهي پر اتي اجان تائين ٽيليفون بوٿ ڪم ڪن ٿا، جيڪي اسان وٽ ڪجھ سال اڳ رستن وغيره تي لڳل هوندا هيا پر هاڻي اهي ناهن. هاڻي ته تقريباً هر ماڙهوءَ وٽ موبائل فون آهي. موبائل فون چائنا ۾ به هيا، پر عوامي سھوليت کي قائم رکڻ لاءِ ئي رستن ۽ عوامي جڳھن تي ٽيليفون بوٿ لڳل آهن ۽ کنھن به دڪان تان کارڊ وٺي فون جي سھوليت حاصل ڪري سگھجي ٿي.

چائنا ۾ موبائل فون تي پڌڻ جا پئسا اجان تائين لڳن ٿا، دنيا جي ٻين به ڪيترن ئي ملڪن ۾ به اها چٽي برقرار آهي. مزي جي ڳالھ ته پاڪستان ۾ موبائل پڌڻ جي چٽي شروع شروع ۾ ته هئي پر هاڻي نه آهي ۽ چگو ٿيو جو اها ختم ٿي نه ته ماڙهو فضول ڳالھيون ڪري نه صرف پڌڻ واري جو وقت ضايع ڪندا رهن ها پر ڪيس مالي نقصان پھچائڻ جي به پروپور ڪوشش ڪندا رهن ها. پر حيرانيءَ جي ڳالھ اِها

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي ته پاڪستان ۾ به موبائل نيٽ ورڪ جي سستي ڪمپني چائنا جي آهي، "زونگ". پر چائنا ۾ ڪابه اهڙي ڪمپني نه آهي جيڪا ايتري سستي هجي يا گهٽ ۾ گهٽ. جيڪا بڊڻ جا پيسا نه وٺي. خبر ناهي! ان وقت اتي سجو چائنا موبائل فون لاءِ لوڪل نه هيو. مختلف ڪوڊ هيا جيڪي نمبر ملائڻ کان اڳ ڊائل ڪرڻا پون پيا. مان پوءِ جڏهن انديا ويس ته اتي به ساڳي صورتحال هئي. اها ڪهڙي پاليسي يا مصلحت آهي، گهٽ ۾ گهٽ مونکي سمجهه ۾ نه آئي. مون هڪ ٻيئر جو ڊپو "زو" کي ڏنو. هن ڪيترائي دفعا منهنجو شڪريو ادا ڪيو.

هوٽل جي هڪ ڊائيننگ هال ۾ اسان جي طعام جو انتظام هوندو هيو. آءُ ڪمري ۾ سامان ڇڏي هال ۾ آيس، اسان کي ٽنهي وقتن جي کاڌي جا ڪوپن ڏنا ويندا هيا ۽ هال ۾ داخل ٿيڻ سان رسيپشن تي ان وقت جو ڪوپن جمع ڪرائڻو پوندو هيو. دروازي سان گڏو گڏ فروٽ رکيل هوندو هيو، جنهن ۾ هنڌاٽي جون ڦاڪون، صوف، سردي، گرمي جون ڦاڪون (مان اڃان تائين سردي ۽ گرمي ۾ فرق ڪري نه سگهيو آهيان) مڪئي، جا ڪچڙا سنگ اپاريل، ونگون، بادرنگ ۽ ننڍڙا ننڍڙا ۽ خوبصورت ٽماٽا به هوندا هيا. ان سان گڏ نوڊل وغيره کي اپارڻ جو انتظام هوندو هيو. به همراه چلهو پاريو بيٺا هوندا هئا. ٽورو اڇتي مختلف ڊش هوندا هئا، صبح جو انڊا، ڪڏهن ڪڏهن مڇي، سبزيون ۽ نوڊلز جوس (تيار ٽيل)، ڪيڪ وغيره موجود هوندا هئا. اهڙيءَ طرح منجهند ۽ شام،..... چوته، ان کي رات نه ٿو چئي سگهجي، ڇهين ستين بجي پلا رات ٿيندي آهي چا..... ۾ ڪجهه اضافي کاڌا به هوندا هئا جنهن ۾ خاص طور بدڪ سوئر، ڪڪڙ وغيره شامل هوندا هيا. بيئر وافر مقدار ۾ هوندو هيو. هر ڊش جي پرسان پلاسٽڪ جي فريم ۾ ڊش جو ليبل لڳل هوندو هيو. هڪ دفعي هڪ ڊش جو ليبل هيو "گڏهه جو گوشت" مان ڪيتري ئي ڪوشش ۽ پاڻ کي دليلن ڏيڻ جي باوجود

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان کي چکڻ جي همت نہ ڪري سگھيس. روسٽ ڊڪ (پڳل بدڪ) جي ته ايتري اهميت آهي جو ڪيترن ئي ريسٽورنٽ جا نالا ان نسبت سان آهن. جھڙوڪ روسٽ ڊڪ ريسٽورنٽ وغيره.

هن پروگرام ۾ تقريبن ٽيهن ملڪن مان، يا يا ماڻهو آيل هيا جن مان ست مسلم ۽ هڪ سري لنڪا جي وشنو مائي هئي، جيڪا ماس نہ ڪائيندي هئي. هر جڳھ تي اسان الڳ ٽيبل تي ويھندا هياسون، ۽ انتظاميہ پريشان ئي رهندي هئي، خاص طور تي جڏهن هوٽل جنهن ۾ رهندا هياسون، کان ٻاهر ڪائڻ جو انتظام هوندو هيو. مان بيئر خوب پيئندو هيس ته اسان جي ٽولي وارا، گھٽو ڪري عرب چوندا هئا تون مسلمان آهين، ڪائين اسان سان گڏ ٿو ۽ وري بيئر جام ٿو پيئين، مان کين مطمئن ڪرڻ لاء چوندو هيس ته مون کي بلڊ پريشر ۽ گردن جو مسئلو آهي سو ڊاڪٽر جي اجازت ۽ هدايت تي بيئر ٿو پيئان. حيران ته هو سري لنڪا جي مائيءَ تي يا ٽيندا هئا، ته آهي سبزي خور پر، بيدا پنج پنج ڪايو وڃي ۽ باقي يا ايترو ڪائيندي هئي جو توبهن ۽ وري چوي ته هت ته بک مرٽو ٿو پوي.

بيجنگ ۾ اسان جي رهڻ جو بندوبست "روئي چنگ Rui Cheng هوٽل ۾ ڪيو ويو هو. پروگرام جي شروعات منهنجي پهچڻ کان اڳ يعني ٻارهين مئي تي ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ رجسٽريشن، افتتاحي تقريب، (بينڪٽ) ۽ گروپ فوٽو ٿيا هيا. رجسٽريشن ته مون پهچڻ سان ڪرائي هئي، باقي ٻيا فنڪشن ته گذري چڪا هيا. مان رات جي ماني سادي چهين بجي ڪاڏي..... اتي ئي هال ۾ عامر سان مليس، جيڪو ٻہ ٽي ڏينهن اڳ اتي پهچي ويو هو. ان کان ٿوري گھڻي معلومات وٺي، ڪمري ۾ آيس. ڪمرو ٺيڪ هيو ايترو سوڙهو نہ هيو جيترو جپان وغيره جو ٻڌايو ويندو آهي. ٻہ سنگل بيڊ هيا، هڪ ٽيبل، ٻہ ڪرسيون، ڪبٽ، بيڊ جي سامهون ويڪرو آئينو ۽ ان سان لڳل ٽيبل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊگھي پٽي جي شڪل ۾، هڪڙو ننڍو فرج، هڪ پاڻي گرم ڪرڻ جو جگ، پيئڻ جون چار بوتلون، سبز چانهن ڪافيءَ جا ساشا وغيره موجود هوندا هيا.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

15-مئي

چين ۾ پهريون ڏينهن - ڪلاس

صبح جو اٿي ناشتو ڪري، تيار ٿي ليڪچر هال ۾ پهتس. اڃان تائين گروپ سان فري نه ٿي سگهيو هيس، جيتوڻيڪ ناشتي تي رسمي سلام دعا ٻه ٿي هئي. مان محسوس ڪيو ته هنن سيني ٻه منهنجي باري ۾ اهوئي تاثر ورتو آهي جيڪو عام طور منهنجي حوالي سان ورتو ويندو آهي، يعني اجنبي ماڻهوءَ سان مان هڪ دَم فري ٿي نه سگهندو آهيان ۽ اهو مون کي "مغرور" سمجهندو آهي ۽ فري ٿيڻ کان پوءِ حد کان وڌيڪ پنهنجو سمجهندو آهي. بهرحال مون ڪوشش ڪئي ته ان رڪاوٽ کي ٽوڙڻ جو هي بهترين موقعو آهي. مون ڪوشش ٻه ڪئي پر وري زبان جو مسئلو، مون سوچيو اڏو گابري انگلش مان ڪم هلي ويندو، پر اڏو گابري انگريزي ٻه تمام گهٽ ماڻهن کي پئي اچي.

مان وري عام سان مليس، هو ٽورو رکو رڪو لڳو پئي، خير ڪجهه ته سيڪريٽريٽ ۾ سيڪشن آفيسر هئڻ جي هوا اڃان سندس دماغ ۾ هئي پر اصل ڳالهه هيءَ هئي ته همراهه جيئن ته اڳ ۾ پهتو هيو سندس واقفيت گروپ جي هڪ چوڪري وي ويانا سان ٿي هئي. مزي جي ڳالهه ته هوءَ قد جي ڊگهي، هي پورو پنو. وي ويانا چليءَ (امريڪا) جي هئي. هوءَ پيشي جي لحاظ سان وڪيل هئي، ڪيس انگريزيءَ کان علاوه چيني ٻولي ٻه سٽي ايندي هئي، سو همراهه جي ترجيح ان سان وڌ ۾ وڌ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وقت گذارڻ هوندي هئي. شروع شروع ۾ مون کي تڪليف ٿيندي هئي ڇو ته منهجي اڃا ڪنهن سان گهرائي نه ٿي هئي، ۽ ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ گروپ جا اڪثر ماڻهو گهمڻ ڦرڻ ويندا هئا. مون کي نه بولي اچي نه رستن وغيره جي خبر. شروع وارن ڏينهن ۾ مان ويجهي ويجهي آبادي ڏانهن نڪري ويندو هيس، ڪوشش ڪندو هيس ته هڪ رستي کان ويجي ۽ ٻئي کان موٽجي. جيڪڏهن ڪٿي منجهي پوندو هيس ته هوٽل جو ڪارڊ (جيڪي مان وافر مقدار ۾ کڻندو هيس). جنهن جي هڪ پاسي ايڊريس فون نمبر هوندا هئا ته ٻئي پاسي نقشو. اهو ڪارڊ ڪنهن کي ڏيڪاري اشارن اشارن ۾ رستو معلوم ڪري وٺندو هيس.

هوٽل ۾ ايئرڪنڈيشن ته لڳل هئي پر نه جهڙي. حرام جو اڪثي وڌي، ڪيئي دفعا هوٽل وارن کي چيم به، پر اها ڇڻ هڪڙي هند ڪاٽل هئي. ڪڏهن ڪڏهن پگهر سڪندو ئي نه هيو. اسان ماڻهو هر شيءَ جي انتها جا قائل، گرمي ته انتها، سردي ته انتها، پيئبو ته هوش کان نڪرڻ کا پوءِ به پيئبو (کهڙي خبر ٻيهر ملي الائي نه!) سياري ۾ به اي. سي. هلائي ڪمبل پائي سمهبو ۽ فخر سان واڪاڻ ڪبي ڇا ڪيون يار عادت پئجي وئي آ..... اي. سيءَ. کان سواءِ ننڊ اچي ئي ڪونه. هتي نه رڳو چائنا ۾ پر ان پوري بيلٽ انڊوچائنا ۾، اي. سي، فرج وغيره جو گهٽ ۾ گهٽ استعمال، پاڻي نيم گرم، ان ۾ ڪنهن نه ڪنهن ٻوٽي جا بج يا پتا وجهي ڏڪ ڏڪ پيو پئبو.

اسان جو ليڪچر ۽ هوٽل جو هڪڙو حصو ئي هيو. هوٽل جي گرائونڊ فلور تي مساج گهر هيو، انهن جي پرائيويسي رکڻ لاءِ عارضي پارٽيشن ڪئي وئي هئي. اتي سڄي ماحول ۾ ليڪچر معلوماتي (چائنا جي باري ۾) پروگرام ٿيندا هيا. عموماً صبح جو نائين بجي سلسلو شروع ٿيندو هيو ۽ ڪوشش ڪري سڀ وقت تي اچي ويندا هيا. ٻارهين بجي لنچ ۽ وري ٻي بجي ڪان چئين بجي تائين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هال ۾، جيڪڏهن ڪاڏي ٻاهر وڃڻ جو پروگرام نه هوندو هيو ته. اڪثر پروگرام هوٽل کان ٻاهر جا هوندا هيا. نائين کان ٻارهين جي وچ تي ڏهن کان پندرهن منٽ چانهن جو وقفو ڪيو ويندو هيو. هونئن ته هال ۾ ئي هڪ پاسي پاڻيءَ جون بوتلون، گرم پاڻيءَ سان پريل ٽرماس چانهن، ڪافي بسڪيٽ رکيل هوندا هئا. جنهن محل دل چوي استعمال ڪندا هياسين.

اسان جي پروگرام ۾ چائنا خاص طور تي ۽ جنهن جنهن شهر ۾ رهون پيا اُن جون تاريخي جايون، مشهور جايون ۽ نئين ترقي ورتل ماحول کان واقف ڪرائڻ هيو. شايد هنن پوري پروگرام جو ٽائيم ٽيبل هر هڪ کي ڏئي ڇڏيو هيو ۽ عموماً ان پروگرام تي عمل ٿيندو هيو، جي ڪا اتفاقي قير قار ٿيندي هئي ته اڳواٽ ٻڌائي ڇڏيندا هيا.

هوٽل کان ٻاهر جي پروگرامن لاءِ به بسون هونديون هيون، جن ۾ وقت تي پهچڻو هوندو هيو، پر پوءِ به ڪجهه دوست ٿوري گهٽي دير ڪندا هيا. واپسيءَ لاءِ تاڪيد به ڪيل هوندو هيو ۽ اسان پاڻ به ڪوشش ڪري وقت تي پهچي ويندا هئاسون، اهو سوچي ته جي مقرر جڳهه تي وقت سر نه پهتاسون ته ممڪن آ هو هليا وڃن ۽ پوءِ مفت جي خواري ڏسٽي پئي.

بسن ۾ اسان بين الاقوامي ثقافت طور ويهندا هئاسين، هر طرف به سيٽون هونديون هيون، ظاهر آ جن جي پاڻ ۾ هم آهنگي هوندي هئي، اهي گڏو گڏ ويهندا هئا، پر اتي به مون محسوس ڪيو ته مرد ڪوشش ڪندا هيا ته ڪنهن نه ڪنهن چوڪريءَ يا مائيءَ سان گڏ ويهن. ظاهر آ هوئه ته ڪو نه ڪندين، چو ته نه ڪرڻ بين الاقوامي اخلاقيات جي خلاف آهي. جي هڪ ٻئي جي بولي سمجهه ۾ ايندي هئي ته گڏ ويهي حال احوال ڪري ونڊا هيا نه ته، اسپيڊ بريڪر ۽ جهاڪي جي انتظار ۾ پر ظالمن اهڙا ته روڊ ۽ وري گاڏيون ٺاهيون آهن، حرام جو ڪو جهاڪو اچي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون کي حيران ان ڳالهه ڪيو ته انتظاميه جيڪا اسان ست ماڻهن کي سنياليو پئي اڃي بلڪل نوجوان هئي، ائين به ڪونه هيو ته ڪو هڪ اڌ پوڙهو به هجي، نه نه بلڪل نه ۽ وري سڀ جا سڀ ذميوار ۽ بااخلاق. اسان وٽ ته عموماً مرڻ ڪنڊيءَ وارا پوڙها ۽ پوڙهيون هوندیون، جواز هوندا، ته متان پروگرام ۾ ڪاڪوتاهي نه رهي، نوجوانن کي تجربو ناهي، کين اهو ڪير سمجهائي ته نوجوانن کي موقعو ملندو کين ڪا ذميواري ڏيبي ته تجربو حاصل ڪندا. بهرحال چائنا جي ترقي جا اتي ڪيترائي جواز ڏسڻ ۾ آيا، جن کي اسان وٽ بي دردي ۽ بي شرميءَ سان لتاڙيو ويو آهي. چائنا جي ترقي جا ڪيترائي سبب آهن پر مان سمجهان ٿو هنن قوم جي جيڪا تربيت ڪئي آهي ۽ جنهن تي پوري آبادي مسلسل قائم آهي اهو ئي مکيه سبب آهي. هتي تقريباً هر ماڻهو ڪم ڪري ٿو ظاهر آ ته مفت خوريءَ جو تصور ختم ٿي وڃي ٿو. اهو بلڪل آهي ته هت سرڪار وس آهر سهولتون فراهم ڪري ٿي ۽ اهي شهرن ۽ ڳوٺن کي ضرورت ۽ انصاف جي بنياد تي ميسر ڪيون وڃن ٿيون. ڳوٺن جي جنسن کي شهرن تائين ۽ ٻين ملڪن تائين پهچ جون سهوليتون مهيا ڪيون وڃن ٿيون. مون ڏٺو ته اتي مزدور به پاٽي خريد ڪري پيئي ٿو. ان جا مختلف سبب ٿي سگهن ٿا، جهڙوڪ پيئڻ جي پاڻيءَ جو عام نه هجڻ، يا مزدوري ايتري هجي جو هو بهتر پاڻي خريد ڪري پي سگهن.

اسان جي هوٽل کان ٿورو پري هڪ وسيع عمارت هئي جنهن جو وسيع علائقو خالي هيو ان کي لوهي شيخن سان محفوظ ڪيو ويو هو. ان ۾ اندر به مجسما نظر ايندا هئا. مان روز انهن کي ڏسندو هيس ۽ اتان لنگهندي سوچيندو هيس ته انقلابي هيرن جا مجسما هوندا. اهي روڊ کان ٿورو پري هوندا هيا. ڪميونسٽ سياست سان دلچسپي هجڻ ڪري هڪ ڏينهن بيهي غور سان انهن کي ڏسڻ لڳس ته متان سندن نالن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي کا پٽي وغيره لڳل هجي، مونکي محسوس ٿيو ته انهن ٻنهي جي جسامت ۾ پهريون کان کجهه فرق آهي يعني جهڙا روز هوندا آهن اهڙا ناهن. مان جڏهن غور سان ڏسڻ لڳس ته مان حيران ٿي ويس ته اهي مجسما نه پر سيڪيورٽي گارڊ هيا، اهو به شايد ان ڪري محسوس ڪيم جو اتي بيهي ڪين غور سان ڏسڻ جو شايد هنن نوٽس ورتو هيو. چا ته نظم ۽ ضبط آ! اسان جو بينڪ جو سيڪيورٽي گارڊ هٿيار ڪرسيءَ تي رکي صاحبن جي خدمت ۾ مصروف هوندو. مان پنهنجي آفيس جي سيڪيورٽي گارڊ کي ڪيترائي دفعا غائب يا غائب دماغ ڏٺو آهي.

مون اهو پئي چيو ته اسان جي پروگرام جي نوجوان انتظاميه نه صرف اسان کي پئي سنياليو پر خير خوبيءَ سان پروگرام کي به هلايو پئي. هو اسان سيني جي مدد به ڪندا هيا، اسان سان هلڪي ڦلڪي وندر به ڪندا هيا. هنن کي هوٽل ۾ به ڪمرا مليل هيا جن کي هو آفيس سيڪريٽريٽ طور استعمال ڪندا هيا. هنن وٽ انٽرنيٽ جي سهولت هئي ۽ اسان مان ڪيترائي دوست اها استعمال ڪندا هيا، جڏهن ته هنن کي ان ئي ڪمپيوٽر تي ڪيترائي ڪم ڪرٽا هوندا هئا. جهڙوڪ پروگرام جي رڪارڊنگ، فوٽو ڪاپيون وغيره. اها خبر نه هوندي هئي ته هو سمهن ڪهڙي مهل ۽ اٿن ڪهڙي مهل ٿا. بهرحال، جيستائين اسان جاڳندا هياسون هو جاڳيل هوندا هئا ۽ صبح جو اسان کان اڳ ۾ تيار.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

16مئي

رينمن يونيورسٽي جو دورو

اڄ اسان جي پروگرام ۾ رينمن يونيورسٽيءَ جو دورو ۽ اتان جي استادن! ۽ شاگردن سان ڳالهه ٻولهه شامل هئي. تقريباً اسان ڏهين بجي يونيورسٽيءَ پهتاسين، اسان جي استقبال جو اڳ ۾ ئي بندوبست ٿيل هيو. اتان جي سڀڀٽن شاگردن ۽ شاگردياڻين اسان جي بهتر انداز ۾ آجيان ڪئي، اسان کي يونيورسٽيءَ جي اندر ئي ماني کارائي وئي. ظاهر آماني ته هئي ڪو نه، پلا ڪٽي سمجهو ته مانجهاندو ڪرايو ويو.

هن يونيورسٽيءَ کي "پيپلز يونيورسٽي آف چائنا" به چوندا آهن. هن يونيورسٽيءَ ۾ تحقيقاتي طريقي تي زور هوندو آهي هتي گهڻي ياڳي سماجي سائنسز جا مختلف مضمون پڙهايا ويندا آهن، پر ڳڙو ڳڙ طبعي سائنسز جا مضمون به پڙهايا ويندا آهن. اوائلي دور ڪان تعليم سان چائنا جي دلچسپي ۽ وابستگي جو اندازو لڳايو ته هيءَ يونيورسٽي 1937ع ۾ ان وقت ٺهي جڏهن جپان جي اڳرائيءَ خلاف چائنا مزاحمتي جنگ ۾ مصروف هئي ۽ آزاديءَ ڪان پوء (پيپلز ريپبلڪ آف چائنا) سڀ ڪان پهريون هن يونيورسٽيءَ کي ٽاهيو ۽. 1950ع ۾ هن جو نالو (Remin University) رينمن يونيورسٽي رکيو. هيءَ يونيورسٽي چين جي اندر سوشلسٽ تعليم جو مرڪز سمجهي ويندي آهي. هيومنٽيز ۽ مينيجمنٽ سائنسز ڪان علاوهٔ هيءَ يونيورسٽي مارڪسزم جي اعليٰ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تعليم ۾ سوشلسٽ سماج جي اڏاوت جي وڪالت ۾ ڪوششن ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. ٻين ڪيترين ئي يونيورسٽن جيان هيءَ يونيورسٽي به پنهنجي پروگرامن لاءِ انٽرنيٽ ۾ اليڪٽرانڪ ميڊيا استعمال ڪندي رهي آهي، جڏهن ته حيرانيءَ جي ڳالهه اها آهي ته چائنا اندر انٽرنيٽ تي سخت پابنديون آهن ۾ نه ته ان جو حصول اتي آسان ۾ نه ئي سستو آهي. مزي جي ڳالهه ته اتي موبائل تي اڃا تائين (انڪمنگ) جا به پيسا لڳن ٿا ته علائقي جو ڪوڊ به. ان حوالي سان پاڪستان دنيا جو خوش نصيب ملڪ آهي، جتي انٽرنيٽ ۾ موبائل انتهائي سَستي ۾ آسان آهي. هن يونيورسٽيءَ جا ڪيترائي اسڪول ۾ تحقيقي مرڪز آهن. هن يونيورسٽي جي صرف قانون واري اسڪول جا پنجاه ڪن تحقيقي مرڪزن جا ڪيترائي بين الاقوامي معيار جا عملي منصوبا آهن. جنهن ۾ معذورن جا قانون ۾ قانوني خدمتون وغيره به شامل آهن. جيڪي ماڻهو "دي جيورسٽ" رسالي کان واقف آهن. انهن کي خبر آهي ته اهو دنيا جو مڃيل واحد قانوني رسالو هن ئي يونيورسٽيءَ مان نڪرندو آهي. ان کان علاوه يونيورسٽيءَ جي قانون جي اسڪول جي لائبريريءَ ۾ ٽن لکن کان وڌيڪ قانوني ڪتاب ۾ هزارن جي تعداد ۾ قانوني رسالا مختلف زبانن ۾ موجود آهن. "فرنٽيرس آف لا ان چائنا" دنيا جي مختلف ڪنڊن ۾ پهچندڙ رسالو به. هن ئي يونيورسٽيءَ مان نڪرندو آهي. چائنا سول ۾ ڪمرشل لا ويب سائٽ به هن يونيورسٽيءَ جي آهي. هن يونيورسٽيءَ جي قانون واري فيڪلٽي ايتري ته مظبوط آهي جو چائنا اندر قانون جي بالادستي ۾ مختلف قانوني خدمتن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. هتان جا پروفيسر ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اهم اداري مرڪزي ڪاميٽيءَ جي پوليٽيڪل بيورو ۾ پيپلز ڪانگريس جي اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ ڪي تجويزون ۾ پاليسيون ڏينڊا آهن، جن کي انتهائي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي. بلڪ ايئن چوڻ ۾ ڪو وڏاءُ نہ آهي تہ چائنا اندر قانون جو احترام ۽ قانون جي بالادستي قائم آهي. ان ڪري ئي يونيورسٽي گهمندي اسان کي اندازو ٿي رهيو هيو تہ هتان جا تعليمي ادارا شاندار ترتيب ۽ نظم سان ناهيا ۽ هلايا ٿا وڃن. مختلف فيڪلٽيز جي شاگردن کي گڏيلَ سهولتون پهچائڻ جي ترتيب جهڙوڪ لائبريري، فوٽواسٽيٽ ۽ ڪينٽين وغيره. انتظاميہ سان ملاقاتن ۽ انهن طرفان مليل معلومات يقين ڏيارڻ لاءِ ڪافي هئي تہ هتي ڪم ايندڙ تعليم، بهتر انداز ۾ سائنسي بنيادن تي فراهم ڪئي وڃي ٿي. اسين شام ڌاري واپس آياسين. عين اسلامي اصول تي سوير ماني کائي صبحاڻي ٽيڻ جو انتظار اکين ۾ سانديِ ڪمرن پيڙا ٿياسين، ان ڪري جو صبحاڻي اسانجي پروگرام ۾ دنيا جي عجوبن منجهان هڪ مشهور عجوبو "ديوارچين" گهمڻو هيو. ديوار چين جنهن جي باري ۾ ننڍ پڻ ۾ پڙهيو گهٽ ۾ وڌو گهڻو هيوسين، تہ چنڊ تان دنيا جي هڪڙي شيءَ ئي نظر ايندي آهي ۽ اُها آهي "ديوار چين".

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

17-مئي-

ديوار چين او ماءِ گاڏا!

اسان نهي سنپري اچي گاڏين (بسن) ۾ ويناسين. ڪيترائي ماڻهو اڄ دير سان بسن ۾ پهتا شايد خاص تياريءَ ۾ مصروف هيا. جيئن جيئن ايندا پيا وڃن تہ محسوس ٿيو تہ صرف ڪجهہ ماڻهو ئي هٿين خالي آهن. باقي هر همراهہ ڪي ننڍو وڏو ٿيلهو جنهن ۾ ڪيمرا، دوربين، موبائل چارجر سميت، آءِ پوڊ خوشبو وغيره هيون. عورتن ڪي تہ خير هر وقت پرس هوندو آهي پر هيئنر مردن بہ سوائي تياري ڪئي هئي.

اسان جيئن ئي بسن ۾ چڙهنداهياسين تہ هڪ هڪ پاٽيءَ جي ننڍي بوتل ملندي هئي ۽ ان کان پوءِ بہ جي ضرورت پوي تہ پاڻي ملندو هيو. مان تہ خير ڪيئي بوتلون پي ويندو هيس. اسلام آباد ۾ بہ منهنجو نائب قاصد منهنجي پاڻي پيئڻ واري حرڪت مان تنگ هوندو آهي. اتي (آفيس ۾) مون ان جو حل اهو ڪڍيو تہ پاٽيءَ جو ڪولر پرسان رکندو هيس وقفي وقفي سان گلاس پري پيئندس نائب قاصد ڪي ڏينهن ۾ بہ دفعا ڪولر پرڻ جي تڪليف ڪرڻي پوندي هئي.

گاڏيءَ ۾ هڪڙو وڇولي عمر جو همراهہ اسان جو گائيڊ هو. خير انڊو چيني نسل جي عمر جي خبر تہ پوندي ڪونهي پر وڇولي عمر جو ئي هوندو.

هن ديوار چين جو هلڪي ڦلڪي انداز ۾ تعارف ڪرايو. هلڪي ڦلڪي انداز ۾ ان ڪري جو اسان جون بہ بسون هيون ۽ ظاهر آهہ وقت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ھر ھو ھڪ بس ھر ئي موجود ٿي سگھيو پئي. بھرحال ھل ھلان ھل ھلان ڪيترائي ننڍا وڏا علائقا ٽپندا ھڪ ميداني علائقيءَ ھر پھتاسين، اتي ھڪ ھوٽل "بادلنگ ريسٽورنٽ" ھر مانجھاندو ڪرايو ويو. اتي وري ساڳيو مسئلو مسلمان چا ڪائن؟ جيئن ته ماني تي جلدي صلح ٿي ويندو آھي (جيتوٽيڪ جنگيون، فساد ۽ قڏا به مانيءَ تي ٿيندا آھن). جڏھن اسان ننڍا ھوندا ھياسين ته اسان جو ھڪ پاءُ جنھن به ڳالھ ڪان رسي ماني نه ڪائيندو خاص طور عيد وغيره تي. گھروارا ھر شيءَ مان ان جو حصو رکي ڇڏين ته جڏھن ڪاوڙ ختم ٿيندس ته ڪائيندو. جڏھن ته ان دوڙ ھر فرج وغيره به ڪونه ھوندا ھئا. حصي رکڻ واري عمل ھمراه کي ھٿي ڏني ۽ ھو ھروپرو به ڪاوڙجي پوندو ۽ گھروارا ايلاز ۽ منٽون ڪندس ابا سياڻو ٿي ماني کاءُ روزيءَ جو کھڙو ڏوھ، روزي موٽائبي آ؟ ڏوھ ٿيندو آ..... وغيره وغيره. جيئن ايلاز ڪندس تيئن ھمراه وڃي آکڙبو. مون گھر وارن کي ڏاڍو سمجھايو ته‌جي توھان چاھيو ٿا ته‌ھو ماني کائي ته پوء ڪيس ايلاز نه ڪيوس پر ھو ڳالھ سمجھن چا..... ھڪ ڏينھن ھمراه ڪاوڙجي پيو ۽ اعلان ڪيائين ته ماني نه ڪائيندس. مون ڪائنس شرع شريعت مطابق ٽي دفعا پڇيو ته ماني ڪائيندين؟ مان جيئن پچانس تيئن وڃي آکڙبو. مون چا ڪيو جو باقي ننڍن پائرن ۽ پفاٽن کي ويھاري اھا ماني کارائي ڇڏي! بک ته ظاھر آ ڪنھن ڪاوڙ جي محتاج ناھي ھوندي . مون کي ھمراه جي ردعمل جو انتظار ھجي، سو رات جو ننڊ به نه ٽي آئي. اڌ رات جو بورچيخاني ھر کڙڪا ٿيا. مان ڪجھ وقت خاموشيءَ سان مزو پئي ورتو پاءُ اسان وارو ڪڏھن کھڙي ڪنڊ پيو ڳولھي ڪڏھن کھڙا برتن، ماني ھجي ته ھمراه کي ملي نه! آخر مان پڇيومانس "اداڇا ٿو ڳولھين". "تون چپ ڪر تو سان مان ڳالھايان ٿو چا، مان پاڻي ٿو پيئان" ڪاوڙ ھر چيائين. مون کيس پيار سان معلومات ڏني مانس، ته "جي ماني ٿو ڳولھين ته اھا ته ٻارن کائي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چڏي، سمهي نند ڪر. صبح جو نيرن ڪجاڻ هڪ ويلو نہ ڪائڻ سان ماٺھو مري ڪونہ ويندو" همراہ هيو بلڪل وڙھڻ جي تياريءَ ۾ پر الائي ڇا سوچي وڃي ڪٽ پيڙو ٿيو. اهي ڏينهن اهي شينهن همراہ مانيءَ کان ناراض ٿيڻ چڏي ڏنو. باقي ڪنهن چٽي ڇھ مائي ياد تازي ڪري وٺندو هو.

هتي به مون ڏٺو تہ همراہ هرويرو قڏو پيا ڪن، تہ مان ان ئي گروپ (مسلم) جي هڪ رڪن طور اعلان ڪيو تہ ڪائي ڳالھ ناهي اسان رات هلي هوٽل تي ڪائينداسين. اتي همراہ پريشان ٿيا، مون کي چوڻ لڳا "ڪمال ٿو ڪرين، اڃان تہ ديوار چين تي چڙھڻو آهي". مون چيو "خير آ باقي جهاد ڪيئن ڪندئو"؟ قصو مختصر تہ همراہ صرف چانورن ۾ بيضن (اهي به الائي ڇاجا) تي راضي ٿيا ۽ الڳ ٽيبل جي مطالبي تي زور ڏيڻ لڳا. اسان جي گائيڊ جو نالو تہ الائي ڇا هيو پر اسان کيس "او ماء گاڊ" جي نالي سان اڃ تائين ياد رکيو اچون. هو دلبر ماٺھو هيو. هر نئين ۽ خاص ڳالھ تي هڪ مخصوص انداز ۾ ٽڏو ساھ پري چوندو هيو "او ماء گاڊ". هن اسان کي ديوار چين جي تاريخ ٻڌائڻ کان اڳ ڪيتريون ئي نصيحتون ڪيون خاص طور گروہ سان گڏ هجڻ تي. ڏاڪڻ تي احتياط سان چڙھڻ جو تہ ڏاڪا خاصا لسا ٿي چڪا هيا، ديوار چين کان هٽي ڪنهن علائقي ڏانهن نہ وڃڻ. خاص طور ٻڌايل جڳھ تي ڏنل وقت تي موٽي اچڻ، وغيره وغيره. اسان کي مخصوص جھنڊا ڏنا ويا هيا، جن کي هڪ ٻي کي سڃاڻڻ ۽ ڳولھي لھڻ ۾ مددگار طور استعمال ڪرڻ هيو. اسان هلندي هلندي اهڙي هنڌ پھتاسين جتان ديوار چين جي ڏاڪڻ تي چڙھڻو هيو. اوماء گاڊ سيني کي گڏ ڪري گروپ فوٽو لاء چيو ۽ اسين سڀ قطارون ناهي ويناسين تہ ڪي رينلن جي پويان ٻيٺا. منهنجي پڪ سان هڪ عورت جيڪا بيلارس جي هئي اچي ويٺي ۽ ٻانهن منهنجي ڳچيءَ تي ورائي رکيائين. فوٽو سيشن کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پوءِ مون هن کي چيو تہ "اهو فوٽو جي منهنجي گهرواريءَ ڏٺو تہ پهريون مون کي قتل ڪندي ۽ پوءِ تو کي". گڏوگڏ مون کا ڪل بہ نڪري وئي ۽ هوءَ بہ ڏند ٽيڙي ڪلڻ لڳي، پر هن چيو ڪجهہ بہ نہ. ان کان پوءِ سنڌين جو حق نيائيندي مون هن کي تاڙيو هيڏي هوڏي نهاريو پر هوءَ نظر نہ آئي. مون کي ڳالهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آئي. چوتہ ماين سان منهنجو هميشہ جهيڙو ئي رهيو آهي، گهرُن برابريءَ جا حق ۽ سمجهن پاڻ کي خاص مخلوق جڏهن تہ نظرياتي طور مون انهن جي حقن لاءِ جا کوڙيو بہ آهي. چڏيو ان ڳالهہ کي چو تہ اهو اسان جي سماج جو پيچيده الميو آهي. مان ايان سنڊس روبي تي سوچي ئي رهيو هيس تہ هوءَ پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ جيڪا بہ بيلارس (منسڪ) جي هئي، سان گڏ نظر آئي بلڪ اهي مون ڏانهن ئي اچي رهيون هيون. ان جي ساهيڙيءَ "مون کي معاف ڪجو" (Excuse me) چئي انگريزيءَ ۾ پڌايو تہ هو منسڪ بيلارس جون آهن، سنڊس نالو ريما آهي ۽ سنڊس ساهيڙيءَ جو نالو ناديہ آهي. اوهان هن کي چا چئي ڪليا هيئو؟ هن کي انگريزي نہ ايندي آهي. وڌي تہ تپ ويو تہ سمجهہ ۾ ڪجهہ نہ آيو هيس تہ پوءِ ڏند ٽيڙي چو ڪلي رهي هئي. مون کيس پڌايو تہ هن منهنجي ڳچيءَ ۾ پانهن ورائي فوٽو ڪيڙايو تہ مان چيومانس تہ منهنجي گهرواري ڏسندي تہ پهريائين مون کي ۽ پوءِ هن کي قتل ڪندي. هوءَ ڪجهہ دير خاموش رهي پوءِ پي تحاشا ڪلڻ لڳي جنهن تي ناديہ ڪجهہ وقت هن کان پڇندي رهي، خير جڏهن هن جو ڪل مان پيٽ ڀريو تہ هن پڌايس ۽ پوءِ وري ٻئي ڪل ۾ وڃي ويون. ان کان پوءِ اسان گهٽو ڪري گڏوگڏ گهمڻ لڳاسين. هنن وٽ ڪيميرا هئي جڏهن تہ مون وٽ ڪونہ هئي تہ عموماً هو مون کي فوٽو ڪيڙائيندیون هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن مون سان گڏ بہ فوٽو ڪيڙائيندیون هيون. منهنجي هنن ۾ دلچسپي ان ڪري بہ هئي تہ هنن کان سوشلزم جي باري ۾ حال احوال وٺان. اسان ڪجهہ وقت گڏ گهمندا رهياسين ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مان کين پنهنجي معاشري جي باري ۾ معلومات ۽ ڏيندو رهيس جنهن تي هو حيران ٿيندیون رهيون. مون محسوس کيو ته کڏهن اعتبار ڪن پيون ته کڏهن نه.

جيئن مون شروع ۾ بيان کيو ته ٽيهن ملکن مان ۽ ۾ ڇٽا گهرايل هيا ۽ ايئن اسان لڳ ڀڳ سٺ ڇٽا هياسون. ڪنهن ملڪ مان ٻئي مرد ته ڪنهن مان ٻئي عورتون ۽ ڪنهن مان هڪ عورت ته هڪ مرد آيل هيا. انهن مان ڪجهه چيني ٻولي ۽ ڇاڻن پيا ۽ ڪجهه انگريزي ۽، باقي اڪثريت پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ تائين محدود هئي. سري لنڪا ۽ نيپال کان آيل اُردو ۽سڻي ڳالهائن پيا. تمام گهٽ ماڻهن جي پاڻ ۾ عليڪ سليڪ هئي. عرب هڪ ٻئي سان ويجهو رهندا هيا. باقي پيا پنهنجي ملڪ يا شهر مان آيل ساڻيءَ سان گڏ هوندا هيا، يا اڪيلا اڪيلا هوندا هيا. اجنبيت جو واسو گهٽو هيو. مون سان گڏ اسلام آباد مان آيل عامر صاحب جيئن ته وي ويانا سان دوستيءَ جا پيچ پائي چڪو هيو ان ڪري گهٽو وقت يا ان سان يا ان جي فڪر ۾ هوندو هو. جي اها هن کان بغير ڪيڏاهن هلي ويندي هئي ته هو اسان سان ملندو هو. مون کي شروع شروع ۾ گهڻي تڪليف ٿيندي هئي، جنهن جو خاص سبب ته ٻولي هو چيني مون کي نه اچي، انگريزي هنن کي نه اچي، جاگرافي منهنجي ڪمزور. بهرحال آءُ شام جو يا ته پڙهندو هيس يا هوٽل کان ڪنهن هڪ طرف رستن کي ذهن ۾ رکي گهمڻ ويندو هيس. رستي ۾ ڪو مارڪيٽ نظر ايندو هو ته ان ۾ گهري پوندو هيس ۽ موٽ جو رستو ذهن تي نقش ڪندي، دل کولي مارڪيٽ گهمندو هيس ۽ مختلف شيون ڏسندو انهن جا اڳهه معلوم ڪندو ڪندو جڏهن ٽڪجي پوندو هيس، ته وڏي احتياط سان واپس ٿيندو هيس. مان هميشه هوٽل جا ٻه ڪارڊ ساڻ رکندو هيس ۽ ڪڏهن ٻه پلجي پوندو هيس ته "پڇڻا نه منجهڻا" جهڙي رهنما اصول تي عمل ڪندو هيس ۽ اشارن جي زبان ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏنل ڏسن تي هلندي هلندي هوٽل پهچي ويندو هيس. هڪڙي مسئلي آخر تائين ڏاڍو تنگ ڪيو يعني اتي ڪٻي هٿ تي ڊرائيونگ اها به اسپيڊ ۾. بهرحال بچ بچاءَ ٿي ويو.

ديوارِ چين

چين جي مشرق کا مغرب تائين اها ديوار ور وڪڙ ڪائيندي ڪٽي هيٺ، ڪٽي مٽي، ميداني علائقن کان ٽيندي پهاڙي علائقن کي پاڻ سان ملائيندي، ڪٽي برپٽن نهرن، کي شامل ڪري ٿي ته ڪٽي سرسبز چراگاهن وغيره کي. چيني ديوارن اڏڻ جي فن کان خوب واقف آهن ۽ اوائلي دور ۾ حفاظت لاءِ ننڍيون وڏيون ديوارون ٺاهيندا رهيا آهن. ديوار چين جنهن لاءِ ڪيتريون ئي ديومالائي ڳالهيون مشهور آهن، کي ڪيترين ئي ديوارن کي ملائي مڪمل ڪيو ويو آهي. هن جا ڪجهه گذر ۾ ڇيڙا سمنڊ ۾ به اچن ٿا. ديوارن جي تعمير ۾ لکين عام ماڻهن کان علاوه، فوجين ۽ قيدين به حصو ورتو. انهن الڳ الڳ ديوارن ملي ڪري دنيا جي مشهور ديوار چين مڪمل ڪئي آهي. دراصل اها چائنا جي ئي باغين جي حملن کي روڪڻ ۽ ڪمزور ڪرڻ لاءِ ٺاهي وئي هئي. پيو ته هاڻوڪو سلڪ روڊ شروع کان واپار جو رستو رهيو آهي ته انهن ديوارن جي آڏار تي واپارين کان محصول اڪاڻڻ سولو هوندو هيو. هن ۾ پٿر، سرون، مٽي، ڪاٺ ۽ جيڪوبه مٽيريل ديوار ٺاهڻ ۾ ڪم اچي ٿي سگهيو استعمال ڪيو ويو آهي. اهي ديوارون 500 سال ق م ۾ ملن ٿيون. چائنا ۾ هُن ۽ منگ حڪومتن جي دؤر ۾ ديوارن جو وڏ ۾ وڏ 8852 ڪلو ميٽر ۾ ڪم ٿيو. ٽيڪنالوجيءَ ذريعي ڪيل تحقيق مطابق ان جي ڊيگهه 13170 ميل کان به وڌيڪ آهي. هن ۾ ڪيترائي پليٽ فارم ۽ چوڪيداريءَ لاءِ ٽاور ٿوري ٿوري وقفي تي آهن. هڪ سروي مطابق اها ڪيترن ئي هنڌن کان قدرتي آفتن ۽ ماڻهن جي ڪارروائين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪري ڏهي ۽ تباهه ٿي وئي آهي. هن ديوار جي باري ۾ ڪيترين ئي حقيقي ۽ خيالي ڳالهيون مشهور آهن جهڙوڪ ابنِ بطوطه چوي ٿو ته چائنا جا مسلمان تصديق ڪن ٿا ته اها ديوار ذوالقرنين ياجوج ۽ ماجوج کي روڪڻ لاءِ شروع ڪرائي هئي جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ به آهي. بهرحال ان مان اهو ته ظاهر ٿئي ٿو ته عرب ان ديوار کان واقف ضرور هئا.

جيئن ته اها ڪيترن ئي ڳوڻن مان گذري ٿي ۽ ڳوناٽا ان جون سرون، پٿر ۽ ڪاٺ وغيره ڪيي پنهنجي گهرن ۾ ڪم آڻين ٿا. يونيسڪو 1987ع ۾ ديوار چين کي بين الاقوامي اثاثن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو هيو. جڏهن ته 1957..... ۾ سياحن کي ديوار چين ڏسڻ ۽ ان تي گهمڻ جي اجات ڏني وئي. اڄ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهو ديوار چين گهمڻ اچن ٿا. اڳوڻو آمريڪي صدر بل ڪلنٽن جڏهن گهرواريءَ سان گڏ گهمڻ آيو ته سندس گهرواري صرف عجيب عجيب (Amazing Amazing) چوندي رهي.

گهٽو اڳ (1754) ۾ وليم اسٽڪلي انڪشاف ڪيو ته واحد ديوار چين ڏرتيءَ جي نشاني طور چند تان نظر اچي ٿي. وري هينري نارمن 1859ع ۾ ساڳئي ڳالهه ورجائي. 1932ع ۾ رپلي جي ڪتاب "يقين ڪيو يا نه" ۽ 1938ع رچرڊ هال برٽن به پنهنجي ڪتاب ۾ ساڳئي ڳالهه ڪئي. 2001ع ۾ نيل آرم اسٽرانگ، چند تي پهچڻ جي پهرئين دعويدار جي حوالي سان پڻ اهو مشهور ڪيو ويو آهي ته چند تان ڏرتيءَ جي حوالي سان صرف ديوار چين ئي نظر اچي ٿي ۽ هن چند تي ٻانگ ٻڌي هئي. جڏهن ته هن جو چوڻ هيو ته اپولو 11 تان نه ته مان ئي ڪا انساني اڏوات ڏٺم نه ئي وري ٽيم مان ڪنهن تصديق ڪئي. شڪ جي سائين کان مون ورائي ورائي پڇيو پر هنن صاف صاف ٻڌايو ته هنن نه ته ديوار چين ۽ نه ئي ڪا ٻئي عمارت يا نشاني ڏٺي. دنيا جي ڪنهن به

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خلاباز کڏهن به اهو نه چيو آهي ته هنن چنڊ تان ديوار چين ڏٺي، پيو ته چڏيو پر خود چائنا جي خلاباز ينگ ليوي آڪٽوبر 2003 ۾ چيو ته ڪوشش جي باوجود چنڊ تان ديوار چين هو به ڏسي نه سگهيو. مشهور ديوار چين جي حوالي سان مشهور ديومالائي قصن منجهان هڪ هي به آهي ته ديوار جي اڏاوت دوران هڪ همراه مري ويو، ته ان جي زال رڙيون ڪري روئڻ لڳي ته ديوار جو هڪ حصو ڍهي پيو. اهو قصور ايترو ته مشهور آهي جو اتان جي ثقافت جو حصو ۽ نشان ٿي ويو آهي جنهن کي فلمن، ڊرامن کان علاوه راڳن ۽ درسي ڪتابن ۾ پڻ ڍهرايو ويو آهي.

بيجنگ ۾ ديوار چين 550 ڪلو ميٽر آهي. جنهن ۾ ڪيترائي سياحتي ماڳ، پاس (Pass) ٽاور ۽ قلعا اچي وڃن ٿا. انهن سيني مان دل موهيندڙ ۽ اهم ماڳ، "بدالنگ" آهي ۽ سياحن لاء پهريون ماڳ اهو ئي کوليو ويو هو. هتي پٽ جي اونچائي تقريباً اٺ ميٽر ٿولهه سادا ڇهه ميٽر ۽ ويڪر تقريباً ڇهه ميٽر آهي. ديوار جي اندران بجليءَ جو مڪمل بندوبست ٿيل آهي. ديوار چين يا پٽ چوڻ سان ذهن ۾ اهو ٿو اچي ته شايد اها ويڪري ٽهيل هڪ پٽ آهي جنهن تي چڙهي گهمڻو آهي. دراصل اهو هڪ رستو آهي جنهن کي ٻنهي طرفن کان پٿرون آهن. ان رستي ۾ چڙهڻ ۽ لهڻ لاء ڏاڪڻيون به آهن، ته بنا ڏاڪڻين جي رستو به آهي. ٻنهي پٿرن جي پاسن کان ٻاهر نڪرڻ جا رستا ۽ دروازا به آهن. جتي جتي آبادي آهي يا سياحن جي رش آهي، اتي ڪيترائي دڪان وغيره به آهن، ٿوري ٿوري فاصلي تي ڪمرا ۽ ٽاور به آهن، جن جي ذريعي دشمنن تي نظر رکي ويندي هئي ۽ هڪ ٻئي سان رابطو بحال رکيو ويندو هيو.

بدلنگ کوئي پنجاهه سٺ ڪلوميٽر بيجنگ کان ٻاهر آهي، پر هت زندگيءَ جون سڀ سهولتون ميسر آهن. هتي چار ئي مندون پنهنجي واري تي اچن ٿيون. سياحن جي دلچسپيءَ لاء ميوزم ۽ سئنيما کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

علاوه ڪيترين ئي شيون آهن. مان ڪجھ وقت تہ گروه سان گڏ هلندو رهيس پوء آهستي آهستي پنهنجي حساب سان گهمڻ لڳس. ٽڪجي پير تہ هڪ دروازي مان ٽڪ لاهڻ لاء ٻاهر نڪتس. واه واه! ٻاهر تہ ميلو متل هيو. ڪائڻ پيئڻ جا ڪيترائي دڪان، ٻارن جي راندين جا ريڑها وغيره جام هيا. مان ڪجھ ڪيڪ بسڪٽ ۽ بوتل وٺي هڪ ڪِسي پٿر تي ويهي ٽڪ پئي لاٿو تہ ڪاڏو پيتو ہ. ديوار گهمڻ وارن ۾ نہ صرف نوجوان بلڪ نوجوانڙيون، پوڙها پوڙهيون ۽ ٻار ہ شامل هيا. فوٽن ڪيڻ جي وٺ وڻان هجي. ڪيترائي ٽولا پنهنجي پنهنجي گائيڊ سان گڏ گهمي رهيا هيا. مون وري هلڻ شروع ڪيو بلڪ مٿي چڙهڻ شروع ڪيو. اتي ہ اسان جي ملڪ وانگر ماٺهن پتين کي خالي ڪونہ ڇڏيو هو. پنهنجا نالا، نشان وغيره پتين تي لکيا ۽ اڪريا هيا، مون ڪوشش ڪئي تہ پنهنجي پار جو ڪو نشان ملي، پر پهريون دفعو ناڪامي سامهون آئي. مان وري جڏهن ٽڪجي پيس تہ ديوار جي ٻاهر آيس ديوار جي ٻاهران ہ ٻنهي پاسن کان ڪٽي ڪٽي هڪ پاسي کان پيچرا، دڪان وغيره ديوار سان گڏو گڏ هلن پيا.

ڪيترن ئي دڪانن سان گڏ هڪ همراه ماٺهن جا فوٽو چانهن جي مگ تي ڇاپي رهيو هو. هو انگريزي سٽي نموني ڳالهائي ۽ سمجهي پيو. هن ٻڌايو تہ هو مگ تي، ڇاپين جي ڇلي تي فوٽو ڇاپي ڏي ٿو ۽ ديوارچين جي پسنديده بيڪ گرائونڊ سان فوٽو ڪڍي ڏي ٿو. هاڻ اها اوهان جي مرضي آهي تہ ٽنهي مان هڪ جو، ٻن جو يا ٽنهي جو سودو ڪيو. مان ان سان ٽنهي جو سودو ڪيو ۽ ڪائنس درڪار وقت پڇيو. چو تہ واپس ہ ويڙهو آءُ هيس ہ اڪيلو. هن پڇيو تہ مان مٿي وڃان ٿو يا واپس. مون ڪيس ٻڌايو تہ اڃا تہ مٿي وڃان ٿو پر جلد واپس ٿيندس. هن چيو تہ جڏهن آءُ واپس ايندس تہ ٽئي شيون تيار هوندیون. هن منهنجا فوٽو ڪڍيا ۽ منهنجي مشوري سان انهن مان هڪ چونڊيو ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون کا پيسا ورتا، کيترا؟ مون کي ياد ناهي، پر مناسب ئي ورتا. واپسيءَ ۾ مون هن کان ٽئي شيون ورتيون. واپسيءَ ۾ پنهنجي ٽولي جا کيترائي ماڻهو ٽڪريا ۾ مان اڪيلو ئي موٽڻ لڳس ۽ مخصوص کيل جڳهه تي پهتس. جتي گائيڊ ۽ انتظاميا، ٽولي کي گڏ ڪري رهي هئي، سندن هٿن ۾ اُڀا کيل جهنڊا ۽ واقفن جا لڏندڙ هٿ ان جاءِ تي پهچڻ ۾ مدد ڪري رهيا هئا. ريما ۽ ناديہ بہ منهنجي ويجهو اچي ٽڪل هجڻ ۽ خوب لطف وٺڻ جو اظهار ڪيو. ديوارِ چين جي ڏسڻ جي خوشي هاڻي ٽڪ ڪافور ڪري چڏي هئي. سنجهي ڏاري موٽي، هوٽل ۾ رات جي ماني کائي، دنيا جهان کان بي خبر ٿي سمهي پيس.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

18-مئي

فاربڊن سٽي - ٽنامن اسڪئائر

اڄ اسان جي پروگرام ۾، "گريٽ هال آف دي پيپل"، "ٽنامن اسڪئائر" ۽ فاربڊِن سٽي (وساريل شهر) جو دڙو هُيا. اهي ٽيئي ماڳ به بيجنگ ۾ آهن. بيجنگ رات جو ڪنهن سينگاريل ڪنوار وانگر لڳندو آهي. هر جڳهه تان مختلف رنگن ۾ وهنجندو نظر ايندو آهي. دراصل بيجنگ گهٽ ۾ گهٽ هزار کن سالن کان چائنا جي سياست، اقتصاديات ۽ ثقافت جو مرڪز رهيو آهي، هتي قديم شاندار عمارتون اڃا تائين جوان نظر اچن ٿيون ۽ ماضي، حال ۽ مستقبل جي پائيدار تسلسل جي ضمانت ڏين ٿيون. تمام گهڻو اڳ چنگيز خان هن شهر کي لٽيو، ڦريو ۽ آخر ۾ ساڙيو به. عجيب اتفاق آهي ته چنگيز خان جي پوٽي قبلائي خان هن شهر کي نه صرف نئين سر، پر نون زاوين تي ٻيهر تيار ۽ آباد ڪري منگولن جي پکڙيل سلطنت جي گاديءَ جو هنڌ ڪيو. ٻيو ڇا چئون، اڄ بيجنگ، بيجنگ آ..... هتي ڪيتريون ئي يونيورسٽيون، جن ۾ قديم ۽ جديد علمن جي تعليم ڏني وڃي ٿي. کوڙ سارا عجائب گهر، دل موهيندڙ پارڪ جن مان ڪن کي ڀرپور گهمڻ لاءِ ٻه ٻه ٽي ٽي ڏينهن لڳي وڃن. ڪيترائي اِسٽيڊيم، هوٽل، ريسٽورانٽس، مساج گهر، هر قسم جي سامان جا ريزڪي ۽ ٻڌي بنياد جا اعليٰ مارڪيٽ آهن.

بيجنگ ايئرپورٽ چائنا جو وڏي ۾ وڏو ايئرپورٽ آهي، بلڪ مون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کي ته لڳو پئي ته شايد دنيا جو وڏو ايئرپورٽ هوندو نه ته به پئي ٽئين نمبر تي ضرور هوندو. جيئن مون پهريون ذڪر ڪيو ته ايئرپورٽ جي ٽرمينل کان پنهنجي گيٽ (ٻاهر نڪرڻ جي دروازي) تائين تيز هلندڙ ننڍي ريل ۾ مون ڪيترائي دفعا محسوس ڪيو. ته شايد آءُ بيجنگ ڇڏيون پيو وڃان. پر ڏسيل هنڌ تي لهڻ کان پوءِ لڳو. ته اڃا ته ايئرپورٽ تي ئي ٻيٺو آهيان. ريل ته اڃان اڳتي وڃي رهي هئي.

هت هينئر آمدورفت جا ڪيترائي ذريعا آهن. اتي ٻڌائين پيا ته بيجنگ ۾ پهريائين، ٽرالي ڪار هيون. اهي به مٿئي نالي ماتر. هتي ٽرانسپورٽ جي ترقي آهستي آهستي ٿي آهي. بهرحال هينئر هزار کان مٿي ته صرف بسن جا روٽ آهن. زير زمين ريلوي جو وسيع ڄار وڇايل آهي. اهي پاڻمرادو هلندڙ ريلون شهر جي مختلف مصروف علائقن مان گذرن ٿيون. اولمپڪ راندين، ۾ هزارات ۾ چائنا ۾ رٽيل هجڻ ڪري به ڪم تيزيءَ سان جاري هيو ۽ ان ڪي مدنظر رکندي آمدرفت جي وڌيڪ آساني پيدا ڪرڻ لاءِ نه صرف زير زمين ريل جا وڌيڪ مختلف روٽ ٺاهيا ويڻ پيا پر وڌيڪ روڊ ۽ رستا پڻ تيار ڪيا ويڻ پيا. توڙي جو ڪيترائي هاءِ وي. اسپيڊ وي ۽ بسن جون اسٽيشنون پهرين کان موجود آهن. ريلن، بسن ٽيڪسين، ذاتي ڪارين ۽ موٽر سائيڪلن کان علاوه، شهر جي ٻاهرين علائقن ۾ رڪشا پڻ هلندا آهن. جن کي پراڻي ثقافت جي يادگيري طور به زنده رکيو ويو آهي. هر روڊ تي نه صرف گاڏيءَ جي اسپيڊ جا بورڊ لڳل هيا. پر انهن تي سختيءَ سان عمل پڻ نظر آيو.

مان ناشتو ڪري ڪمري ۾ آيس ۽ تياري ڪرڻ لڳس، بسن ۾ ويهڻ جو وقت نائين وڳي صبح جو هو ۽ مان ڪوشش ڪندو هيس ته وقت جي پابندي ڪريان. اها عادت شروع کان رهي ۽ خاص طور ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ رهندي وڌيڪ مظبوط ٿي. پارٽيءَ جا اڳواڻ چندي کان پوءِ پئي نمبر تي وقت جي پابنديءَ تي تمام گهڻو زور ڏيندا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئا، پر عجيب ڳالهه ته اڪثر پاڻ ڪڏهن به وقت تي نه ايندا هيا. همت ڪري پڇبن ته عجيب دليل، "ڪامريڊ! خاص ماڻهو لاءِ بڏايل جڳهه ۾ وقت ۾ تبديلي ضروري آهي، پوري ملڪ جون ايجنسيون سڀ ڪم ڇڏي اسان جي پويان پيل آهن". ڪنهن حد تائين سندن مجبوريون به هوندیون هيون پر گهٽو ڪري جيڪو شڪنجو ٺاهيو ويو هيو ان ۾ قاتل هوندا هيا.

مون ڳالهه پئي ڪئي ته آءٌ ڪوشش ڪندو هيس ته وقت کان پهريون نه ته وقت تي ضرور پهچجي ۽ ڪنهن اٽڪل مجبوريءَ ۾ بروقت اڳلي کي اطلاع پهچائجي، ان ڪري ڪنهن ماڻهوءَ جي ڏنل وقت تي نه پهچڻ تي پهريان پهريان ته مان پريشان ٿي ويندو هيس ته اُن سان ڪو مسئلو ته نه ٿي پيو آهي؟ پر پوءِ مون ڏٺو ته اڪثريت ان ڳالهه کي اهم سمجهي ئي نه ٿي، پر مون کي اهڙي عمل تي نه صرف بيچيني، بلڪ چڙ ونندي آهي.

مان جڏهن نائين وڳي بس ۾ چڙهيم ۽ ويهڻ کان پهريون جائزو ورتم ته نادر جيڪا هڪ سيٽ تي ويٺي هئي ۽ پاسي واري سيٽ تي پرس رکيو هيائين، مرڪندي مون کي اشارو ڪيائين ته هيءَ سيٽ مون تو لاءِ رکي آهي. مان هن کي گڊ مارننگ چئي اتي ويٺس ۽ اشارن ۾ سندس شڪريو ادا ڪيو. "زبان يار ترکي است. و ترکي مي نمي دانم" (منهنجي يار جي زبان ترکي آهي ۽ افسوس جو ترکي مون کي نه ٿي اچي) بهرحال انسان جي بين الاقوامي احساسن ۽ اشارن جي زبان ۾ اسان هڪ ٻئي جي ويجهو ٿيندا رهياسي ۽ خبر ئي ڪانه پئي ته ايترو پري گريٽ هال آف دي پيپل، ايترو جلد ڪيئن اچي ويو. اسان سڀ کان آخر ۾ بس مان لٿاسين. پين هنڌن وانگر هتي به جام رش هئي. حسب معمول اسان کي نصيحت ڪئي وئي ته هڪ ٻئي کان پري نه ويو جي اتفاق سان اڳتي پنٽتي ٿي به ويو ته بڏايل وقت تي بڏايل جڳهه تي اچي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويو. گريٽ هال آف دي پيپل ۾ ٽنامن اسڪائر هڪ ٻئي جي ويجهو آهن. اتان جي ڊاڪيومينٽن مطابق هي دنيا جو ڏڳهو هال آهي. اصل ۾ هن جي اندر ڪيترائي ننڍا وڏا هال آهن، جيڪي مختلف گڏجاڻين لاءِ وقف آهن. اها عمارت چائنا جي پارليامنٽ ئي آهي. ڪميونسٽ پارٽي هر پنجين سال ڪانءِ پوءِ پنهنجي ڪانگريس اتي ڪندي آهي. هن جا ٽي حصا آهن. وچ واري حصي ۾ تمام وڏو آڊيٽوريم، مکيه آڊيٽوريم (پهرين واري کان ٿورو ننڍو)، ڪانگريس هال، وچون هال، سونو هال ۽ ڪيترائي ٻيا ننڍا وڏا هال آهن. ٻئي پاسي (ڏکڻ هال) اسٽيٽ بينڪوئٽ هال (گهٽن ماٺهن جي هڪ ئي وقت ماني کائڻ جي گنجائش رکندڙ) سليوٽ اسٽيٽ گيسٽ هال، مشرق، مغرب ۽ ڪيترائي ننڍا وڏا هال آهن. ٽئين طرف اسٽينڊنگ ڪاميٽي آف پيپلز ڪانگريس جو دفتر آهي. ان کان علاوه چائنا جنهن کي چيو وڃي ٿو ان جي انتظاميه اندر ايندڙ علائقن جي نالي سان الڳ الڳ هال اتان جي ثقافت مطابق ٺهيل آهن. جهڙوڪ بيجنگ هال، هانگ ڪانگ هال، تائيوان هال، وغيره وغيره لڳ ڀڳ ٽيهه ڪانفرنس هال علائقن جي نالن سان ٺهيل آهن. هتي فلم فيسٽيول، ٿيٽر، سياسي جلسن ۽ گڏجاڻين کان علاوه ثقافتي ميلا ۽ ڏهاڙا به منعقد ڪيا ويندا آهن.

چائنا اصل ۾ نه صرف فوج ۽ آبادي جي لحاظ کان وڏو ملڪ آهي، تقريباً ڏيڍ ارب آبادي يعني دنيءَ تي رهندڙ آبادي جو پنجون حصو (هت مشرق ۾ تمام گهٽي ۽ مغرب ۾ تمام گهٽ آبادي رهي ٿي)، بلڪ مجموعي والار جي لحاظ کان به ڇهانوي لک چورس ڪلوميٽر والاري دنيا جو ٽيون نه ته چوٿون وڏوملڪ ٿئي ۽ زميني پکيڙ جي لحاظ کان ٻيو نمبر ملڪ آهي. ٻاويهه صوبن يا پرڳڻن کان علاوه، پنج خودمختيار علائقا (ڏنجنانگ، منگوليا، تبت، ڏنجنا، ۽ ڪٽانشي، چار مينسپلٽيون (بيجنگ، ٽٽانجن، شنگهائي، چوڪنگ) ۽ اعليٰ خود

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مخيتيار اسپيشل ايڊمنسٽريٽو ريجنس (هانگ ڪانگ ۽ ماکو) آهن. گوبي صحرا به هن ملڪ ۾ آهي. هتي ٻيلا، پهاڙي سلسلا ۽ ڏگهو ساموندي علائقو تقريباً چوڏهن، پندرهن هزار ڪلوميٽر رکي ٿو. هن جا ڪي علائقا ٻارهن مهينا ئي برف جي اڇي چادر ۾ ڍڪيل رهن ٿا، ته ڪجهه علائقن ۾ اونهارو ۽ سيارو ٿئي ئي ڪونه. ڪن علائقن ۾ وري چارئي موسمون چڪر هڻن ۽ ڪن ۾ سخت اونهارو ۽ ڪن ۾ سخت سيارو. هن جون حدون هڪ طرف روس جي سائيبريا سان، ٻئي طرف ويٽنام، لائوس ۽ هيڊانهن هندوستان سان ملن. هي ملڪ "پيپلز ريپبلڪ آف چائنا" 1949ع يعني پاڪستان نهڻ ڪان ٻه سال پوء ٺيو. آخري موروثي حڪمراني، سنگ يا چنگ (Qing)خاندان جي 1911ع ۾ ختم ٿي ۽ هن جونالو ريپبلڪ آف چائنا رکيو ويو هو. اهو دؤر ڪومنتانگ جو هو. ان کان چار هزار سال اڳ مختلف گهراڻن جو دؤر رهيو، جنهن ۾ شي، شن، منگ، ذو ۽ هُن وغيره هيا. علائقو سندَ وانگر ڪڏهن متحد، ته ڪڏهن ڦڙڦوٽ جو شڪار رهيو. ويهين صديءَ جو شروعاتي اڌ، چائنا خانگي جنگين جو شڪار رهي. سياسي طور تي ملڪ تي بن قوتن جو اثر رهيو، هڪڙو "ڪومنتانگ" ۽ ٻيو "ڪميونسٽ".

1921ع ۾ روس جي مدد سان چيني ڪميونسٽ پارٽي ٺهي. آخر ڪار 1949ع ۾ ڪميونسٽ ڏگهي جنگ ۽ جدوجهد کان پوء ڪومنتانگ کي پڄايو ۽ ڪومنتانگ جو اثر ڪجهه جزيرن ۽ تائيوان تائين محدود ٿي ويو. هيءَ جيئن ته پراڻي تهذيب آهي ته هن جي تاريخ به وسيع و عريض آهي. جنهن ۾ اسين ڪونه ٿا وڃون. بهرحال اڄ چائنا نه صرف اقتصادي طور دنيا جي وڏي قوت آهي پر ايراضي، آبادي، زمين، فوج جي حوالي سان به وڏي جڳهه ۽ اهميت رکي ٿو. اقوام متحده جي سيڪيورٽي ڪائونسل جو مستقل رڪن کان علاوه ڪيترن ئي بين الاقوامي ادارن جو سربراهه يا اهم رڪن پڻ آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪميونسٽ پارٽي شروع ۾ سن يات سين جي ڪومنتانگ سان اتحادي رهي. 1925ع ۾ سن يات سين وفات ڪري ويو ته ڪومنتانگ جي قيادت چيانگ ڪائي شيڪ سنڀالي ورتي. هي ڪميونسٽن کي ڪونہ پائيندو هو. نتيجي طور بنهي جا اختلاف وڌي ويا ۽ اهي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي پيا. ڪومنتانگ وٽ مظبوط فوج ۽ وسيلا هيا. ڪميونسٽن ريڊ آرمي ناهي ۽ جدوجهد جاري رکي. جڳ مشهور لانگ مارچ ۾ ان سبب ڪري ۽ ان عرصي ۾ ٿي (1934-35-36) اها دنيا جي وڏي ۾ وڏي ۽ خطرناڪ لانگ مارچ ليکي وڃي ٿي. شروع ۾ان جي قيادت چواين لاء ۽ مائوزي تنگ جي هٿ ۾ هئي، پر پوء مائوزي تنگ جي حڪمت عملي سان اختلاف جي ڪري، ريڊ آرمي ۾ ڪيترن ئي حصن ۾ ورهائجي وئي ۽ لانگ مارچ ۾ مختلف ڏڳن ۾ ورهائجي ويو. بهرحال مائوزي تنگ واري حڪمت عملي ۽ ٽولو ڪامياب رهيو. ان لانگ مارچ جنهن لاء چون ٿا، ته اٺ هزار ميل ڊگهو رستو طئہ ڪيو هو ۽ بيان کان ٻاهر مشڪلاتن کي منهن ڏنو هو. ان ئي لانگ مارچ ۾ مائوَ جو ننڍو ٻاءُ فوت ٿيو. سندس گهر واريءَ هڪ هنڌ ڏيءُ ڇڏي، جنهن کي نامناسب حالتن ڪري مقامي ماڻهن حوالي ڪري پاڻ اڳتي روانا ٿيا. رستي ۾ خوفناڪ جهنگ، دلدل، بيماريون، بک ۽ ايج ان جدوجهد جو حصو رهيا.

ٽنامن اسڪئائر

هاڻي گهڻو ڪري نادير، مان ۽ ريما گڏوگڏ گهمڻ لڳاسين. اسان جي گڏ گهمڻ جو هڪ سبب اهو ب هو ته هنن وٽ ڪئمرا هئي ۽ هو تمام گهڻا فوٽو ڪيرائيندڙ هيون ۽ اڃا سعادت منهنجي ذمي هئي. ڪڏهن ڪڏهن مون سان ب فوٽو ڪيرائيندڙ هيون. ريما جو هڪ قريبي دوست هيلري اوباچا هو پر هوءَ گهمڻ مهل هن سان گهٽ رهندي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئي. باقي شام جو هو روز گڏ هوندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ناديہ بہ هنن سان ويندي هئي تہ مان اداس ٿي ويندو هيس.

اصل ۾ اهو علائقو مشهور ئي ٽنامن اسڪئائر جي نالي سان آهي. ائين سمجهو تہ بيجنگ جو وچ آهي. هي چار لک چاليهہ هزار چورس ميٽرن (100 ايڪڙن) تي ڦهليل آهي ۽ شهرن جي اندر ٺهيل اسڪائرن جي حوالي سان دنيا جو وڏي ۾ وڏو اسڪئائر آهي، جتي روزانہ لکين ماڻهو اچن ٿا. خاص طور صبح جو سج اڀرڻ کان اڳ جهنڊي ڦڙڪائڻ واري رسم کي ڏسڻ ڪارڻ. هن جي اندر ٺهيل ٽنامن ٽاور 1417ع ۾ منگ دؤر ۾ ٺاهيو ويو. جنهن جي هيٺان جنشوندي مڌر سرن ۾ وهي ٿي، ان تي ست پلون آهن، جن کي گولڊن واٽر برجس چيو وڃي ٿو. چائنا جي تاريخ ۽ ثقافت جي عڪاسي ڪندڙ گريٽ هال، مائوزي تنگ يادگار هال جنهن ۾ مائو، چو اين لاء ۽ ٻين هيرن جون شيون سهڻي نموني سجايل ۽ سنڀاليل آهن نيشنل ميوزيم وغيره اڳتي پٺتي، هتي ئي آهن. مطلب تہ هڪڙي جادونگري آهي. مختلف هالن ۽ جاين تي مائؤ جا قول لکيل ۽ اڪريل آهن، جن مان هڪ آهي "عوامي سورهيہ غير فاني آهن".

ٻارهن ٿيڻ وارا هئا، اسين جلدي جلدي واپس ٿياسين ڇو تہ مانجهاندي جي ويل اچي وئي هئي. اهوئي واڳوڻ مهانڊي ٺهيل امپيريل هوٽل جيڪو ويجهو ئي هو، جنهن ۾ اسان کي مانجهاندو ڪرايو ويو. اڪثر ڪري اهي سڀ انتظام پهريون کان ڪيل هوندا هئا. ان ڪري ڪو مسئلو نہ هوندو هيو. مانجهاندي کان پوء اسين "فاربڊن سٽي" گهمڻ وياسين. هن جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ جيئن تہ هي شاهي محل هو ۽ حڪمرانن کان علاوه عام مخلوق کي هتي اچڻ جي اجازت نہ هوندي هئي جيڪڏهن ڪو شهنشاهہ جي اجازت سان ايندو هو، تہ واپس بہ ان جي اجازت سان وڃي سگهندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هتي مون کي احساس ٿيو ته چائنا نه صرف ثقافتي حوالي سان شاندار رهيو آهي، پر عمارت سازيءَ ۾ به پنهنجو مثال پاڻ رهيو آهي. پر سندس اهو پهلو دنيا تي پرپور معلومات سميت ظاهر نه ٿيو آهي. هي شهر به انهن بدنصيب شهرن مان هڪ آهي، جيڪي نهندا ۽ ڌهندا رهيا آهن. 1406ع 1420ع تائين ڏهه لک مزدور ۽ مسترين وغيره لڳ ڀڳ پندرهن سالن تائين هن تي ڪم ڪيو. منگ خاندان جڏهن پنهنجي حڪمراني قائم ڪئي ته، هونگيي حڪمران گاديءَ جو هنڌ بيجنگ مان ڦيرائي، نانجنگ ۾ آباد ڪيو ۽ حڪم ڪيو ته اهي محل ساڙي ڇڏيو. تاريخ عجيب ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ واقعن سان ڀري پئي آهي. هونگيو جو پٽ ذودي يا ذوجي کي جڏهن حڪومت ملي ته هن وري بيجنگ کي گاديءَ جو هنڌ ڪيو ۽ هن ئي 1406 ۾ هن جي تعمير شروع ڪئي. 1420ع 1644ع منگ شهنشاهيت جو هنڌ فاربڊن سٽي رهيو. 1644ع جي اپريل ۾ لچزيچنگ باغي سردار هتي قبضو ڪري، پاڻ کي شن خاندان جي حڪمرانيءَ جو اعلان ڪرايو. پر هي جلد ئي اتان پڇي ويو ڇو ته منگ حڪمرانن شهر جي ڪجهه حصن کي باهه ڏياري ڇڏي. ان کان پوءِ ستت ئي شن/چن خاندان پوري چائنا تي حڪمراني جمائي ورتي ۽ انهن جي دؤر ۾ امن ۽ ترقيءَ تي خاصو ڌيان ڏنو ويو. 1860ع ۾ ئي آفيسر جنگ جو دؤر ۾ اينگلو فرينچ طاقتن علائقي تي قبضو ڪيو. 1900ع ۾ لڳ ڀڳ پنجويهه حڪمرانن هتي ويهي حڪومت ڪئي، جن ۾ اڪثريت منگ ۽ چي خاندان شهنشاهه هيا. 1912ع ۾ طوفان تباهي ورو ٿيو ۽ هن کي چائنا جو سياسي مرڪز تسليم ڪيو ويو. جڏهن ڪومنتانگ ريپبلڪ آف چائنا نالو ڏنو. فاربڊن سٽي جي ٽن طرفان کان وڏا باغ آهن. اولهه کان هڪ خوبصورت باغ بن ڊنڊن جي ميلاپ وٽ آهي، جتي هاڻي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مرڪزي دفتر آهي. سندس پاسا وڏي ٽلهي پٽ سان محفوظ آهن. سندس پٽ ڇويهه فٽ بلند، ويهه فٽ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اونهي، سؤ ستر فٽ ويڪري (اتان جي لکائيءَ موجب) آهي. پٽ جي ڪنڌن وٽ ٽاور آهن.

فاربڊن سٽيءَ ۾ 980 عمارتون 180 ايڪڙ چورس جڳهه والارين ٽيون. يونيسڪو چائنا جي ڪيترن ئي علائقن، جاين، عمارتن کي بين الاقوامي ميراث قرار ڏنو آهي ۽ هن کي دنيا قديم ڪاٺ جي اڏاوتن ۾ سڀ کان شاندار ۽ وڏو قرار ڏنو آهي.

هن ۾ داخل ٽيڪٽ لاءِ ڪيترائي دروازا آهن ۽ انهن تي منهنجي شهر شڪارپور جي دروازن وانگر نانوَ رکيل آهن. هن جي اندر به ڪيترائي هال آهن ۽ انهن جا به نالا آهن، جهڙوڪ هال آف سپريم هارموني، هال آف ملٽري ايمينس، هال آف لٽري گلوري، هال آف مينٽل ڪلٽيويشن ۽ وغيره وغيره. هال آف سپريم هارموني سيني کان وڏو آهي سندس بلندي هڪ سؤ ٻه فٽ آهي. اندر ڪيترين جاين تي ماربل کان علاوه سون جو ڪم به ٿيل آهي. هڪڙي هال جي ٻاهران ڏنل پٽ چوونجاهه فٽ ڊگهو ڏهه فٽ ويڪرو ۽ تقريباً سادا پنج فٽ ٿلهو هو. ۽ سندس وزن لکيل هو ٻه سؤ ٽن. ان کان به ٽيٽو چئوٽو ٻيو به هيو پر اهو بن پٽرن کي خوبصورت طريقي سان جوڙي ٺاهيو ويو هيو جنهن جو راز وقت کوليو هو. اندر اوائلي عبادت گاهون به نظر آيون.

ٽنامن اسڪائر دروازي تي مائوزيتنگ جو وڏو پورٽريٽ لڳل آهي. سندس کٻي ۽ سجي پاسي پلي کارڊ عبارتون آهن، "لانگ لو (زنده‌باد) پيپلز ريپبلڪ آف چائنا" ۽ "لانگ لودي گريٽ يونٽي آف دي ورلڊز پيپلز".

اندر پيليس ميوزيم تمام وڏو هو ۽ ان ۾ اوائلي ڪتابن، تصويرن ۽ مختلف شين جا انبار هيا. پر سيني کي پنهنجي پنهنجي حساب سان ترتيب ڏئي رکيو ويو هو. هڪ اندازي مطابق ڪتابن ۽ تصويرن کان علاوه لڳ ڀڳ ڏهه يارهن لک شيون محفوظ ڪيو ويون هيون. اهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

منگ ۾ چنگ دؤرن جون هيون. لکن هر ته چيني ۾ مٽيءَ جون شيون هيون. ڳٽ کان ٻاهر ته صرف پينٽنگس ۾ مختلف وقتن جا مختلف قسمن جا هزارين گهڙيال آهن. ان کان علاوه، هتي ٽامي، پتل ۽ مختلف پٿرن خاص طور جيڊ پٿر (جيڪو هتي جڏهن تعداد ۾ ٿئي ٿو) مان ٺهيل شيون محفوظ ڪيون ويون آهن. گهمي گهمي اسان ٽڪجي پياسين. واپس اچي رات جي ماني کائي اسين سمهي پياسين. اڄ مون بيئر جام پيتو. اتي بيئر منجهد ۾ رات جي مانيءَ جي مينو ۾ شامل هو. ۾ ايئن ئي پري رکيو ويندو هو جيئن ميون جو رس (جوس). اسان جي کائڻ واري ٽولي ۾اسان ٻن پاکستانين کان علاوه، پنج عرب مسلم به هيا، اهي حيرانيءَ مان چوندا هيا ته "تون ماني اسان سان ٿو کائين (حلال) پر بيئر به ٿو پيئين چو؟" مان کين چوندو هيس "اهو ايئن ئي آهي جيئن توهان گهمندا اسان سان گڏ آهيو پر سڄو وقت چوڪرين / عورتن کي سبز باغ ڏيکارڻ جي چڪر ۾ هوندا آهيو چو؟" خوش ٿي کلندا هيا. نه مان بيئر پيئڻ کان مڙيس، نه هو پنهنجي حرڪتن کان مڙيا. اڄ بيئر جام ان ڪري به پيتو ته جلد نڊ اچي ۽ جلد جاڳ ٿئي، چو ته صبحاڻي سويل "شيان" شهر روانو ٿيڻو هيو.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

19- مئي

سيان / شيان- ٽريول لائٽ

صبح سوير اٿي سامڙي پنجين وڳي ناشتي مان هٽ ڪيي، جلدي تيار ٿي آءُ هيٺ لهي آيس ۽ پوء اسان بسن ۾ ويهي ايئرپورٽ روانا ٿياسين. جيئن ته اتي ٻه راتيون ۽ ٻه ڏينهن رهڻو هو مون Travel light تي عمل ڪندي پهريل پينٽ شرٽ کان علاوه پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ هڪ شرٽ ڪنئي، هونئن به ضرورت جون تمام شيون هوٽل ۾ ميسر هونديون هيون.

سيان ياشيان (جي چينن جي واتان ٻڌو ته "زيان" ئي لڳندو) دنيا جي قديم شهرن مان هڪ آهي ۽ سندس تاريخ ۾ محفوظ ڪيل آثار ٻڌائن ٿا، ته موهن جي دڙي وانگر هي شهر به تهذيب ۽ ثقافت جي لحاظ کان پنهنجو مَٽُ پاڻ هو. هي نه صرف گهٽو عرصو چائنا جي گاديءَ جو هنڌ رهيو، پر دنيا جي چار قديم گادين، ايٿنس، روم ۽ مصر منجهان هڪ شمار ٿئي ٿو. دنيا جي اوائلي پرامن ۽ سڌريل علائقن منجهان هڪ علائقو هو، جنهن جي لاء چون ٿا ته نه صرف چائنا بلڪ مشرقي تهذيب جو ابتدائي اهجاڻ ۾ ماقبل تاريخ جو ثقافتي مرڪز پڻ رهيو آهي. ان جي قدامت ڏهن لکن سالن کان به وڌيڪ ٻڌائي وڃي ٿي. آثار قديم وارن کي پڪ آهي ته تاريخ ۾ تهذيب جو ايجان ڪيترو ئي خزانو هت مدفون آهي. جنهن کي حاصل ڪرڻ کان پوء تاريخ ۾ تحقيق جا ڪيترائي نوان باب ۽ راز کلي پوندا. ڪيئي لک ماڻهو ان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کوٽائي ۾ ايجان تائين مصروف آهن.

هُن خاندان جي شاهي دور ۾ هن شهر وڏي ترقي ڪئي ۽ روڊن جي ڄار، جنهن کي هاڻي مشهور سلڪ روڊ چيو وڃي ٿو، جي شروع ٽيڪ ڪري هي شهر ڪيتروئي عرصو واپار جو ڪُڙهه رهيو. سندس واپاري ناتا، خاص طور تي ايشيا ۽ يورپ سان هيا. شايد اهو ئي سبب هو جو ٽنگ يا ٽانگ خاندان جي دؤر ۾ نه صرف ثقافت، هتي گهڻي ترقي ڪئي پر انقلابن جا گونج به هتي ئي ٻڌيا، وڏ يا ويجهيا ۽ پوري چائنا ۾ پکڙجي ويا. ويهين صديءَ ۾ ان ئي انقلابي سفر جو نتيجو هو جو چيانگ ڪائي شيڪ جهڙي آمر کي پنهنجي ئي فوج گرفتار ڪيو. (1936)

سيان نه صرف دنيا جي تهذيبن کي پاڻ وٽ جڳهه ڏني پر سندن وانگر سيڪيولر بنيادن تي مختلف مذهبن جي آجيان ڪئي. ان وقت جي پوري دنيا جو فيشن، موسيقي، راندين، علم ۽ دانش هتي موجود هو ۽ ان لحاظ سان سيان جگ مشهور شهر رهيو. هتي نه صرف هر مذهب جون عبادت گاهون ملنديون، پر انهن لاءِ ادب ۽ احترام به نظر ايندو. چائنا اندر "شيان" ۾ ئي گهڻيون ۽ وڏيون مسجدون آهن.

چين جي مختلف شهرن کي ڏسي پڪ ٿئي ٿي ته هي علائقو قديم دؤر ۾ جنگين ۾ ئي رهيو آهي. شايد اهوئي سبب آهي جو هينئر چوويهه لک فوج جي باوجود ويڙهه جيڙهه جي ويجهو ناهي. هڪ ته هر شهر ۾ ٽلهي متاري ديوار مڪمل يا اڌوري نظر ضرور ايندي. بلڪ پوري چين ۾ مڪمل طور بچي ويل پٽ سيان ۾ ئي آهي. هيءَ پٽ لڳ ڀڳ ٻارهن ميٽر ڊگهي، ارڙهن ميٽر ٽلهي (ويڪري) ۽ مٿي، چوٽيءَ تائين ويندي ويندي، چوڏهن ميٽر ويڪري آهي. هن ۾ به ڪيترائي فوجي ٽاور آهن، جتان دشمن تي آسانيءَ سان وار ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ته ٻاهران آيل دشمن لاءِ وار ڪرڻ ناممڪن ئي آهي. ظاهر آ ته پراڻي دؤر ۾ ايڏين ٽلهين متارين پٽين کي ڊاهڻ ۽ ڪيرائڻ لاءِ ڪي هٿيار ڪونه هوندا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئا. ان کري اهڙن قلعن کي فتح ڪرڻ لاءِ انهن جي دروازن تي ئي حملا ڪيا ويندا هيا. پر چائنا ۾ پٽيون. ته پٽيون پر دروازا به ڏاڍا مظبوط ۽ مختلف انڪلن تي رکيل هوندا هيا ۽ انهن جي مٿان پَر پاسيَ سان ئي حفاظتي ٽاور هوندا هئا.

نارمل يونيورسٽي (سيان)

اسان جي رهائش جو پروگرام شانڪسي نارمل يونيورسٽيءَ ۾ هو. نالو ٻڌي مون سوچيو ته ڇا ائبنارمل يونيورسٽيون به آهن، وري پنهنجي ملڪ کي ياد ڪري ذهن ان ڳالهه کي ڇڏي، پين ڳالهين ۾ مصروف ٿي ويو. هت هيءَ خبر پئي ته يونيورسٽيون، ڪاليجون ۽ ڪجهه اسڪول طعام ۽ قيام جو سڻو بندوبست رکي ڇڪو خاصو ڪمائين ٿا. پر اهي رهائشي جڳهون اهڙي هنڌ ۽ اهڙي طرح رکن ٿا، جو درسگاهه هن کان متاثر نه ٿو ٿئي. هتي به اسان کي هر ماڻهوءَ لاءِ الڳ ڪمرو مليو ۽ ڪمرو تمام سڻو هو. جيڪو بن ماڻهن لاءِ سجايل هو. جڏهن ته چار ماڻهو به آساني ۽ سان رهي سگهن پيا. سامهون سب وي ريل جي اسٽيشن هئي ۽ اسان گئلريءَ ۾ بيهي ايندڙ ويندڙ ريلن کي ڏسندا هئاسين. هن جو نالو ته نارمل يونيورسٽي هو پر هيءَ تمام وڏي درسگاهه هئي جنهن جا ڪيترائي ڪئمپس، اسڪول وغيره هيا، جتي مختلف علم سيکاريا وڃن ٿا. گهٽو ڪري پڙهائي جي فيءَ معاف ٿيل آهي. هتي پنجاهه کان مٿي ته تحقيق جا ادارا آهن. ڪيترين ئي تجربيگاهون ۽ لائبريريون آهن. مک لائبريريءَ ۾ ويهه لک کن ڪتاب، جيڪي دنيا جي هر موضوع تي آهن. هتي هزار کان وڌيڪ دنيا جهان جون اخبارون ۽ رسالا ايندا آهن. ايڊائي لکن کان وڌيڪ قديم ڪتاب آهن. پنهنجي دؤر جي اعليٰ فنڪارن جون تختيون، ٿهيل تصويرون ۽ خاڪا ۽ خوشخط تحريرون پڻ هتي محفوظ ڪيون ويون آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هتي تقريباً هر موضوع تي ادارا ٿهيل آهن، جن ۾ ڊاڪٽورئٽ تائين ڪورس شامل آهن. مختلف مضمونن جي هڪ ڊگهي لسٽ آهي، پر مان صرف خاص انهن جو ذڪر ڏيان ٿي جيڪي اسان وٽ ۽ پين ڪيترن ملڪن ۾ اڃان تائين شروع ناهن ڪيا ويا، مثلا پرسنل ڪلنيويشن (ذات جي ڏرخيزي) هيومن سائنسز راندين جي سماجي تحقيق، بيسڪ ايڊيوڪيشن ڪريڪيولم ريسرچ سنٽر، ڪمپريهنسو بڪ انفرميشن سينٽر، چائنيز اينشنٽ ڪيپيٽلز ڪاليج آف ٽوئرازم اينڊ انوائرنمينٽ، ڪاليج آف ميوزڪ ڊپارٽمنٽ آف منارٽيز اسٽوڊنٽس، فوڊ انجنيئرنگ. هن يونيورسٽي ۾ اندازن چاليهه کان پنجاه هزار داخلائون ٿين ٿيون. هنن جو دنيا جي وڏين وڏين يونيورسٽين سان سڌو تعلق آهي جيڪي، آمريڪا، برطانيا، جپان، ڪئناڊا، آسٽريلا ۽ ڪوريا وغيره ۾ آهن. هتي سوشل سائنسز تي گهٽو زور هيو. جڏهن ته اسان وٽ اهي وساريل ورق لڳن ٿيون. مان ذاتي طور گذريل ويهن سالن کان ڏسندو پيو اچان ته اسان وٽ ڪاب يونيورسٽي فلسفي، سوشيالوجي ۾ ايم. فل يا پي. ايڇ. ڊي نه ٿي ڪرائي. ڏئي وٽي قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد اينٽروپالاجي ۾ ايم. فل وغيره ڪرائيندي آهي. ان ٻهاڙي ڪجهه سالن کان اهو پروگرام بند ڪري ڇڏيو آهي.

ڇهين ڀجي رات جي ماني کائي ڊانس (ٽيگل) ڏسڻ ويا سين. اهو به اسان جي پروگرام جو حصو هيو. هونئن ته پوري چائنا ۾ مسلمان آهن. اسان کي بيجنگ ۾ به ملڻيا ته، سيان ۾ به ۽ شنگهائي ۾ به، سيان ۾ ته پورو علائقو "مسلم ڪوارٽر" جي نالي سان آهي، جتي اڪثريت ڇا ٿمام آبادي مسلمانن جي آهي. هتي لڳ ڀڳ ڏهه ڪن مسجدون آهن. هڪ جامع مسجد پڻ آهي. ان جڳهه کي "حاجيولين" چون ٿا ممڪن آ، اها حاجي لين هجي. اها قديمي مسجد، اتي لڳل ڪتبي مطابق 742ع ۾ ٺهي. ان ۾ لڳ ڀڳ هزار ڪن ماڻهن جي گنجائش آهي. هتي پنج ئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وقت باقائدگيءَ سان نماز ادا ڪئي وڃي ٿي. ان دؤر ۾ مسلمان واپاري ان رستي ڪان واپار سانگي لانگهائو ٿيندا هيا ۽ انهن مان ڪيترائي اتي رهي پيا، شاديون ڪيائون ۽ سندن اولاد به اتي ئي رهي. هن مسجد ڪي ڏسڻ لاءِ پري پري کان ماڻهو اچن ٿا. غير مسلمانن کي نماز جي وقت اجازت ناهي ۽ نماز جي خاص جڳهه (اندر) اتي اچڻ جي به اجازت ناهي. هن ۾ مختلف پاسن کان وڻڪاري بلڪ سمجهو ته باغ آهن. هتي ڪيترائي مسلمانن جا هوٽل آهن، جتي مختلف ڪاڌا ملن ٿا، جن ۾ سجي، ڪڑهائي گوشت سبزيون وغيره ملن ٿيون. هوٽلن کان علاوه باقي دڪان به مسلمانن جا آهن. دڪان مادرن ناهن، بس پاڪستان جي ڪنهن شهر جي پراڻي بازار وانگر آهن. مزي جي ڳالهه ته دڪاندار دڪانن جي ٻاهران ويهي حال احوال به ڪن، ته ٻارن سان وندر به. ان بازار ڏانهن "ڊرم ٽاور" کان رستو اچي ٿو. جيڪو سرنگ وانگر آهي بلڪ ان جي مٿان ڊرم ٽاور آهي.

"ڊرم ٽاور" ۽ "بيل ٽاور" انهن ٻنهي عمارتن کي پيٽون چون ٿا. مزي جي ڳالهه ته انهن عمارتن ۾ هڪ به ڪوڪو لڳل ناهي. وقت جي ڄاڻ لاءِ ڊرم مخصوص انداز ۾ وڄايا ويندا هئا يا وري ڪنهن خراب حالت ۾ گهڪوڙ طور انهن کي استعمال ڪندا هئا. ٻي ماڙ تي پهچڻ سان اتي چوويهه ڊرم نظر ايندا، جن کي هو قديم دؤر ۾ چوويهن ڪلاڪن ۽ موسمي تبديلين لاءِ استعمال ڪندا هئا.

قديم سيان جيڪو ڪيتروئي عرصو گاديءَ جو هنڌ رهيو ان جي بلڪل مرڪز ۾ بيل ٽاور جي عمارت آهي. هي ٽاور ڪاٺ جو ٺهيل آهي. مزي جي ڳالهه اها آهي ته هي ٽاور رات جو ڏاڍا خوبصورت لڳندا آهن، چو ته سندن چئني پاسن کان مختلف رنگن جون روشنيون ماحول تي سحر طاري ڪري ڇڏين ٿيون. هونئن به هن ٽاور جي چوڪور فرش ۾ هلڪي ميرانجهي رنگ جون سرون، سون جي پترين سان سينگاريل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاسن کان چمڪندڙ گھرين ساين ٽائلن ۾ من موهيندڙ رنگن ڪيس جادو نگر ٻڌائي ڇڏيو آهي. خاص طور بهار ۾ ٽڻندڙ مختلف گل ۽ ٻوٽا سندس حسن لاجواب ڪيو ڇڏين. مزي جي ڳالهه ته ٽاور کي اصل جڳهه کان هڪ هزار ميٽر هٽائي جيئن جو تيئن بيهاريوويو آهي. شايد دنيا ۾ اهو مثال پنهنجي مٽ پاڻ هجي. ان ٽاور جو وزني، اصل گهنڊ ته هڪ ميوزيم ۾ محفوظ آهي پر موجوده گهنڊ به وزن ۾ پنجن کان ڇهن ٽنن کان گهٽ نه آهي. رات جو ڪيتروئي وقت ايندڙ ويندڙ اسڪائي ٽرينن کي ڏسندي ڏسندي سمهي پيس.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

20-مئي

ٽن ٽيرا ڪوٽا - وائلڊ گوز پگوڊا

هتي ناشتي جو ڪجهہ مناسب وقت هيو. يعني سادي ستين تائين ناشتو ڪري سگهجي ٿيو. بسن ۾ شهر کي لتاڙي اسان لڳ ڀڳ مقرر ٽيل وقت تي ماضيءَ جي ڪنڊرن ۾ پهتاسين. جيتوڻيڪ بسن ۾ گائيڊ اسان کي "ٽن ٽيرا ڪوٽا ۽ بئرس" جي باري ۾ ٻڌائيندو پئي آيو، پر گهٽ ۾ گهٽ مون کي ڪا سمجهہ ۾ ڪونہ پئي آئي، بس ايترو سمجهيم تہ ڪو "موهن جو دڙو" ڊيڪارڊ ٿيا وڃن. پر اتي پهچي ۽ گهمي ڦري خبر پئي تہ عجب دنيائون هن ڌرتيءَ تي آباد ۽ برباد ٿيندي رهيون آهن. موهن جي دڙي وانگر هي مدفون شهر بہ اتفاقي طور ظاهر ٿيا. اتي لکيل تاريخ ۽ مليل معلومات مطابق هي گهٽ ۾ گهٽ بہ هزار سال پراڻا آهن، جيڪي 1974ع ۾ اتفاقي طور ڳوناڻن کي مليا ۽ بہ ٽي سال ڳوناڻا اتان پنهنجي ڪم جون شيون مثلن سرون وغيره کوٽي ڪڍي ايندا رهيا. ان کان پوءِ ان تي جڏهن سرڪاري ڪم شروع ٿيو تہ ان کي دنيا جو اٺون عجوبو قرار ڏنو ويو. دراصل هي ويهہ فٽ هيٺ زمين کوٽي باقاعده هال ٺاهي، ان ۾ فوج در فوج جا بوتا جنگي انداز ۾ بيهاريا ويا آهن، جن ۾ گهوڙا ۽ بگيون وغيره بہ شامل آهن. مختلف هالن ۾ مختلف زندگيءَ جا عڪس آهن. جنگي ميدان ۽ جنگ جون تياريون بہ آهن، تہ زندگيءَ جي عياشين کي مرڻ کان پوءِ بہ برقرار رکڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جا انتظام بہ آھن (جيڪو انسان جو اوائلي خواب رهيو آهي.) حيرت جي ڳالھ اها آهي تہ اڄ ڄائنا جي اندر ملندڙ نسلن جي ان وقت تصويرڪشي ڪئي وئي هئي، گھٹ ۾ گھٹ اٽن قسمن جا ماڻھو اھڙن نقشن جا ان وقت ناهيا ويا آهن، جن جي محسوسات ۽ ارادن کي بہ پڙهي سگھجي ٿو ۽ اهي اڄ ڄائنا ۾ حقيقي وجود رکن ٿا. حيرت جي ڳالھ تہ اها آهي تہ انهن کي اها خبر ڪيئن پئي تہ ہہ هزار سالن کان پوء هتي هن قسم جي شڪلين ۽ خيالن جا ماڻھو هوندا. ان کان علاوه جيڪي مسالا ۽ هنر ۽ ترتيبون هنن ڪتب آندیون آهن. ان کي اڄ جي جديد ٽيڪنالوجي ايا تائين تہ سمجهي نہ سگهي آهي. اتي بيهاريل فوج نہ صرف فوجي نظم و ضبط مطابق آهي، پر هر رينڪ جي پوشاڪ ۽ ان جو رنگ بہ الڳ آهي. انهن مان ڪن تي انگ بہ درج ٿيل آهن. جيڪي ڪن بوتن تي نمايان ۽ ڪن تي لڪل هنڌن تي آهن. ڪي قطار در قطار فوجين جا صرف ڏڙ آهن. بهرحال عجيب دنيا جا نشان مليا آهن.. هتان ماڻھن ۽ جانورن جي هڏن، هٿيارن، استعمال جي شين کان علاوه ٽامي ۽ پتل جون بہ ڪوڙ قيمتي شيون هٿ آيون آهن. بلڪ هاڻي تہ اتان هٿ ايندڙ حياتيءَ جي نشانين جي ڊي.اين.اي تي بہ تحقيق شروع آهي. ڪجھ خالي ڪڏا، هال بہ لڏا ويا آهن جيڪي ٻڌائن ٿا تہ هو اتي ايجان وڌيڪ بہ ڪجھ ناهڻ چاهن پيا. بهرحال پيٽ پوڄا لاء اسان اتان نڪري ريسٽورانٽ ۾ آياسين، پر گھٹ ۾ گھٹ ہہ ٽي ڏينهن ڏهني طور اتان نڪري نہ سگهياسين.

واٽلڊ گوز پگوڊا (عبادتگاھ)

مانجهاندي مان واندا ٿي پروگرام مطابق اسان پگوڊا پهتاسين. رستي ۾ مون کي لڳو تہ اسان مسجد طرف واپس وڃي رهيا آهيون. توڙي جو مان جاگرافيءَ کي سمجهڻ ۾ ڪمزور آهيان. پر هي خيال

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صحيح نڪتو. چو تہ ويجهي پهچڻ سان نہ صرف پگوڊا (مندر) پر اهي ٽاور بہ نظر اچڻ لڳا، جيڪي اسان ڪلهہ ڏسي ويا هياسين. نالي جو ترجمو ڪجي تہ ٿيندو "جهنگلي پکين جو آستانو". هتي ان قسم جا بہ پڌمت جا عبادت گاهہ آهن، هڪ وڏو بہ هڪ ننڍو. پنهي جي پاسن کان رونق لڳي پئي آهي. باغ آهن، هوٽل بہ تفريح گاهون آهن. وڏو 625ع ۾ ٺاهيو ويو هو، جنهن جون پنج منزلون هيون. هڪ سؤ ستانوي فٽ ڊگهو هيو. چون ٿا تہ پنجاهہ سالن کان پوءِ اهو ڍهي پيو هو بہ وري 704ع ۾ ان جون پنج نيون منزلون اڏايون ويون هيون، پر 1556 واري زلزلي ان جي ستن منزلن مان ٽن کي ڪيرائي وڌو. 1644 ۾ ان جي مرمت ٿي بہ وري 1964 ۾ ان تي ڪافي ڪم ٿيو. ان جي موجوده ڊيگهہ پو سؤ ڏهہ فٽ آهي. هتي پڌمت جون ڪوڙ ساريون شيون جتان هٽ آيون خاص طور پارت مان اهي گڏ ڪيون ويون هيون. جيتوٽيڪ "زِاننونگ" سترهن سال ملڪان ملڪ گهمندو رهيو. لڳ ڀڳ سؤ ملڪ لتاڙي پڌمت جون ڪوڙ ساريون شيون نشانيون، لکتون جيڪي گهٽي پاڳي سنسڪرت ۾ هيون، گڏ ڪيون. لکتن جو چيني زبان ۾ ترجمو ڪرايو. اهو ايترو تہ ججهو هو جو ترجمن جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هن پنهنجو سفر نامو بہ"لکيو جيڪو هينئر "Pilgrimage to west" (مغرب جو دؤرو) جي نالي سان چپيو آهي. جنهن کي بہ تاريخ جو اهم رڪارڊ سمجهيو وڃي ٿو.

سمال (ننڍو) وائلڊ گوز پگوڊا (عبادتگاهہ)

هي 707ع کان 709ع ڌاري ٺهيو. هن جي بہ چئني پاسن کان باغ ۾ سرسبز پارڪ آهن. هن جي ڊيگهہ شروع ۾ سؤ ستيتاليهہ فٽ هئي، پر هي بہ 1556 واري زلزلي ۾ ڍهي پٽ پيو هو ۽ وري ٻيهر هن جي تعمير ڪئي وئي. موجوده عمارت هڪ سؤ اڪيتاليهہ فٽ آهي. هينئر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن جون پنڌرهن منزلون آهن. اوائلي دؤر ۾ هتي هڪ ٻئي مندر کان ايندڙ گهٽي سان ڳنڍيل هوندو هو. اهو مندر هن پگوڊا کان به پهريون جو هو جيڪو ان وقت جي بادشاهه پنهنجي پيءُ جي ياد ۾ پنهنجي رهائشگاهه قربان ڪري پروهتن جي لاءِ ٺهرايو هو. انڊيا ۽ ٻين ملڪن کان ماڻهو ٻڌمت جون لکڻيون کڻي ايندا هيا جن جو هتي ترجمو ڪيو ويندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

21- مئي

سيان کان بيجنگ - ايئرپورٽ تي تماشو

ناشتي کان پوءِ هڪ ڪانفرنس روم ۾ حڪومتي همراهن سان ڳالهه ٻولهه جو بندوبست ڪيو ويو هو. ظاهر آهي انهن چين جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو. ايندڙ وقت جي منصوبن جي معلومات ڏني. مانجهاندي کان پوءِ اسان ايئرپورٽ ڏانهن روانا ٿياسين. مون وٽ اهائي پلاسٽڪ جي ٿيلهي هئي جنهن ۾ شرٽ کان علاوه هڪ پاڻيءَ جي بوتل هڪ بادي اسپري (جيڪو مون سيان مان ورتو هو) هيان. ايئرپورٽ تي چيڪنگ مهل هنن پهريائين ته پاڻيءَ لاءِ چيو ته اجازت ناهي. مون اتي جو اتي پاڻي پي، بوتل خالي ڪري ڪين ڏني ته هو غصي ۾ ڏسڻ لڳا. ان کان پوءِ بادي اسپري لاءِ به اشارو ڪيائون ته هت (هڪ ڪائونٽر جتي ان قسم جون شيون پيون هيون) رک. مان چا ڪيو جو اهو گهٽو ته پاڻ کي ۽ گڏ ٻيئل دوستن کي هنيو ۽ ان کان پوءِ تلاشي وٺندڙ عملي کي هنيو. هو ٿورو پريشان ٿيا ۽ صفا برُ ٽي ويا. غلطي منهنجي هئي، هڪ ته رش تمام گهڻي هئي، هو جلدي جلدي اڪلائڻ چاهن پيا، ٻيو ته اهاڙ حرڪت غير قانوني بلڪ غير روايتي هئي ۽ اهڙي حساس جڳهه تي دهشت گردي جو سبب ٿي سگهي پئي. بهرحال اسان جي انتظاميه انهن سان ڳالهائي ڳالهه کي رفع دفع ڪيو. مان به موقعي جي نزاڪت محسوس ڪندي پنهنجي ٻانهن به سنگهي ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جنهن همراهه (ايئرپورٽ جي عملي) کي گهڻو هنيو هيم، ان کي به اشارو ڪيم ته سنگهي ڏس ڪيڏي سٺي خوشبو آ..... هو کلي ويٺو. ساٿيءَ پڇيس ته ان کي به شايد اهو ٻڌايائين ته مان خوشبو ورهائڻ پئي چاهي ..... اتي اسان جي درميان اشارن جي ٻولي ئي هئي ۽ ان پنهنجو ڪم ڪري ڏيکاريو. رات جي ماني بيجنگ ۾ رهائشي هوٽل (ريو چنگ) ۾ کاڌي، مان حسب معمول ٻاهر چڪر هڻڻ لڳس. مختلف دڪانن ۾ گهڙي جائزو وٺندو رهيس. هڪڙي دڪان ۾ ويس جيڪو شايد ڪرنسي مٽائڻ جو هو، اتي اندر جنس جي تسڪين جون شيون پيون هيون، جيڪي شايد پلاسٽڪ جون هيون. ان کان علاوه اسپري، ڪريم وغيره به هيون. مون جڏهن انهن جي باري ۾ ڄاڻڻ لاءِ هيڏي هوڏي واجهايو ته هڪڙي اڌڙوٽ مائي آئي ۽ انگريزيءَ ۾ انهن جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳي ۽ قيمتون به ٻڌائڻ لڳي. هؤ ايڏي ته پروفيشنل هئي، جو هر شيءَ کڻي ايئن سمجهائي رهي هئي جيئن عام سامان يا رانديڪن جي باري ۾ سمجهائبو آهي.

انڌن جو مساج گهر

ٿورو اڳتي هليم ته هڪ بورڊ تي نظر پئي "Blind Massage Home" مون اندر وڃي اهو ڏٺو ۽ معلومات ورتي. مون کي اهو خيال ڏاڍو وڻيو. اتي ڏسڻ کان معذور ماڻهو مساج ڪندا آهن. اتي رش به ٺيڪ ٺاڪ هئي ۽ مون محسوس ڪيو ته نه صرف حڪومت اهڙن منصوبن جي حمايت ڪري ٿي، پر عام ماڻهو به اهڙن منصوبن کي اوليت ۽ اهميت ڏين ٿا. مساج گهر کان نڪري، مان هِن ڀر کان چڪر هڻندو هُن ڀر هليو ويس ۽ هُن ڀر جا دڪان ۽ سپر اسٽور گهمندو ڦرندو، واپس هوٽل تي پهچي ويس. ڪوشش ڪيم ته ڪجهه لکي پڙهي وٺان پر ننڊ چيچ کان وٺي سمهاري ڇڏيو.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

22-مني

ڪنفيوشس انسٽيٽيوٽ

اڄ نائين کان يارهين تائين پيرڊ يا ڪلاس ئي سمجهو "ڪنفيوشس ا!نسٽيٽيوٽس" جي باري ۾ هو. چائنا جيئن ئي دنيا جي اندر پير ڊگهيڙي ورتا ۽ تقريباً دنيا جي مڙني ملڪن ۾ پنهنجي واپار جون منڊيون قائم ڪري ورتيون، تہ کين ڪميونيڪيشن (ڳالهہ ٻولهہ) ۾ رڪاوٽون ڌنڌي ڌاڙيءَ ۾ رڪاوٽون محسوس ٿيون. جيستائين سندن واپار جي ڳالهہ آهي، تہ اسان وٽ اهو مشهور آهي تہ چائنا جو مال پائيدار ناهي ۽ اڄ تائين شهري توڙي ڳوٺاڻا ميڊ اِن جاپان، جرمني، اٽلي يا گهٽ ۾ گهٽ، تائيوان، ڪوريا وغيره ڳولهيندا وتن. ڪراڙا پراڻيون ٽارچ بتيون وغيره گيدن مان ڪڍي ڏيکارن! ابا نہ نہ، بہ ٽيهارو سال ٿيا هوندا، پر اڄ تائين نوان سيل هجن تہ، ڄڻ گولو ٿو ٻري گولو. ڪي وري جپاني ريڊيا وڏي اهتمام سان سانڍيو اچن. بهرحال زمانو ٿيو جو جرمني، جپان وغيره پنهنجي ٽيڪنالوجيءَ جا حق چائنا کي وڪڻي ڇڏيا هاڻي ٻيو تہ ڇڏيو "ڪلارڪ" جهڙي ڪمپنيءَ جا جوتا بہ چين ۾ پيا ٺهن. جيستائين ڪوالٽيءَ جي ڳالهہ آهي تہ چائنا هر قسم جي ڪوالٽيءَ جون شيون ٺاهي ٿو پوءِ وٺڻ واري تي آهي تہ ٻہ پيسا خرچ ڪري اعليٰ معيار جي شيءَ وٺي يا سستي شيءَ وٺي. مون کي جاويد چوڌريءَ جو هڪ ڪالم ياد اچي ٿو جنهن ۾ هن وائيٽ هائوس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(آمريڪا) ۾ هڪ نشست دوران، ٽائون کي مٽي ڪٽي ڏنو ۽ درين جي پردن کي ورائي پويان ڏنو ته لکيل هو "ميڊ ان چائنا" ظاهر آهي، ته وائٽ هائوس جون شيون دنيا جي اعليٰ معيار وٽان ئي هونديون. چائنا پنهنجي واپار کي ايترو ته پکيڙيو آهي جو ورلي ڪا ڪنڊ هوندي جتي چائنا نه هجي. مان جڏهن دبئي ۽ شارجا ۾ هيس ته اتي خبر پئي ته هت به بين ملڪن وانگر علاقائي ماٺهو يا ان جي شراڪت سان ڏنڏو ڪري سگهجي ٿو پر ڪجهه اوائلي هندستان جون عمارتون يا واپار هيا باقي گهٽي ياڳي چائنا جڳهه والاريندو وڃي پيو.

ڳالهه پئي ڪئي سين "ڪنفيوشس انسٽيٽيوٽس" جي، لڳ ڀڳ 2004ع ڏاري چين ان پروگرام کي شروع ڪيو. سيني سڌريل ملڪن ۾ سنجيده قسم جون تحقيقون ٿيندیون آهن ته ملڪ جا مسئلا ڪهڙا آهن ۽ انهن جو حل ڇا آهي. ملڪ جي ترقي، تعليم، صحت وغيره ۾ ڪهڙيون رڪاوٽون آهن ۽ انهن کي ڪيئن دور ڪري سگهجي ٿو. چائنا به گهٽو اڳ واپار جي حوالي سان اهو محسوس ڪري ورتو هو ته سندن عام صنعت ڪار واپاريءَ کي معاملات طئه ڪرڻ ۽ وٺڻ واپار جي واڌ ويجهه لاءِ زبان رڪاوٽ بڻجي ٿي. ان لاءِ هنن به فيصلا ڪيا، هڪ ته چيني ماٺهن کي وڌ ۾ وڌ هوليون، خاص طور تي انگريزي سکڻ گهرجي ۽ پيو ته سڄي دنيا جي اندر چيني هوليءَ کي سيکارڻ جا درسگاهه قائم ڪجن.

ڪنفيوشس قديم فلاسفرن منجهان هڪ آهي. هن جي فلسفي جو اثر پوري دنيا، خاص طور ايشيا تي رهيو آهي. مان هنن ڪان اهو سوال به ڪيو ته ڇا انهن ادارن ۾ ڪنفيوشس جي تعليم به ڏني ويندي، پر ايئن ناهي اهو اهڙيءَ طرح ئي آهي جيئن اسان وٽ قائداعظم يا علامه اقبال يونيورسٽي. جيئن ڪنهن اداري کي ڪنهن چگي ماٺهوءَ جي نالي سان وابسطه ڪيو ويجي. چائنا ۾ ته سوشلسٽ دؤر ۾ ڪنفيوشس فلسفي جي خلاف ڪيترائي عمل جاري رهيا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بهرحال 2004 ڏاري چائنا، وزارت تعليم جي زير نگرانيءَ ۾ دنيا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ڪنفيوشس ادارا يا تعليمي ادارن اندر ڪنفيوشس ڪلاس کوليا، جن جو بنيادي مقصد چيني زبان ۽ ثقافت جو فروغ آهي. ان وقت تائين لڳ ڀڳ سؤ ملڪن ۾ ٽي سؤ انسٽيٽيوٽس ۽ ٽي سؤ ڪنفيوشس ڪلاس رومس ڪم ڪري رهيا هيا، جن مان ٻه پاڪستان ۾ آهن. جڏهن ته سندن نيت هزار کان مٿي اهڙن ادارن جي اڏڻ جي. هاڻي ٻڌايو جا قوم هڪ ڏڪ سان ايترا شڪار ڪري ۽ اهي ٻه مڪمل وفاداري ۽ ايمانداريءَ سان، اها ڪڏهن ٻه شڪست کائي سگهي ٿي؟ ڪنهن جي محتاج رهي سگهي ٿي؟

مان جڏهن رات جي ماني کائڻ لاءِ هال ۾ آيس ته اتي حسين ناصر ويٺو هيو. حسين ناصر بلوچستان جي پشتون بيلٽ جو رهواسي آهي. بلوچستان ۾ ڪوئيٽا کان اڀرندي زوب مسلم باغ، قلعه سيف الله، لورا لائي ۽ موسيٰ خيل وغيره جي علاقن ۾ اڪثريت، بلڪ ذري گهٽ سموري آبادي پشتونن جي آهي. هن جو نالو حسين ۽ قبيلو ناصر آهي. هي ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪندو آهي. بلوچستان ۾ تعليم گهٽ هجڻ ڪري ٿوري تعليم تي وڏيون نوڪريون مليو وڃن ۽ وري انهن جون ترقيون ٻه جلد ٿين. ڪڏهن ڪڏهن ته اتان جا وڏا آفيسر ڏسي ماٺهو پريشان ٿيو وڃي. مونکي جڏهن ڪراچيءَ کان (نيشنل بڪ ڪائونسل آف پاڪستان) ڪوئيٽا بدلي ڪيو ويو هو ته حڪم اهو مليو هيو ته في الحال اتي جي اڪادمي ادبيات جي دفتر جي ٻن ڪمرن ۾ دفتر کولڻو آهي.

قصو مختصر دفتر ٻه اُهو ته رهائش ٻه اها. اتي ٻه ٻڻاڻ رهندا هيا. هڪ سيد خان، ٻيو سفر خان. ٻنهي جون طبيعتون هڪ ٻئي کان مختلف ٻنهي جو آبائي علاقو موسيٰ خيل، پر گهڻي عرصي کان هڪڙو بکر ته ٻيو ڪبير والا جو رهائشي ٿي ويو آهي. پر جيئن ته ٻنهي جا، اتان جا لوڪل ڊوميسائل ٺهيل هيا، ان ڪري اتي نوڪري ملي هين. ٻڻاڻن جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪڙي تمام سٺي ڳالهه آهي ته سندن پاڻ ۾ ايڪو ڏاڍو هوندو آهي. هڪ ٻئي جي مدد به ضرور ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح اتي به پٺاڻن جو ميلو لڳو پيو هوندو هو. انهن ۾ هڪ هي حسين ناصر به هوندو هو. مان هن جي حوالي سان وڌيڪ ڪجهه به لکڻ نه ٿو چاهيان ڇو ته ڪتاب تاريخ جو حصو هوندا آهن. بس پڪو پڪو پٺاڻ هو. اتي چائنا ۾ به سندس مون ان جو اهڙو ئي رويو ڏٺو. خير هنن جا پروگرام الڳ هئا نه ته تاريخي گند ٿئي ها ۽ چڱو ٿيو جو هڪ ڏينهن کان پوءِ هنن کي ڪنهن ٻئي شهر وٺي ويا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

23-مئي

اچو تہ چيني زبان سکون

اڄ جا ڪلاس منهنجي لاءِ تہ بور گذريا، ڇو تہ اڄ کان هنن چيني ٻوليءَ جي حوالي سان معلومات شروع ڪئي. ڪلاس ۾ جن کي چيني ٻولي ٿوري گهڻي ايندي هئي، انهن تہ شايد ڪجهہ نہ ڪجهہ پرايو هوندو، باقي ٻين لاءِ دٻي ۾ ٺڪريون. اڄ معلوم ٿيو تہ جنهن کي اسين چائنا ٿا چئون، اسين ڇا ساري دنيا ۽ خود چين وارا بي چين / چائنا چون ان جو بہ اصل ۽ چيني زبان ۾ نالو ايڏو تہ مشڪل آهي جو الامان ولحفيظ! Prinyiniguo Zhonghua Remin Gonghe. مان کي تہ سنڌيءَ ۾ بہ لکڻ نہ ٿو اچي.

نائين کان يارهين وڳي تائين تہ چيني ٻولي سکڻ ۽ سيکارڻ جا قانون پئي ٻڌايائون. اهي بہ اوڏائي خشڪ هيا، جيڏا ٻير جا ڇوڏا..... گرامر وغيره جا قانون ۽ گردان ۽ عام شاگرد يا ماڻهوءَ کي ٿڪائي وجهندا آهن، خاص ڪري شاگرديءَ واري عرصي کان پوءِ. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن پنهنجي ٻولين کي سيکارڻ لاءِ نوان نوان آسان طريقا پيدا ڪيا آهن، ننڍڙن لاءِ راند روند ۽ هر هر ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ ڪرڻ واري طريقي سان جلد ۽ آسانيءَ سان ٻولي سکي وٺن ٿا ۽ وڏن جي لاءِ وري تفريحي طريقا ايجاد ڪيا آهن. چينين بہ شايد ڪيا هجن پر اڄ هنن صرف چيده چيده قانون وغيره ٿي ٻڌايا. اسان صرف ايترو سمجهي ۽ سکي سگهياسي:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مهرباني. شياشيا يا شي شي Xie Xie

وقت چا ٽيو آهي؟ سندي آي چيدا (چيني لکي نہ سگهيس)

هي کان چئين واري کلاس ۾ چائنا ٽوئرسٽ جاگرافي جي باري ۾ ٻڌايو ويو. هر مضمون جي حوالي سان مختلف ادارن جا ماڻهو ايندا هئا. اهي يا ته انگريزيءَ ۾ سمجهائيندا هئا يا وري انهن جا مترجم انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندا هئا. انهن جي انگريزيءَ مان اندازو ٿي ويو ته اهي ان ۾ پڙ نہ آهن. بس ڪم هلائن پيا. هي ليڪچر ڏيڻ وارو همراه بيجنگ فارين افيئرس آفيس مان آيو هو. هي هر پروگرام ۾ پنهنجي مفاد ۾ مستقبل کي سامهون رکندا هئا ۽ ڏاڍي سهڻي نموني کنهن به موضوع ۾ ليڪچر ۾ پنهنجي ڳالهه ڪري وٺندا هئا. ان کري ليڪچر ۾ گهرائيندا ئي اهڙا ايڪسپرٽ هيا. جيئن صبح وارو ليڪچر هيو چيني زبان سکڻ ۾ سيڪارڻ جا قائدا ۽ همراه آيو هو. "ڪيپيٽل يونيورسٽي آف اڪنامڪس اينڊ بزنس".

مان حسب معمول رات جي مانيءَ کان پوء رلڻ نڪري ويس. هوٽل جي ويجهو ئي ڪپي پاسي نهر آهي. اتي ماڻهو مڇي به ماريندا آهن ڏور ۾ ڪنديءَ سان. مان نهر جي ٻي پاسي سڄي هٽ تي هلندو ويس. اڇيان وڇولي درجي جو پارڪ هو. ان جي اندر ويس پر جلدي ٻاهر نڪري وري اڇتي وڌڻ لڳس. ٽورو ئي اڇتي ويس ته ميوزڪ جو آواز ڪن تي پيو. آءُ اوڏانهن هليو ويس. اڇيان هڪ وائڪي جڳهه هئي اتي ڪجهه همراه ٻن چئن موسيقيءَ جي آرگنن سان موسيقي پيدا ڪري رهيا هيا ۽ ڪوڙ سارا ماڻهو ڊانس ڪري رهيا هيا. عجب جي ڳالهه اها هئي ته ڊانس ڪندڙن ۾ هر عمر جا ماڻهو هيا. بلڪ اڪثريت اڌڙوٽ ماڻهن جي هئي. جوڙن ۾ هڪ مرد هڪ مائيءَ کان علاوه ٻئي مرد ۽ ٻئي مايون به هيون. هنن کي عام بوٽ پاتل هيا. مان فيصلو نہ ڪري سگهيس ته ڪو ڏڻ آهي. ڪا شادي آهي يا ڪو ٻيو ڪجهه؟ سوچيم ته کنهن کان پڇي وٺندس. آهستي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهستي ميلو ڦٽڻ لڳو. مان هوٽل جي جاگرافي ذهن ۾ رکندي ۽ ڪيسي ۾ هوٽل جي ڪارڊ جي پڪ ڪري ٻئي طرف کان اڳتي وڌندو ويس. جڏهن سگنل آيو ته کٻي هٿ تي موڙي وڏي روڊ تي پهچي جائزو ورتو پڪ ڪيم ته هي روڊ (ٻئي هٿ تي) سڌو هوٽل تي ويندو. مان روڊ ٽپي وري اڳتي هلڻ لڳس. اڳيان هڪ ويڙهو نظر آيو. اوڏانهن هليو ويس. اندر ڪيترائي گهر ۽ دڪان وغيره نظر آيا. هڪ ڏوبيءَ جو به نظر آيو. مان ان ۾ هليو ويس ڪوخاص ڪم نه هو. همراه کان اشارن ۾ پڇيم ڏوئڻ جا ڪيترا ۽ استريءَ جا ڪيترا؟ هن ڪلڪيوليٽر تي پنج ۽ ڇهه لکي ڏيکاريا، يعني پنجاهه ۽ سٺ رپيا. هونئن ته مان ۾ عامر شرٽ وغيره رات جو ڪمري ۾ ڏوئي باٿ روم ۾ سُڪائڻ لاءِ رکندا ۽ صبح جو صفائي وارن کان اڳ لاهي سانديي ڇڏيندا هياسين. اهو ڏس مون کي عامر ڏنو هو بلڪ هو هوٽل وارن کان استري به وٺندو هو ۽ آسان استري به بوقت ضرورت پاڻ ئي ڪندا هياسين. مان ان ويڙهي ۾ گهمندو رهيس. اتي واندين گهٽين يا خالي جڳهن تي چيني ويٺا مختلف راندیون ڪن. هو مون کي دلچسپيءَ سان ڏسي رهيا هيا ۽ جڏهن مان هڪڙي ٽولي مٿان ٻيهي، سمجهه ۾ نه ايندڙ راند ڏسي رهيو هيس ته هڪڙي همراه ڪجهه چيو جيڪو مون سمجهيو ته "تو کي چيني ايندي آهي ان ڪري مون چيو "انگلش" هن اشاري سان راند رهڻ لاءِ چيو مون به کين اشاري سان چيو "نه".

گهمندي هڪ دڪان ۾ هليو ويس. هي نهيل ته ڪو عالیشان نه هو پر هن جا ٽي دروازا هيا. ۽ مختلف ويڙهن کان ۽ هڪ وڏي روڊ کان اندر هٽ تقريباً هر شيءَ دال چانور کان وٺي مڇي گوشت تائين هئي. مختلف پاڻ ڳا نهيل هئا. مون اتان ضرورت جون ڪجهه شيون جيڪي سستيون لڳيون، ورتيون. وڏي روڊ واري دروازي کان نڪري، وراڻو ڏئي، هوٽل ڏانهن وريس. هينئر اونده ٿي رهي هئي. ندیءَ تي ۽ رش گهٽ هئي. مڇيءَ جي شڪار جا شوقين به واپس هليا ويا هيا. مان ڪجهه دير ندیءَ مٿان نهيل پل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٽي ييهي نظارو ڪرڻ لڳس. هوٽل واري پاسي "روسٽيڊ ڊڪ" جو اشتهار لڳل هو. پهريون مون پاڻ واري هوٽل جو حصو سمجهيو. پر اندر وڃڻ کان پوءِ خبر پئي ته هي الڳ هوٽل هو. اندر نائٽ ڪلب ۾ هئي جتي موج ميلو جاري هو. چين ۾ روسٽيڊ ڊڪ (پڳل بدڪ) تمام گهٽو مشهور آهي ۽ ان نالي ۽ اشتهار سان ڪيئي هوٽل ۽ ريسٽورانٽس آهن. هوٽل تي اچي پڙهڻ جي ڪيم پر مود نه ٿهيو. بتيون بند ڪري دوربين سان جائزو ورتم پر ڪو نظارو نظر نه آيو. آخرڪار ڦٽڪي ننڊ وئي وئي.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

24-مئي

جنت جو مندر- هنگڪو بازار- ليئان ٿيٽر

حسب معمول ناشتو ڪري تياري ڪرڻ لڳاسين. اڄ اسان جي پروگرام ۾ "جنت مندر (Temple of Heaven)" گھمڻو هيو. نائين وڳي تائين اسان کي بسن ۾ موجود هجڻ جو اڳ ۾ ئي چيو ويو هو. نادير اڳ ۾ ئي منهنجي لاءِ سيٽ خالي رکيو ويئي هئي. اسان اشارن ۾ سلام دعا ڪيو سي يا وڌ ۾ وڌ گڊمارننگ چوڻ جي ٻنهي کي خبر هئي. ماڻ ميڙ ۾ بس جي شيشي مان ٻاهر جا نظارا ڪندي، اسان جنتي مندر يا جڳهه تي پهچي وياسين. بسن مان لهڻ سان ئي همراهن فوٽو ڪيڻ جي وٺ وڻان لائي ڏني. خاص طور تي جپڪڏهن ڪٽي ڪنهن "ڊريگون" (هڪ جانور نما چائنا جو سمبل جنهن جي منڊي ڪٽي ساموندي گھوڙي (ٻڏل) وانگر ۽ باقي عام جانور وانگي) جو نشان (بوتو) رکيل هو. جيتوٽيڪ چائنا جو اهو سمبل جنهن کي هو خوش بختيءَ جو سَنوڻ سمجهن ٿا، تقريباً هر هوٽل ۽ تفريح گاهه ۾ موجود هو ۽ اسان واري ٽولي ڪيترائي دفعا ان سان فوٽو ڪيرايا هئا (الائي ڇا سوچي). هي پُرفسون عمارت پندرهين صديءَ جي شروع ۾ مڪمل ٿي لڳ ڀڳ جڏهن فاربڊن سٽي ٺهي رهي هئي، پر مون کي هيءَ جڳهه فاربڊن سٽيءَ کان به ٽئيٽين چونئيٽين لڳي. پوءِ خبر پئي ته والاريل جڳهه لڳ ڀڳ پوٽا ٽي ڪلوميٽر هئي. هن ۾ ٽي خاص عمارتون آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏو باغ / باغيچو آهي. هن جو پهريون نالو "الٽر آف هيون" هو پوءِ سورهين صديءَ ۾ هن جو نالو "ٽيمپل آف هيون" رکيو ويو ۽ بعد ۾ ٽيمپل آف سن، ٽيمپل آف ارٽ ۽ ٽيمپل آف مون پڻ اڌيا ويا. 1918ع ۾ هن کي هڪ پارڪ جو درجو ڏنو ويو ۽ عوام جي لاءِ کوليو ويو. ڇهيو وڃي ٿو ته "عبادتي قربان گاهن" ۾ هي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قربان گاهه يا عبادت گاهه آهي.

هن جي اندر ڪي خاص عمارتون آهن. هڪڙو پلي فصل ۽ موسم جي عبادت لاءِ، جتي صرف بادشاهه ئي عبادت ڪري سگهن پيا. ماربل جي (جيڪو اڄ به نئون نظر اچي ٿو) ٽن دِڪن تي کاٽ جي عمارت آهي، جنهن ۾ ڪوبه ڪوڪو ناهي لڳل. منهنجي شهر شڪارپور جي اوائلي جاين ۾ ٽيل کائڻ جي ڪم وانگر. اسان جي پنهنجي جاءِ (جمعه خان مڏي شڪارپور) ۾ لڳل لوهه جي گِرل کي ڪٽي به ويلڊنگ ٽيل نه آهي ۽ کاٽ جي ٿهيل مختلف شين کي ڪوبه ڪوڪو لڳل نه آهي.

" ٻئي جڳهه به بادشاهن جي عبادت گاهه آهي، جيڪي پهرئين واري کان ننڍي آهي ۽ اندران ئي اندران پهرئين واري سان ويجي ملي ٽي. ٽئين جڳهه به ماربل جي ٽن دڪن سان ٿهيل آهي. هر هڪ دڪو ڊريگن جي اعليٰ قسم جي تصويرن سان سينگاريل آهي. هي به خوبصورت ڏاڪن ذريعي پهرين واري عمارت سان ملي ٽي. سڀني عمارتن جون ڇتيون گهري نيري رنگ جي ٽائيلن (سرن) سان جڙيل هيون. جيئن سنڌ جي اندر به اوائلي عمارتن ۽ هاٿي وارين عمارتن تي ان طرح جو ڪم ٽيل آهي. (مڪلي ٽئو وغيره)

هتي ٽي وڏا پٿر ٽوري ٽوري فاصلي تي رکيل آهن جن کي "ايڪواسٽونس" ٿا چون. اوهان هڪ پٿر تي ٻيهي ٽورو زور سان جيڪو ڪجهه چوندئو، ٽوري دير ۾ ان جو پڙاڏو اوهان کي ٻڌڻ ۾ ايندو. مزي جي ڳالهه ته ٻئي ۽ ٽئين پٿر تي وجي ٻيهڻ سان، ساڳيو پڙاڏو اوهان کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊڊ ۾ ايندو. اهڙي طرح ۾ نمبر عمارت "امپيرل والڊ" جي چوڏاري پت آهي، ان کي "ايڪو وال" چيو وڃي ٿو. ان ۾ اهو آهي ته جيڪڏهن پت جي اولهه واري پاسي کان بيئل همراه سس پس ڪري ته اوپر واري پاسي بيئل همراه اهو صاف ڊڊي سگهي ٿو. اهي تجربا اسان ورائي ورائي ڪري ڏنا.

جاگيرداري واري دؤر ۾ ئي مذهبن زور ورتو ۽ نه صرف قانون، حڪومت پر زندگيءَ جي چرپر تي قابض رهيا. ان دؤر ۾ بادشاهن ۽ شهنشاهن جو اڻ ڏٺل طاقتن تي يقين هوندو هو. ان ڪري عام ماڻهوءَ کي صرف يقين ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو هو باقي نه ته ڇاڻ حاصل ڪرڻ ۽ خدائن سان قربت، قائم ڪرڻ جي کين اجازت هوندي هئي. بادشاهه ۽ شهنشاهه پهريائين پاڻ کي خدائن جي اولاد پوءِ پاڇو ۽ اُن کان پوءِ نائب مجرائڻ لاءِ مختلف حربا استعمال ڪندا رهيا. ڇائنا ۾ به لڳ ڀڳ ٻي هزار سال جاگيرداريءَ جي بالادستي رهي، هي قربان گاهون ۽ عبادت گاهون به ان وقت جون ٺهيل آهن. هنن ۾ به صرف بادشاهه ۽ شاهي خاندان عبادت ڪري سگهندو هو ۽ ڏڻ ملهائيندو هو عام ماڻهوءَ کي شرڪت ته ڇا پر پري کان به ڏسڻ جي اجازت نه هوندي هئي. سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ جي ترقيءَ سان جڏهن حقيقتون ظاهر ٿيڻ لڳيون، ته عوامي ردعمل به سامهون اچڻ لڳا. نتيجي ۾ هنن مذهب تي اجاره داري ته قائم رکي، باقي عبادتن جو ذمو مخصوص ٽولن جي حوالي ڪيو. خود اسلام جي اندر شروع شروع ۾ خليفا يا امام ئي عبادتن جا سربراه هوندا هئا ۽ مذهب جي بنياد تي قاضي مفتي ۽ اعظم ٿي سزائون ۽ جزائون ڏيندا هيا.

اتان واندا ٿي يڪ سان هڪ ريسٽورنٽ ۾ مانجهاندي لاءِ وياسين. عجيب ريسٽورنٽ هيو. هر واش بيسن جو اسٽينڈ سهڻي چوڪريءَ جي بن جڳهن وانگر هو جيڪا چڙ اونڌي ٿي بيٺي هئي. ٽائلٽ جي اندر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويم. جڏهن ڪموڊ تي ويلم ته هڪ دفعو ته ڇرڪ ڀري اٿي بيلس ڇو ته اندران سڀ ڪجهه ڏسڻ ۾ پئي آيو هيڪر ته پريشان ٿي ويس پر پوءِ اهو ڏسي ته ڪنهن به ماڻهوءَ جو ڌيان هن طرف نه هو (ڇو؟) اطمينان ٿيو ۽ پوءِ ٻاهر اچي ڏٺم ته اتان ڪجهه به نظر نه پيو اچي.

اتان واندا ٿي شاپنگ لاءِ "هانگ ڪئو" مارڪيٽ روانا ٿياسين. چيني ايڏا استاد هيا جو اسان کي مقرر ٿيل پيسا هفتي جي آخر ۾ ڏيندا هيا ۽ پوءِ ان يا ٻئي ڏينهن شاپنگ تي وٺي ويندا هئا، جيئن انهن جا پيسا اتي ئي کپائي وڃون.

هنن مارڪيٽ جي ٻاهران بسون بيهاري اسان کي هدايتون ڏنيون ته مارڪيٽ جي ئي اوسي پاسي رهون، مقرر وقت يعني ساڍي چئين بجي هر حال ۾ بسن جي اندر ويهي چڪا هجون وغيره وغيره. هن عاليشان مارڪيٽ جي ٻاهران وڏن اکرن ۾ لکيل هيو "هانگ ڪئو پرل مارڪيٽ". هن کي عموماً پرل مارڪيٽ ئي چون. هن جا ٽي طبقا صرف موتين جي واپار سان وکريل هئا. هت ڪيئي قسمن، ڊزائنن ۽ سائيزن جا موتي ۽ ٻيا قيمتي پٿر پڻ هيا. پوءِ خبر پئي ته موتين جي حوالي سان هي پوري دنيا ۾ مشهور آهي ۽ بيجنگ ۾ ريشمي ڪپڙي جي خريداريءَ لاءِ به مشهور آهي. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته صرف هن مارڪيٽ ۾ نه پر ڪٿي به ڊبل گهوڙا بوسڪيءَ جي ڌپ ته ڇا پر ڏس به نه پيو ملي. نه بوسڪي سمجهن، نه ڊبل هارس جيتوڻيڪ ريشمي ڪپڙو کڻي بوسڪيءَ جو رنگ به مون هنن کي ڏيکاريو پر ڪاريءَ وارا ڪک. مون کي ته اتي يقين ٿي ويو ته بوسڪي چائنا ۾ ٺهندي ئي ڪونهي. هتي مختلف هنڌن تي (دڪانن تي) دنيا جي مشهور ماڻهن جون تصويرون لڳل هيون، جنهن ۾ هنن کي هن مارڪيٽ مان موتي وٺندي ڏيکاريو ويو آهي. انهن مان مارگريٽ ٿيچر ۽ ڪجهه انڊين اداڪارائن جون تصويرون به هيون. ٻيون به ڪيتريون ئي شيون جهڙوڪ جيولري،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اليڪٽرانڪس جو سامان، واچون، جوتا، سوٽ ڪيس ۽ سي فوڊ جون به عجيب غريب ڪيتريون ئي شون نظر آيون.

اتي ئي خبر پئي ته هن مارڪيٽ جي پويان راندیکن جو وڏو مارڪيٽ آهي. اسان ڪجهه دوست وري ان مارڪيٽ ڏي ويا سون. ان جو نالو به "هنگ ڪئو ٽواء مارڪيٽ" هيو. شايد هنگ ڪئو ان علائقي جو نالو هجي. هي مارڪيٽ هن سال ۾ هن مهيني آباد ٿيو هو. (مئي 2008ع) پرلڳي ائين پيو ڇڻ ڪيتري عرصي کان هلندڙ هجي. هت به تقريباً ساڳيو سامان هو. ها باقي راندیکن جا ڪيترائي دڪان هيا جتي سستي کان سستا ۽ مهانگي کان مهانگا راندیکا هيا. هتي ٻنهي مارڪيٽن جا دڪاندار باقي ٻين هنڌن کان سڀي انگريزي ڳالهائن پيا ان ڪري هتان خريداري آسان لڳي پئي، ڇو ته گهٽو ڪري شين سان ملندڙ معلوماتي ڪاغذ به چيني ٻوليءَ ۾ ته خود شين تي به چيني ٻوليءَ ۾ لکيل پوء جي ڪجهه معلوم ڪجي ته ڪيئن ڪجي، سڀ ڏٻي ۾ نڪريون. مان اتان ڪيترائي راندیکا، هڪ جوگر (جوتو) ۽ ڪجهه سووينر ورتا. هاڻي اسان کي خبر پئجي وئي هئي ته پوري چائنا ۾ شين جا اڳهه وڌائي رکي ۽ ٻڌايا ويڻ ٿا ۽ سوديبازيءَ ۾ هي پاڻ وارن پٽاڻن کان به به نه پر الائي ڪيترا هٽ اڳتي آهن. ان ڪري فرض ڪيو ته ڪنهن شيءَ جا هو پنج هزار (پاڪستاني) چوندا هيا ته اسان پنج سؤ (پاڪستاني) چوندا هياسون ۽ مزي جي ڳالهه ته ڪڏهن ڪڏهن گهٽي تڪرار کان پوء جڏهن ان اڳهه تي راضي ٿي ويندا هيا، ته اسان پريشان ٿي ويندا هياسون. هو اسان جي پريشاني محسوس ڪري ٽورو ڪندا هيا ته اوهان مهمان آهيو. پاڪستان پاڙيسري ملڪ آهي، خير آ، جي اسان توهان مان نفعو نه به ڪمايو سي. ڪڏهن ڪڏهن هو بيزار ڪري وجهندا هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دڪان تي عموماً چوڪريون هونديون هيون ۽ اوهان هڪ دفعو دڪان تي آيئو تہ ڏاڏئو. هو .چنبڙي پونديون، پهريون ان شيءَ جون خوبيون ٻڌائيندیون، پوء ڊمانسٽريشن ڪري ڏيکاريندیون پوء اها شيءَ اوهان لاء ڪيتري ضروري آهي ٻڌائيندیون، اُهي گر استعمال ڪري، ان کان پوء قيمت ٻڌائيندیون. پوء تڪرار هلندو قيمت تي. ڪنهن شيءَ جي قيمت يا پيسن جو حساب ڪلڪيوليٽر تي ئي سمجهڻو پوندو هو. پاڪستاني يارهين رپين جو هڪ يونان (چيني رپيو) ان وقت هو. اسان آسانيءَ خاطر هڪ ٻڙي ختم يا وڏائي حساب ڪندا هئاسين. جيڪي ٻہ ٽي جملا هو انگريزي ڳالهائيندیون هيون اهي هوندا هئا. (You Tell) تون ٻڌاء تون ٻڌاء (You Tell me) ايتري ۾ تہ تون مون کي قتل ٿو ڪرين مطلب تہ ڪجهہ وڌاء چوندا آهن تہ هر شيءَ جا ٻہ پهلو مثبت ۽ منفي هوندا آهن. چيني ٻوليءَ جو نہ اچڻ ٻہ ڪڏهن ڪڏهن اسان کي فائدو ڏئي ويندو هو. قيمت جي تڪرار کان پوء جڏهن اسان واري قيمت تي هو راضي ٿي ويندیون هيون ۽ پوء ٻہ اسان جي دل جي اها شيءَ نہ ونڊ چاهيندي هئي تہ پوء اسان ٻوليءَ کي نہ سمجهڻ جو هٿيار تيز ڪري پچڻ جي ڪندا هئاسين. ڪيترائي دڪاندار پويان پويان ايندا هئا ۽ اهڙي ماڻهوءَ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندا هيا، جيڪي انگريزي ۽ چيني زبانون چاڻيندا هجن. جيئن اسان کي قائل ڪري سگهن ۽ هن کي ٻڌائي سگهن تہ اسان چاڻا چئون. ٻہ ڳالهيون مون نوٽ ڪيون تہ هنن جي ياد تيز هئي جو اسان کنهن دڪان تان ڪا شيءَ ڏني ۽ ڪنهن سبب ڪري نہ ورتي ۽ جي ٻيهر ان دڪان تي وڃڻ يا لنگهہ ٽيو تہ هڪدم سڃاڻي ونڊندا ۽ هيلو هيلو چئي وري ان شيءَ جي ونڊ لاء زور پريندا، جڏهن تہ هنن وٽ روز وڻ وڻ جون ڪاٽيون ايندیون هونديون. ٻئي ڳالهہ تہ هنن جو تجربو تيز هو هڪ ئي وقت جيڪڏهن ڪيترائي گراهڪ هجن تہ هنن کي خبر هئي تہ ڪنهن کي اهيمت ڏجي؟ باقي جي واندا هوندا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پوء ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائيندا، تہ ڪا نہ ڪا شيءَ آيل گراهڪ کي وڪرو ڪجي، پلي هو صرف وقت گذارڻ لاءِ ئي مارڪيٽ آيو هجي.

مارڪيٽ کان پوء اسان "ليان ٽئٽر" ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين. يقين ڪيو يا نہ رات جي مانيُ (Supper)5-30/6 بجي ليان ٽئٽر جي ريسٽورانٽ ۾ گاڏيسين، پوء قطار ۾ ٽئٽر اندر داخل ٿياسين. اهڙين جڳهن تي اسان جا منتظم ٽڪيٽون ولي گيٽ واري کي ڏيندا هئا ۽ اسان لائين ۾ اندر داخل ٿيندا هئاسين. اتي ڪوبہ ماڻهو بنا ٽڪيٽ يا بنا لائن جي داخل ٿيڻ جو سوچي تہ شايد سگهي ٿو پر ڪري نہ ٿو سگهي. گهٽو ڪري تہ باهر نڪرڻ وقت بہ لائين ۾ لڳڻو پوندو هو.

ليان ٽئٽر هي روزانو سادي ستين٠شروع ٿئي ٿو. هن ۾ مختلف ڪرتب ڏيکاريا وڃن ٿا. مجموعي طور چائنا جي ڪلاسيڪل ڪرتبن کي ڏيکاريو وڃي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح هي اوائلي فن وغيره کي زنده رکيو اڃن. سڀ کان مزي جي ڳالهہ تہ ڪرتبن شروع ٿيڻ کان اڳ، توهان سيٽ تي وينا آهيو. اوهان کي پيالي يا چانهہ وارو گلاس ڏيندا ۽ انهن جا ماهر پري پري کان ناچ واري انداز ۾ ايندي ڪيترن ئي ٽٽن جي فاصلي کان ڪنڌيءَ ۾ لڳل ڊگهي پائپ مان اوهان جي پياليءَ ۾ چانهن وجهندا. اهو ڪرتب ڪندڙن کي هڪ منفرد لباس پهريل هو. ان ڪرتب ماڻهن کي ڏاڍو وندرايو. ٽئٽر شروع ٿيڻ کان پهريون اوهان نہ صرف ٽئٽر جي پوري عمارت ڏسي سگهو ٿا پر ميڪ اپ جو ڪمرو هلندڙ ميڪ اپ ۽ مختلف تياريون بہ اندر وڃي ڏسي سگهو ٿا. اتان نندن دڪانن (نيلن) تان چين جي حوالي ۽ خاص طور ٽئٽر ۽ ان جي مختلف ڪرتبن جي حوالي سان سووينر بہ خريد ڪري سگهو ٿا. اهو سڄو ماحول پراڻي بيجنگ (پيڪنگ) جو منظر پيش ڪري رهيو هو. ڪمنٽري وغيره انگريزي زبان ۾ بہ هئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اندر ويهڻ واريون سيڊون ۽ اسان واري پراڻي اسميلي واري انداز ۾، الڻ الڻ ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش واريون هيون. لٽٽر کان واندا ٿي، هوٽل پهتاسون. اڄ گرمي زياده هئي، پر هوٽل جي ايئرڪنڊيشن اهائي نه هجڻ جي برابر حرام آ جي وڏي، پگهر سکي ئي نه. هوٽل وارن کي چئي چڪجي ٽيم پر کو فائدو نه. مزي جي ڳالهه ته چڙيا ۽ نه ۽ بدتميزي ۽ نه، مجبورن مان پاڻ کي مصروف رکڻ لاءِ ۽ گرمي گهٽ ڪرڻ لاءِ ٽبُ پاڻيءَ جو پري ان ۾ وهنجڻ واري جيل (پاڻياڻ وارو صابڻ) جيڪي هو روز اسان کي آڏر جيتري خوبصورت پلاسٽڪ جي بوتل ئي سمجهو ۾ ڏيندا هئا، جيڪي مون وٽ گهڻيون گڏ ٿي ويون هيون، عموماً آءُ خشڪ صابڻ (ٽڪي) استعمال ڪندو هيس، اهي چار پنج نندينون بوتلون ٽبُ ۾ وڏم ۽ ٽيهه چاليهه منٽ ٽبُ ۾ پيو رهيس، اتي ٽبُ ۾ پئي پئي جورابا ۽ ڏوتم. هر روز اسان کي، شيمپو، تڙ واري جيل، ۽ صابڻ جون گول ٽڪيون، ڪپڙي جا چمپل، ٽوال پيٽڻ واري پاڻي جون ۽ نندينون بوتلون، سائي چانهن جا پتا، ڪافيءَ جا ساشا، ڪڏهن ڪڏهن ڦٽي وغيره ڏيندا هئا. آءُ ٽبُ مان نڪري لڳ مڙئي خشڪ ڪري، چڊي ۾ ئي سمهي پيس. سوچيم نوٽس لکي وٺان، پر لکي نه سگهيس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

25-مئي
سمر پيلس

ناشتي کان پوء ٺهي سنمبري بسن ۾ اچي ويٺاسين. اسان جي گائيڊ وري ٽڏو ساھ کٽي چيو: او ماء گاڊ! ۽ پوء سمر پيلس جي تاريخ ۽ تعريف شروع کيائين. اسان بس ۾ ويٺي ويٺي ھن جادو نگريءَ جي جادوءَ جو شڪار ٿي وياسين. ايترو ته اثر چائنجي ويو جو مان اھو به پلجي ويس ته مان ڪنھن سان گڏ ويٺو آھيان. ۽ ناديه ڪٽي ويٺي آھي. جادوءَ جي ڊري ٽيڻ کان پوء ڏٺم ته اڳئين سيٽن تي ويٺي ھئي. مان در اصل پوئين دروازي کان چڙھيو ھيس ۽ بس ۾ خالي مليل سيٽ تي ويھي رھيو ھيس. ھاڻي دراصل دوستيون به آشڪار ٿي چڪيون ھيون. ان ڪري اھي ھمراھ، جيڪي ڪنھن نه ڪنھن بھاني ماين سان ويھڻ يا ڳالھائڻ جي ڪوشش ۾ ھوندا ھئا، اھي به سپ ڪجھ سمجھي ويا ھئا. ھونئن به اتي اسان وارو ماحول نه ھو ھڪ ته دوستيءَ لاءِ عمر، رنگ يا تعليم وغيره معيار نه ھئا ۽ نه وري ايئن ھو ته گڏ ويھڻ يا پاڪر پائي فوٽو وغيره ڪيرائڻ سان دوستي ليکبي آھي.

سمر پيلس گھمندي اسان جڏ واقعي ڪنھن ڪاڪ محل ۾ اچي ويا ھياسون. ھي فطرتي ۽ انساني محنت جو شاھڪار ھو. نالو ته ھن جو پيلس (محل) ھو پر ھتي ته ڪيترائي محل پارڪ ڏنيون ۽ مندر وغيره ھيا. ھن جا ٽي حصا پاڻيءَ تي مشتمل آھن. تقريبا ٻه سؤ فٽ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اوچائي واري ڊگھي پھاڑي آھي. جنھن تي قطار ۾ ڪيئي عمارتون جڙيل آھن. جن ۾ ڪَڪرن وارو ھال، ٻڌ جي تعليم وارو مندر جنھن جي وچ ۾ ٻڌ جي واس وارو ٿاور آھي. ھي چاليھ ميٽر ڪن ڊگھو ٿاور ويھ ميٽر ڊگھي پٽ تي رکيل آھي. ان کان علاوه ھتي خوشين ۽ مسرتن وارو ھال، تسڪين ھال، ايڪتائي لذت وارو باغ، ڏھانت جي سمبل جو مندر، بادشاھ سلامت جي رھائش گاھ، جيڊ جي لھرن واري عمارت، جنھن جو ھڪ دروازو راڻي صاحبہ جي رھائش گاھ ۾ کلي ٿو ۽ ان کان علاوه ڪيترائي خوبصورت ھال ۽ باغ باغيچا آھن. اسان ھيءَ پھرين جڳھ ڏٺي جنھن جي عمارتن جا نالا ثقافتي نہ پر فلسفي ۽ علمي صفتن تي رکيل ھئا.

تقريباً ساڍن پنجن ايکڙن تي والاريل ڊنڊ جنھن کي ڪنمنگ چون ٻيا، ايتري تہ خوبصورت ھئي جو باقي زندگي اتي گھمي ڦري پوري ڪرڻ لاءِ دل تيار ھئي. مزي جي ڳالھ تہ گائيڊ صاحب، او ماءِ گاڊ ٻڌايو تہ ھڪ تير سان ٻہ شڪار ڪندي اھا ڊنڊ ۽ پھاڑي ٺاھي وئي آھي. اتي پھريائين پاڻيءَ جو وھکرو ھو، پوءِ اتان مٽي ڪڍي ان کي ڊنڊ ۽ مٽي مٽي وجھي پھاڑي ٺاھي وئي آھي. ھتي سترھن دروازن واري برج ڪيترن جاين کي پاڻ ۾ ملائي ٿي. ھتي ھڪ ماربل جو ٻہ منزل پيڙو ٻہ ٻينل آھي. ھتي ٻاھرين سياحن کان علاوه مقامي ماڻھن جي ٻہ وڏي رش ھئي. ھاڻي ٻڌايو ..... آفيسي قوم جي باري ۾! اڄ الائي ڇو ٽڪ محسوس ٿي رھيو ھو توڙي جو گھٽو رليا ٻہ کونہ ھئاسون. واپسيءَ تي ڪجھ شاگرد ئي چئون، وات تي بسن مان لھي پيا. مان کونہ لٽس شايد ٽڪ جي ڪري يا شايد نادير سان گڏ ھجڻ ڪري.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

26 مئي
جينٽل لينڊز اينڊ جينٽلمين

اڄ کان جڏ اسان جو امتحان شروع ٿي ويو هو. نائين کان يارهين واري ڪلاس ۾، چيني زبان ۽ ثقافت جو ٻين ملڪن جي زبانن ۽ ثقافتن سان واسطي جي حوالي سان، هر شاگرد کي پنهنجي پنهنجي ملڪ جي حوالي سان، جيترو سمجهي سگهيو ٿي، ڳالهائي سگهيو ٿي ڳالهايو. جن کي چيني زبان ٿوري گهڻي آئي پئي، انهن کجهه وقت ورتو پئي، باقي ٻيا اسان جهڙا مڙيوئي جان ڇڏائڻ ۾ پورا.

ٻارهين وڳي مانجهاندو ڪري (اسان وٽ ڪوڙ ماڻهو ناشتو ٻه ان مهل کان پوء ڪندا آهن.) لڳي وياسين پريزنٽيشن جي تياريءَ ۾ جيئن ته ٻئي کان چئين تائين هر شاگرد کي پنهنجي ملڪ جي باري ۾ ڳالهائڻو هو. عامر ۽ مان بن ڏينهن کان ان جي تياري ڪري رهيا هياسين. اسان ڪمپيوٽرائزڊ پريزنٽيشن ته يو ايس بيءَ ۾ پاڪستان کان ئي کڻي آيا هياسين، ان کي وڌيڪ سنواري تيار ڪيوسي. طئ اهو ٿيو ته مان مختصر پاڪستان جو تعارف ڪرائيندس ۽ پوء عامر صاحب وڌيڪ وضاحت ڪندو ۽ ملڪي ميڊيا تي پاڪستان جي باري ۾ سلائيڊس ڏيکاريندي ٻڌائيندو.

جڏهن اسان (پاڪستان) جو وارو آيو ته عامر ۽ مان اڳي اڳيان آياسين، ايئن ئي جيئن ڪلاسن ۾ استاد جي ٽيبل ۽ ڪرسي هوندي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي، پر هتي ٻه ڪرسيون هيون جو ته گهٽو ڪري هر ملڪ کان ٻه (چٽيون چٽان - چٽو ٻه چٽي) آيل هئا. مون مائيڪ سامهون ڪندي ٻڌ پڪ ڪندي ته آن آهي چيو "جينٽل ليڊيز اينڊ جينٽلمين!" سڄي ڪلاس ۾ تاڙيون وڄي ويون. تاڙين جي خاموشيءَ کان پوءِ مون چيو "گهٽ ۾ گهٽ مان ته ائين ئي ٿو سمجهان ته صرف مرد نه پر عورتون به معزز ٽيندين آهن" هڪدفعو وري ڪلاس ٽهڪن ۾ تاڙين سان گونجڻ لڳو. بهرحال چيني ميزبانن جو شڪريو ادا ڪندي ٻه ٽي ٻيا جملا چئي، مون مائيڪ عامر جي حوالي ڪيو. پوري پريزنٽيشن ته نه هلي، ڇو.ته وقت گهٽ هو ٻه ٽيهن ملڪن کي وارو ڊيڙو هو. بهرحال عامر پاڪستان جون خاص خاص جايون ٻڌالهيون سهڻي انداز ۾ پيش ڪيون. ڪلاس کان پوءِ مان ڪمري ۾ وڃي سمهي پيس ٻه ننڊ ونڊي وئي.

رات جي ماني کائي، مان عامر کي ڳولهيم، پر هو شايد هوٽل کان ٻاهر نڪري ويو هو. ان کان پوءِ پنهنجي ئي طبيعت واري نيپال جي دوست کي ڳولهيم، پر هو به شايد نڪري ويو هو. مان اڪيلو اڪيلو رستن کي ياد ڪندو هوٽل جي ڪارڊ کي هٿيڪو ڪندو پري پري تائين هليو ويس. واپسيءَ ۾ هڪ دڪان کان چپل، ريزر بادي اسپري شيونگ فوم ٻڌ آئسڪريم ورتم. عامر گهٽو ڪري وي ويانا وارن سان نڪري ويندو هو. اسان ٻئي هڪ ٻئي جي مشن جي باري ۾ پڇندا ٻه هڪ ٻئي کي همٿائيندا رهندا هئاسين. وي ويانا سان گڏ هڪ ٻي به چلئ/ پيرو جي چوڪري هوندي هئي. هن ٻڌايو ته هن کي هڪ ٻار به آهي پر هو ٻه سندس مڙس هاڻي الڳ ٿي چڪا آهن. عامر اهو به ٻڌايو هو ته هوءَ مون ۾ دلچسپي رکي ٿي. هن مون کي به هڪ اڌ دفعو غصي ۾ چيو هو "نادير نادير" پر مون کي ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه آئي هئي، مون سمجهيو هو ته شايد پچي ٿي ته نادير ڪٽي آهي. هونئن به هوءَ مونکي ڪونه پائجندي هئي ..... چو ٿيون کي خبر ناهي!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

27-مئي

بوريت جو واسو

اڄ پهرين ڪلاس ۾ هنن اهي طريقا ٻڌايا، جيڪي ٻين ملڪن جي شاگردن کي چيني زبان سيکارڻ لاءِ ٺاهيا ويا هئا. ٻئي ڪلاس ۾ ساڳئي ڳالهه هئي، ته غير چينين کي چيني سيکارڻ لاءِ فيڪلٽيءَ جون ڪهڙيون ڪهڙيون ضرورتون آهن. ٻئي ڪلاس غير دلچسپ هيا. ڪيترائي شاگرد پنهنجي پنهنجي موبائل جي استعمال ۾ لڳا پيا هيا. ڪي ٿوري وقفي سان ڪلاس کان ٻاهر وڃي رهيا هيا، ته ڪي هروڀرو چانهن (ڪاري، سائي يا ڪافي) ٺاهي پي رهيا هيا. ناديه ۽ مان هڪ ٻئي جي نوٽ بڪ تي يا ڪجهه لکي رهيا هياسون يا ڪي تصويرون ٺاهي رهيا هياسون.

ٻئي ڪلاس ۾ هنن ڪجهه مسئلن جي نشاندهي به ڪئي، جهڙوڪ چيني ٻولي سيکارڻ جي ماهرن جي اڻاٺ، خاص طور عورتن جي کوٽ. سيکاريندڙن جي وڌيڪ تربيت مهيا ڪرڻ جي کوٽ. گهٽ ڳالهائي ويندڙ ٻولين جا چيني ماهر پر هو باقائدي پر اميد هئا ته هو اهي سڀ مسئلا حل ڪري وٺندا. اهو ممڪن به آهي ڇو ته هو هر ڪم هڪ ڪارآمد منصوبه بنديءَ سان ڪن ٿا. هڪ ڳالهه اسان کي منجهائي وڌو ته بقول هنن جي چيني زبان واقعي ئي ڏکي آهي ايتري قدر جو چيني ٻار به ڏهن ٻارهن سالن کان پوءِ ان کي سکڻ جي قابل ٿيندو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هنن ڏڪايو ته هن وقت گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ ملڪن ۾ ٽي هزار ادارن ۾ چيني سکي وڃي ٽي يا سيکاري وڃي ٽي. جنهن ۾ هر سال ٽيهه پرسينٽ اضافو ٽي رهيو آهي. ٽي سؤ ڪنفيوشس ادارا آهن. لڳ ڀڳ پنجاهه لک هن وقت چيني بولي سکي رهيا آهن. گهٽ ۾ گهٽ پنج سرڪاري ادارا پروگرام جي مڪمل نظرداري ۽ امداد ۾ مصروف آهن.

مان موقعي جو فاعدو وٺندي، ڪانئن نصابي سرگرمين ۽ ڪتابن جي حوالي سان ڪجهه معلومات ورتي. صرف نصاب لاءِ هنن وٽ پنج سؤ مادرن اشاعتي ادارا آهن، جيڪي ڪلاڪ ۾ ست هزار ڪان اسي هزار ڪتاب نه صرف ڇاپين، پر بندلن ۾ ڀڏي ڪري ٻاهر موڪلن ٿا.

هتي پاسنگ مارڪس ست پرسينٽ آهي. نصابي ڪتاب جي سائيز هنن وٽ مختلف آهي، نصابي ڪتاب کي تيار ڪندڙن جو مٿاوضو به مختلف آهي جيڪو اسان جي پيٽ ۾ گهٽو آهي. استادن جو معاوضو تمام سٺو آهي. ها باقي اتي استاد پورو عرصو شاگرد به هوندا آهن ۽ ڪنهن نه ڪنهن تحقيق يا تدوين ۾ رڌل هوندا آهن.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

28-مئي

نيپالي دوست جو ڪر ٿي ويو

اڄ به پهريون ڀيو ڪلاس چيني ٻوليءَ کي ٻاهرين ملڪن ۾ متعارف ڪرائڻ جي حوالي سان ٿي هو ۽ ڏندڙن جي ان ۾ ڪا خاص دلچسپي نظر نه ٿي آئي. پهرئين ڪلاس ۾ ابتدائي تعليم ۽ ٻئي ڪلاس ۾ اعليٰ درجي جي تعليم ذريعي ٻين ملڪن سان تعلقات ۽ واسطن پيدا ڪرڻ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه هئي.

ڪلاس کان پوءِ نيپالي دوست مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو. چانهن جو پچيائين، پر مون کي طلب نه هئي. مان سندس بستر تي آهلي، ڪجهه ٽڪ پڇڻ ٿي چاهيو.

هن ڪلندي هندستاني لهجي ۾ (اردوءَ ۾) چيو ته منهنجو ڪر ٿي ويو. پهريون ته مون ڳالهه نه سمجهي. هن به اهو محسوس ڪري سڄو قصو ٻڌايو ته هو ڪجهه دوستن سان گڏجي وڏي مارڪيٽ خريداريءَ لاءِ ويو. پوءِ شام ڌاري رستي تي ڪيس ماڻهو ملندا رهيا، جيڪي ڪيس مساج گهرن جا اشتهاري ڪارڊ ڏيکاري (جيڪي چيني ۽ انگريزيءَ ۾ هوندا هيا ۽انهن تي چوڪرين جا ڦوٽو به هيا) ڪيس چوڪرين ۽انهن جي اڳهن جي باري ۾ ٻڌائن پيا. هو انهن مان هڪڙي سان گڏ ويو مساج به ڪرائي آيو ته حسرت به پوري ڪري آيو. ڏاڍي تعريف ڪري رهيو هيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نيپال مان به ڇڻا آيا هيا. هڪڙو سيڪريٽريٽ مان جيڪو اسان جي ماحول وانگر آڪڙيل ۽ پنهنجو پاڻ کي ڪا ٻئي مخلوق سمجهندو هو ۽ ٻيو اسان وارو يار جيڪو ڪنهن تعليمي اداري مان آيو هو. هي ڏاڍو پلو ۽ سادو هو. پوءِ هن مون کي ٻڌايو ته اتي به سيڪريٽريٽ ۾ ڪم ڪندڙ هر سئي (ٻاهرين) پروگرام ۾ پاڻ ئي ويندا آهن ۽ ورلي ڪڏهن ڪنهن مجبوريءَ تحت ڪنهن ٻئي عام اداري مان، ڪنهن جي سفارش ڪندا آهن. هي همراهه (آڪڙيل) ته اتي ڪنهن سان سنئين منهن ڳالهائيندو ئي ناهي. مون سندس ڪوڙاڻ گهٽ ڪرڻ لاءِ چيو "منهن سنئون هجيس ته سنئين منهن سان ڳالهائي نه" هو ڪليو ضرور پر..... دراصل برطانيه سرڪار جي حڪومت ۾ آيل مڙني ملڪن جو مزاج ايڏا تائين ساڳيو آهي. خاص طور نظام حڪومت هلائڻ وارن جي تربيت ان ئي نمونو سان ڪئي وڃي ٿي، ته توهان عام ماڻهو نه آهيو نه ئي اوهان جو عام ماڻهوءَ سان ميل جول مناسب آهي. هن مون کي هوٽل جي ويجهو انڊرگرائونڊ ريل جي هڪ اسٽيشن به ٻڌائي، جتان بيجنگ جي ڪنهن به پاسي وڃي اچي سگهجي ٿيو. انهن ٽرينن ۾ ڪوڙ آسانيون آهن. هڪ ته ٽرين اندر ايندڙ اسٽيشن جو به اعلان ٿئي، ته جنهن اسٽيشن تي ٻيهي ان جو به. گهٽو ڪري هر اسٽيشن تي ٽئين ۽ بوردن تي اسٽيشن جا ترتيب وار نالا، رُخ وغيره ڏنل آهن، ان ڪري سفر آسان ٿيو پئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

29-مئي
ڊانس يا ورزش

اڄ اسڪولن گھمڻ جو وارو ھو. مانجھاندي کان پھرين "بيجنگ فينڪئوڊي پرائمري اسڪول وياسين. تمام وڏو اسڪول ھو. ھتي لڳ ڀڳ چاليھن ملڪن جا ٻار داخلا ٿون ونندا آھن. ھتي سواءِ انگريزيءَ، جي باقي مضمون چينيءَ ۾ پڙھايا ويندا آھن، بلڪ ھتي چيني زبان ۽ حساب سکڻ تي زور ھوندو آھي. اتي يانت ياانت جا شاگرد ھئا، انھن جي لاءِ گھربل سڀ سھولتون سڌ پنڌ تي موجود ھيون.

مانجھاندي کان پوءِ "بيجنگ پنجويھ نمبر مڊل اسڪول" جيڪو ويجھوئي ھو ڏانھن وياسين. اتي ٻہ گھٽي ياڳي چيني زبان ۾ پڙھائي ھئي. ھڪ ڳالھ چائنا جي مڙني تعليمي ادارن ۾ ڏٺيسين تہ تعليم، دلچسپ انداز ۾ ڏني پئي وڃي. پڙھڻ کان شاگردن جون سرگرميون وڌيڪ ھيون، جن ۾ مقابلي جو رجحان ٻہ پيدا ڪيو ويو ھو.

شام جو مانيءَ کان پوءِ آءُ وري گشت تي نڪتس. اڄ ھوٽل کان سڌي ھٽ تي ھلي، اڳيان وري سڌي ھٽ تي وڏي روڊ ڏي مڙي ويس. پري کان موسيقيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ماڻھن جو ھجوم ٻہ صاف نظر آيو. اتي ٻہ اڳيان چڊيل ميدان ۾ ماڻھو ڊانس ڪري رھيا ھيا ۽ پري ويڙل ھمراھ موسيقي ڏئي رھيا ھيا. مان اتي پھچي ڪجھ وقت تہ ڏٺ پاڻ تي ييھي مزو ونڊ لڳس پوءِ وري اندر ھليو ويس ۽ ويجھي کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏسڻ ۾ پڌڻ لڳس. هتي به هر عمر جا ماڻهو جوڙي جوڙي ۾ ڊانس ۾ مصروف هيا ۽ هتي به جوڙا يا ته هڪ مرد ۽ هڪ عورت يا ٻن عورتن تي مشتمل هيا. آهستي آهستي خبر پئي ته اتي روزانو ماڻهو آفيس يا ڪار ڪان فارغ ٿي اهڙن هنڌن تي پهچندا آهن ۽ پاڻ کي چست ۽ فٽ رکڻ لاءِ اها ڊانس يا ورزش چئوس، ڪندا آهن. ڄيستائين آهستي آهستي ڪري ميلو ڏٺو تيستائين مان به مزو وٺندو رهيس پوءِ ٽورو اڳتي هلي وري هوٽل تي موٽي آيس.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

30 مئي

نارمل / ايبنارمل - ريما جي ناراضگي

اڄ "بيجنگ نارمل يونيورسٽي" گهمڻ جو پروگرام هو. نارمل پڙهي ۽ ٻڌي مان سوچ ۾ پئجي ويس ته ايبنارمل ادارا به ٿيندا آهن ڇا؟ اهو سوال منهنجي ذهن ۾ اٽڪي پيو هو. هيءَ تمام وڏي يونيورسٽي هئي. هتي هٿرادو آبشار به هو، ننڍيون ننڍيون پلون به هيون، مختلف يادگار به هيا، کليل ميدان، رانڊ ين رهڻ جا بندوبست به هيا.

اسان بسن مان لهي هيڏي هيڏي گهمڻ لڳاسين. هڪ جڳهه تي هڪ ڊريگن رکيل هو. ريما مون کي فوٽو ڪڍڻ لاءِ چيو. ڪئميرا مونکي ڏئي هؤ ڊريگن سان سٺي پوز اچڻ جي تياري ڪرڻ لڳي. ٿوري دير ۾ مون کان پڇيائين "ٺيڪ آ؟" مون چيو "بلڪل". هن وري چيو ته مان ۽ هي ڊريگن پورو اسڪرين تي اچي ٿو؟" مان مذاق ڪنديٰ چيو مانس: "اطمينان ڪر ٻئي جانور پورا پورا نظر اچي رهيا آهن." ابا! پوءِ ته صفا چڙي پئي. فوٽو ته مون ڪڍيو مانس پر سندس موڊ صفا خراب ٿي ويس. مون هن سان معذرت به ڪئي ۽ چيو ته اسان خوشي، مذاق ۽ ڪاوڙ ۾ اولاد ۽ دوستن کي به جانور چوندا آهيون. هن وراڻيو اسان به دوستن جيتوڻيڪ مڙس کي به ڪتو ٻلو گڏهه چوندا آهيون، پر جانور نه چوندا آهيون، هن جو مطلب جيڪو مون سمجهيو ته جانور معنيٰ جاهل بدتهذيب ۽ غير تهذيب يافته هو. هؤ پگهرجي وئي، چڱو جو ناديه

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪونہ هئي. مان ہ چيو ٺيڪ آ! ڪهڙي منهنجي مائٽياٽي آ، باقي ڏينهن بچيا آهن ڏون! خير آ، مان پنهنجو دڳ وٺي اڳتي لنگهي ويس. اندر هڪ لائبريري هئي. جيئن ته چين ۾ مارڪسزم خاص مضمون طور پڙهايو ويندو آهي، ان ڪري مارڪسي ڪتاب هر لائبريريءَ ۾ موجود هوندا آهن. اتي انتو نيو گرامچيءَ تي ۽ ان جا پنهنجا گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ڪن شيلف ڪتابن جا ڏسي مان ته حيران ٿي ويس. ۽ ٽي ٽلها ٽلها ڪتاب اٽلائي پٽلائي ہ ڏٺا انهن ۾ تمام دقيق ۽ تحقيقي مواد هيو. افسوس ته اتي بيهڻ جو وقت ٿورو هو. دوست سڏي رهيا هيا. مان ٿوري دير ۾ اتان نڪري سيني سان گڏجي هلڻ لڳس. اسان وٽ ته هڪڙو ئي (اردوَ ۾) ڪتاب "انتو نيو گرامچيءَ" (جيڪو پوء سنڌيءَ ۾ ہ ترجمو ٿيو) چيبو. گرامچي، مارڪسي دانشورن ۾ وڏي اهميت رکي ٿو.

هلندي هلندي مون محسوس ڪيو ته نہ صرف ريما پر نادير ہ پريشان هئي. هو پاڻ ۾ پهريون وانگر ڪلن ڳالهائن ڪونہ ڏيون. نادير گهٽي پاڳي هن جي سهاري هوندي هئي ۽ هونئن ہ ٻئي هڪ ئي شهر ۽ شايد هڪ ئي دفتر جون هيون. مون کي گهٽو افسوس نہ ٿيو. ڇو ته هڪ ته مون هن سان مذاق ڪئي ۽ (انسان ہ ته سماجي جانور ئي آهي)، ٻيو ته مون هن سان معذرت ہ ڪئي ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ہ ڪئي. مائٽن سان منهنجو نيبهہ ٽئي ئي ڪونہ. هنن جا نخرا عجيب، برابر جي حقن جي ڳالهہ ڪندیون، پر هميشہ مرد ڪان محڪومانہ رويي جي توقع. هنن جا نخرا ہ برداشت ڪيو خرچ ہ ڪيو ڪاوڙ ہ سهو پوء ہ رڳو پريشاني ئي پريشاني. چوندیون ڪوڙ ڪان نفرت آ پر ڳالهائيندیون اڪثر ڪوڙ ۽ ڪوڙ جي پويان پڇندیون. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي تجربي ۾ ته ايئن آيو آهي. بهرحال حسب معمول اصيلَ سان نہ ته ان جي وڪيل سان آخرڪار قِڪت ٿي ڪري تعلق ختم ٿي ويو. عامر صاحب پچيو، ٻڌايومانس ته هن جو زور معذرت ڪري معافي گهرين مون چيو مون ڪا ڪونہ ٿيندو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسان کي اتي "انسٽيٽيوٽ آف ڪگنيٽو نيورو سائنس اينڊ لرننگ" ۾ وڻي آيا. هي يونيورسٽيءَ جي ستر کان مٿي ليبارٽرين مان هڪ هئي. ان جي انچارج خاتون ريسرچ پروفيسر هئي. هن جو نالو "جُن ونگ" هو. هن اسان کي ڪيترائي ڪمرا ڏيکاريا، جن مان ڪجھ يا ته اونداها هئا يا وري ليبارٽري ٽيسٽ وقت انهن ۾ گھپ اوندھ ڪئي ويندي هئي. مختلف هندورا مختلف رنگن جي زيرو بلبن سان سجايل هئا. جتي چمندڙ ٻارن جون، مختلف وقتن تي مختلف ٽيسٽون ڪيون ويندیون هيون، ته انهن ۾ ڪهڙي قسم جا لاڙا آهن، سندن ڪهڙيون صلاحيتون اجاگر ٿي سگھن ٿيون. جُن ونگ پنهنجي مضمون ۾ ڪم ۾ پڙ هئي. منهنجو هن سان چگّو خاصو بحث ٿيو. خاص طور مون هن کي چيو ته نيورن جا حرڪت جا قاعدا ايجا تائين درست تسليم ڪيا وجن تا ته پوء ان جي قانون موجب ڪوبہ مادو ايستائين حرڪت نہ ٿو ڪري سگھي، جيستائين کو بيو مادو ان کي حرڪت نہ ڏي، ته پوء جڏھن انسان جي تعريف ڪجي ٿي يا ڪيس گھٽ وڌ ڳالهايو وجي ٿو ته هن جو دماغ حرڪت ۾ اچي ٿو۽ سڄي بدن جي ڪيفيت تبديل ٿي وجي ٿي. جڏھن ته هن جي ميڃالي کي ڪو ٻاهريون يا اندريون مادو ڇهي بہ نہ ٿو. هن جي دماغ جو پهريون خليو ڪيئن ۾ ڇو ٿو حرڪت ۾ اچي؟ اسان جي ڪافي ڳالهہ پولهہ ٿي هن چيو ته مان پنهنجي سينئر سان بہ ان نقطي تي ڳالهائيندس ۽ پوء هن مون کي پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڪڍي ڏنو. مون کان ڪجھ دوستن پڇيو ته مسئلو ڇا هو. هڪ اڏ کي پڏائڻ کان پوء ٻين کي مون چيو ته ڪجھ بہ نہ.

انساني محسوسات، جذبات انهن جي پئمائش تي دنيا ۾ سائنسي انداز ۾ تمام گھڻو ڪم هلي رهيو آهي. هڪ مضمون "ڊائنيٽڪس" تي مون گھڻو اڳ بہ ٿي ڪتاب پڙهيا بہ هيا. ان ۾ بہ ڪيترين حيرت انگيز ڳالهيون هيون، پر اجان تائين دماغ جي ڪم ڪرڻ جي مڪمل خبر نہ پئجي سگھي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان کان پوءِ اسان کي يونيورسٽيءَ اندر ٽي ٽهيل سائنس پارڪ مارچ 1926ع جي قتل عام ۾ ٽن مارجي ويل شاگردن جو يادگار هڪ وڏو گڏهه، ۾ هن سال (2008ع) ٽينڊڙ اولمپڪ راندين جي مهماني ڪنڊڙ ڪئمپس ۾ فنون لطيفه جي مرڪزي اڪيڊمي پڻ ڏيکاري وئي.

اسان کي يونيورسٽيءَ جي ئي هڪ ميس ۾ مانجهاندي لاءِ وٽي ويا. اتي استقبال ڪندڙن ۾ منهنجي خيال ۾ انتظاميه ۾ استاد شامل هيا. جيئن ته منهنجي ذهن ۾ "نارمل يونيورسٽي" ڦري رهي هئي، مون کوشش ڪئي ته مانيءَ لاءِ اهڙي بينچ تي ويهجي جتي کو اهڙو مقامي ماڻهو هجي، جنهن کان ان نالي جي باري ۾ پڇان، پر مانيءَ دوران اهڙي نوبت نه آئي.

آءٌ جلدي جلدي مانيءَ مان فارغ ٿي هڪ همراه جي ڀڪ ۾ وڃي بيٺس. ڪائنس نالو پڇيم جيڪو ان وقت ئي سمجهه ۾ نه آيو ته هاڻي ڏوڙ ايندو. بهرحال مان هن کان پڇيو ته ڇا توهان وٽ ايينارمل ادارا به آهن؟ پهريون ته هن کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته پوءِ مان ڪائنس هن يونيورسٽيءَ جو نالو پڇيو، هو حيران ضرور ٿيو ته به ٽن ڪلاڪن کان يونيورسٽيءَ ۾ ڦرون پيا مختلف جايين ۾ ماڻهن جي تعارف ۾ هر هر نارمل يونيورسٽيءَ جونالو ورتو وڃي ٿو ته پوءِ مان ڪائنس اهو چوٽو پڇان! جڏهن هن چيو ته هيءَ "بيجنگ نارمل يونيورسٽي آهي"، ته مان پڇيو مانس "بيجنگ ايينارمل يونيورسٽي يا بي ڪا ائينارمل يونيورسٽي به ڪٿي آهي؟ ته پوءِ همراه کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي. ٽوري ماڻ کان پوءِ مون کي ماڻهن جي وچ کان پاسي تي وٺي ويو ۽ ٻڌايائين ته هيءَ يونيورسٽي صديءَ کان پراڻي آهي. پهريائين استادن کي ٽريننگ ڏيڻ وارو ادارو هو بلڪ اهڙن يعني استادن کي ٽريننگ ڪرڻ وارن ادارن يا اسڪولن جو نالو نارمل اسڪول هوندو هو ۽ پوءِ اها روايت ڇائنا جي سرڪاري رڪارڊ ۾ محفوظ ٿي وئي ۽ هي پيڪنگ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نارمل اسڪول ۽ يونيورسٽي ٽي ۽ پوء پيڪنگ ڪي جڏهن بيجنگ چيو ويو ته هوءَ به "بيجنگ نارمل يونيورسٽي" ٽي، جيڪا چائنا جي پهرين نارمل يونيورسٽي ٽي. پوء هڪ هنڌان، هڪ بروشر ڪٽي مون کي ڏنائين، جيڪو هن اداري جي باري ۾ هو. جنهن مطابق هن ۾ ڪيئي ادارا ۽ هڪ اڏ يونيورسٽي به ضم هئي. هن کي چائنا جو سڀ کان وڏو ترقي پسند ادارو به قرار ڏنو ويو آهي ڇو ته هتان جا استاد ۽ شاگرد ترقي پسند سياست ۽ تحريڪن ۾ ڪافي سرگرم رهيا آهن. هتي داخلا ۾ هڪ پاڳي ٽي ڪوٽا پهراڙيءَ وارن لاء، چوٽائي گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن لاء مخصوص آهي. ميلن ۾ ڦهليل يونيورسٽيءَ ۾، پنجاه کان مٿي گريجوئيٽ، ڊيڍ سوَ کان مٿي ماسٽرس ۽ سوَ کن ڊاڪٽوريٽ پروگرام رٽيل آهن. انهن کان علاوه به ڪيترائي ننڍا وڏا ٻيا پروگرام به هلندا رهندا آهن.

بي کان چئين بجي تائين اتي باهرين ملڪن جي شاگردن سان ملاقات رکيل هئي. اتي پهريائين هڪ بن همراهن يونيورسٽي ۽ خاص طور تي باهرين ملڪن جي شاگردن جي داخلا ۽ تعليم مطلق ڳالهايو. پوء سيني واري واري سان پنهنجو تعارف ڪرايو. اتي ٽي پاڪستاني شاگرد به هيا. انهن سان گهٽي ڳالهه ٻولهه نه ٿي سگهي. اتي ئي ويني ويني اسان کي ٽافيون، ميوو ۽ سادي چانهن ڏني وئي، هوءَ چانهه وري الائي ڪهڙي گاهه جي هئي، چو ته هو "هر بلاچٽ" جا زنده مثال آهن. پروگرام ختم ٿيڻ وقت هنن درزي گهرايا ۽ اسان جي ماپ ورتي. چون ته ايئن ٻيا ته ڪوٽ ڏيندا.. هرڪو سوچي رهيو هيو ته ٽو پيس (ڪوٽ پينٽ) ڏيندا الائي صرف ڪوٽ ڏيندا، پر جڏهن ڪجهه ڏينهن کان پوء مليو ته خبر پئي ته ڪاري ريشمي ڪپڙي جي ڪا صدري هئي جنهن ۾ ڪاٽ جا بٽڻ هيا. هن پاڪستان ۾ پايون ته ماٺهو خيرات ڏيندا يا پڪ چريو سمجهندا. رات جي ماني کائي، مان ڪمري ۾ واڙجي ويس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪوشش جي باوجود پڙهڻ جو موڊ نہ ٺهيو. ننڊ بہ اچڻ جو نالو ئي نہ پئي وٺي. ناديہ ڏي ان ڪري نہ ويس جو هؤ هميشہ ريما سان گڏ هوندي هئي ۽ مان نہ پئي چاهيو تہ منهنجي ڪري هنن ٻنهي ۾ ڪا ڦِڪت پوي، ڇو تہ اسان جا هتي باقي ٻہ ٽي ڏينهن وڃي بچيا هيا. جڏهن تہ هنن کي تمام عمر هڪ ٻئي جي ويجهو ئي رهڻو هو. مون کي اهو محسوس ضرور ٿي رهيو هو تہ هؤ بہ پريشان ضرور هوندي.

مان بوريت کي ڀڄائڻ لاءِ ٽب ۾ پاڻي ڀري هڪ جي بجاءِ ٻہ دٻيون جيل جون پاڻي ۾ گڏائي (پاڻياٺ واري صابڻ جون پلاسٽڪ جون ننڍيون دٻيون جيڪي هوٽل وارا روز ڏيندا هئا) پاڻيءَ سان کيڏڻ ۽ بدن تان مَرِ لاهڻ لڳس. اڌ ڪلاڪ کن ۾ آءُ تازو توانو ٿي ويس، پر اتي ئي ليٽيو رهيس. ايتري ۾ گهنٽي وڳي مان ٽوال ويڙهي در کوليو تہ عامر صاحب بيٺو هيو. هو پڪائيءَ سان واپس ورڻ جي ڪري رهيو هيو. مان هن کي اندر وٺي آيس. لڳ سڪائي، صاف ڪري رات جا ڪپڙا پهري، مون پاڻي گرم ڪيو (هوٽل وارن طرفان ڏنل ٿرماس ۾) سائي چانهن ٺاهي، هن کي بہ ڏني پاڻ بہ پيئڻ لڳس. مان بسڪٽ سائي چانهن ۾ ٻوڙي کائڻ لڳس تہ هو مرڪڻ لڳو مون کيس ٻڌايو تہ مان تہ پاڻيءَ ۾ بہ ٻوڙي کائيندو آهيان. اسان وٽ هونئن کير واري چانهن ۾ اڪثريت بسڪٽ ٻوڙي کائيندي آهي ۽ اهو رواج دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهي. مون کائنس پڇيو ويانا ڪٿي آهي، ڦڪي مرڪ مرڪندي چيائين خبر ناهي شايد سمهي پيئي هجي يا ٻاهر هجي. مون کيس تنگ ڪندي چيو اها تہ سٺي ڳالهہ ناهي، دوستن جي خبر تہ هجڻ گهرجي نہ (جڏهن تہ مونکي پڪ هئي تہ هو خبر لهي پوءِ ئي هيڏي آيو آهي) ورائي ورائي ناديہ جي باري ۾ پڇڻ لڳو. بهرحال مون کيس قصو ٻڌايو. زور ڀرڻ لڳو تہ تون کين ساري (Sorry) ڪر. ڦٽائبي ناهي وغيره وغيره. مون کيس ٻڌايو تہ مون ريما کي ساري (Sorry) ڪئي هئي، هؤ پاڻ بہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مڃي پئي تہ اسان زال مڙس يا دوست هڪ ٻئي کي ڪتو ٻلو ۽ گڏهہ ۽ چوندا آهيون (جيئن مذاق ۾ يا پنهنجائپ ۾ چوندا آهيون..... هل ڪتا، هل گڏهہ.....) پر جانور برو لفظ آهي، اصل ۾ هن "جانور" ان معنيٰ ۾ ورتو جنهن کي ڪنهن به قسم جي تميز نہ هجي، ڄاهلن وارو انداز هجي، جنهن کي نفرت سان ڏنو ويندو هجي..... جيتوڻيڪ ڪوڙ جانور ڪوڙ ماڻهن کان وڌيڪ سمجهدار ۽ فضيلت وارا ڏٺا ويا آهن. هاڻي جيئن تہ مون کي لنڊ اچڻ لڳي هئي سو عامر موڪلائي هليو ويو ۽ ويندي ويندي وري نصيحت ڪندو ويو تہ يار ڪجهہ ڏينهن ئي تہ بچيا آهن هرويرو اڪيلا ۽ بور گذرندئي، صبحاڻي ريما کي ساري (Sorry) ڪري تعلقات بحال ڪر.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

31-مئي

هوتنگ - راڻيءَ جي رهائشگاهه - وافوجنگ بازار

اڄ جيئن تہ نائين کان يارهين تائين اسان کي "هوتنگ يا هتنگ" ۽ ڪنهن گذري ويل بادشاهه جي رهائش گهمڻي هئي تہ ڪلهہ کان وٺي گهڻن ئي دوستن جي زبان تي هوتنگ هوتنگ لڳي پئي هئي. سواءِ انهن جي جن چائنا پهريون ڏٺي هئي يا "هوتنگ" جي باري ۾ کين خبر هئي. اسين هڪ ٻئي کي ڏسي هيلو هيلو بدران هوتنگ هوتنگ چئي رهيا هياسون. مون سوچيو جي سنڌي اڪثريت ۾ هجن ها تہ ڏاڍو مزو اچي ها ڇو تہ هو ان کي هوٽنگ کان شروع ڪري الائي ڪٿي پڄائي ڇڏين ها! بهرحال اسان کي بسن ۾ اهڙي جاءِ تي پڄايو ويو جتي قطار ۾ شيڊ جي هيٺان سمجهو تہ ننڍيون بگيون بيٺيون هيون جن جي اڳيان گهوڙن بجاءِ سائيڪل لڳل هئي. پورو علائقو ٻهراڙي لڳي رهيو هيو. اسان اتي فوٽو ڪڍايا. جوڙي جوڙي کي انهن بگين ۾ ويهاريو ويو ۽ خوش اخلاق سائيڪل سوار سائيڪل هلائيندي اسان کي سوڙهين ۽ ڪٿي ڪٿي ويڪرين گهٽين مان گهمائيندا واپس وٺي آيا. اتي اسان کي ڪبوترن جا شوقين ڪوٺن تي ڪبوترن سان دل وندرائيندي نظر آيا. پوءِ خبر پئي تہ اهي هوتنگ يعني ڀڙها بيجنگ جي اندرئي هزارن ۾ هئا پوءِ جيئن شهر ترقي ڪندو ويو تہ اتي ڪيترن کي ڊاهي ڊگهيون ڊگهيون عمارتون ٺاهيون ويون ۽ اتي رهندڙ ماڻهن کي تنگ گهرن بجاءِ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سهڻا فليٽ ڏنا ويا. پر هاڻي هڪ عرصي کان انهن کي ڊاهڻ بند ڪيو ويو آهي ۽ چين جي قديم رهائش گاهن ۽ ريتن کي سمجهڻ لاءِ اهي علائقا سياحن کي ڏيکاريا وڃن ٿا. منگول دؤر ۾ هي ڪثرت سان اهڙن هنڌن تي ٺاهيا ويا جتي پاڻيءَ جا کوهه هئا. گائيڊ سان ڳالهه ٻولهه ۾ خبر پئي ته انهن ويڙهن (محلن، حويلين) جا مختلف نالا آهن. ڪي نالا ماڻهن جي نالن پويان، ڪي انهن جي اڏاوت مطابق ۽ ڪي وري اتان جي ڪنهن مارڪيٽ، يا مشهور شيءَ يا واقعي جي پويان رکيل آهن، جيڪي بدلبا به رهيا آهن. انهن مان ڪي ته سڌين گهٽين وانگر ۽ ڪي وري ور وڪڙ کائيندڙ آهن. ڪي ويڪرا ته ڪي وري ايترا سوڙها جو هڪ ماڻهو به مشڪل سان گذري سگهي. ڪي ميلن ۾ ته ڪي گزن ۾ ڊگها. گائيڊ ٿڌو ساهه ڀري، جيڪا ڏک جي ڳالهه ٻڌائي اُها اِها هئي ته اتي رهندڙ ماڻهو هڪ ٻئي کان چڱيءَ طرح واقِف هيا، روز هڪ ٻئي سان ڪيترائي دفعا ملندا ۽ هڪ ٻئي جي ڏک سک جا ڀاڱي ڀائيوار هئا، جڏهن ته اڄ جي ماڊرن چائنا جي وڏين وڏين شاندار عمارتن ۾، ڀڪ واري فلئٽ يا گهر ته ڇاپر هڪ ئي فلئٽ جي مختلف حصن ۾ رهندڙ ماڻهن کي به هڪ ٻئي جي خبر نه آهي.

ان کان پوءِ اسان کي پروگرام مطابق "سونگ چنگ لنگ" جي رهائش گاهه گهمائڻ وٺي ويا. اها خبر گائيڊ جي ڳالهين ٻڌائڻ کان پوءِ پئي ته اسان "سونگ" جي رهائش گاهه ڏسڻ پيا وڃون. سونگ جيڪا ڪنهن دؤر ۾ گهڻو مشهور هوندي هئي ۽ اسان کيس سانگ چئي ذڪر ڪندا هئاسون. هؤ "سن يات سين" جي ٻي گهر واري هئي ۽ سندس گهر وارن به شاديءَ جي مخالفت ڪئي هئي، ڇو ته هؤ سن يات سين کان چوٿائي صدي ننڍي هئي. سن يات سين کي چين جو ابو به چيو وڃي ٿو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

1911ع وارو انقلاب چين جو پهريون وڏو انقلاب هو جنهن تحت شهنشاهي ۽ موروثي حڪومتن جو دؤر ختم ٿيو ۽ ملڪ جو نالو "ريپبلڪ آف چائنا" ٿيو جيڪو سن يات سين جي جدوجهد ۽ حڪمت عمليءَ جو ئي نتيجو هو. هن جا ٽي اصول، (I) قوم پرستي (II) جمهوريت (III) عوام جي خوشحالي تمام گهڻا مشهور ٿيا. هن ڪومنتانگ جي ويڙهاڪ "چيانگ ڪائي شيڪ" کي روس موڪليو ته جيئن هو ڪميونسٽ نظرئي ۽ جدوجهد کي سمجهي اچي، پرچيانگ ڪائي شيڪ الٽو ڪميونزم جي خلاف ٿي پيو ۽ هميشه ڪومنتانگ جي صدر ٿيڻ جا وجهه ڳولهيندو رهيو. آخرڪار سن يات سين جي مرڻ کان پوءِ (1925ع) هُو ڪومنتانگ جو چڱو مڙس ٿي ويو. ڪومنتانگ ۾ شروع کان ساڄي ۽ کاٻي ڌر جا لاڙا هيا. سن يات سين ڪميونسٽن جو اتحادي ۽ چيانگ ڪائي شيڪ ڪميونسٽ مخالف هو. 1948ع ۾ هؤ ڪومنتانگ جي انقلابي ڪاميٽيءَ جي اعزازي چيئرپرسن به رهي. هيءَ ڪاميٽي ڪومنتانگ جي کاٻي ڌر هئي جن الڳ ٿي پاڻ کي ڊاڪٽر سن يات سين جو اصلي وارث ٿي چيو. ڪومنتانگ جو چيانگ ڪائي شيڪ وارو ڌڙو ڪيتروئي عرصو چين ۾ سياست ڪندو رهيو پر آخر ۾ سندس هٿ صرف تائيوان تي ڦٻيا. مزي جي ڳالهه ته سونگ جي ڀيڻ وري چيانگ ڪائي شيڪ سان شادي ڪئي. سونگ مادام سن يات سين جي نالي سان به مشهور هئي. 1949ع ۾ مائوزي تنگ ۽ چواين لائيءَ جي قيادت ۾ ڪميونسٽ انقلاب کان پوءِ چين جو نالو "پيپلز ريپبلڪ آف چائنا" رکيو ويو. مادام جو سياسي ڪردار ڪيتروئي عرصو حاوي رهيو ۽ هؤ ڪيترن ئي چيني محڪمن ۽ سياسي، سماجي ادارن جي وائيس چيئرپرسن رهي. جيئن، وائس چيئرپرسن آف پيپلز ريپبلڪ آف چائنا، نيشنل پيپلز ڪانگريس جي پهرين، چوٿين ۽ پنجين اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي وائس چيئرپرسن وغيره. هن کي "آنرري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پريزيڊنٽ آف پيپلز ريپبلڪ آف چائنا" جو اعزاز پڻ ڏنو ويو. جيڪو اڄ تائين وري ڪنهن ٻئي کي ناهي مليو.

هوءَ مرڪزي عوامي حڪومت جي چهين وائيس چيئرپرسن منجهان هڪ هئي. 1950ع وارو "استالن امن انعام" به ڪيس نصيب ٿيو. هن ڪيترائي ملڪ گهميا جن ۾ پاڪستان به شامل آهي، سندس سياسي ۽ ادبي ڪتاب به ڇپيا. هن تي فلمون به ٺهيون. ثقافتي انقلاب ۾ ان جي جيالن ڪيس پريشان به ڪيو. چواين لاءِ سندس حفاظت جي سفارش ڪئي جيڪا مائوزي تنگ منظور ڪئي، پر پوءِ هن جي بدران هن جا مضمون سياسي ۽ سماجي منظرنامي تي اڇڻ لڳا. 29 مئي 1981ع ۾ سندس وفات ٿي.

مادام سن يات سين يا سونگ چنگ لنگ چين جي تاريخ جو هڪ مڪمل ڪردار آهي. هن کي ڏنل رهائش گاهه ۾ پين شين کي تاريخي ورثو قرار ڏنو ويو آهي. 1949 جي ڪميونسٽ انقلاب کانپوءِ پارٽي ۽ حڪومت بيجنگ ۾ سونگ جي رهائش جي مناسب رهائش جو سوچيو ۽ ان لاءِ چنگ خاندان (حڪومت) جي هڪڙي شهزاديءَ جي محل ۾ هن جو بندوبست ڪيو ويو. محل جي مرڪزي وڏي هال جي اولهه ۾ هن جي لاءِ نوينڪلي رهڻ جي جاءِ ناهي ڏني وئي. اڄ اتي سياحن کي سير ڪرايو ويندو آهي. هيءَ جڳهه واقعي تمام شاندار ۽ دل لبائيندڙ آهي. هي محل ڍنڍ جي ڪنارن سان ٽڪرائي ٿو ۽ ڍنڍ جي چوڌاري ٻيد، صنوبر ۽ ٻيا وڻ پياري انداز ۾ جهومن ٿا. محل جي مختلف پهلوئن ڏانهن ڍنڍ جا ڪيترائي زير زمين وهڪرا آهن. جيڪي باغ کي سيراب ڪن ٿا. قدرتي ۽ هٿرادو پهاڙين جا ڪيترائي ڏيک دل کي موهن ٿا. هتي مختلف نالن سان ڪيترين ئي عمارتون آهن. جن مان هڪ جو نالو خوشين جي عمارت، ته ٻيءَ جو گلن جو نظارو ته پڪين جي پڪار. مينهن جي موسيقي (ان هال ۾ ويهي اوسي پاسي مينهن جو ترنم ٻڌو ويندو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو ۽ نظارا ڪيا ويندا هئا) اتي جي عمارتن ۽ ماڳن جي نالن ۽ انهن جي ترتيب ۽ عمارت سازي يقين ڏياري ٿي ته اوائلي چيني ۾ رڳو ويڙهو يا آفيمي نه پر ذهين، رومانيت پسند، تهذيب يافته ۽ سلجهيل به هيا.

محل جي مين گيٽ ڪان داخل ٿيڻ سان انگورجو در ملي ٿو ۽ گلن ۽ سجايل ڪاٺ جي تختي ٻيڻل آهي، جنهن تي وڏي محنت ۽ نفاست سان محل جي تاريخ اُڪري وئي آهي. ان ڪان پوءِ نمائشي هال آهن. جن مان هڪ اهو آهي جتي سونگ مهمانن جو آڏرياءُ ڪندي هئي. هرهڪ هال ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايل آهي، جيڪي هڪ مختلف ڪمن لاءِ استعمال ڪندي هئي. اتي ڪيترائي فوٽو دستاويز ۽ ڪيترائي يادگار رکيل آهن جيڪي هن جي عمر ۽ جدوجهد جو داستان ٻڌائن ٿا. چوٽون ۽ آخري هال ۾ ماڻ آهي. هيٺين منزل تي ننڍڙو ڊائننگ ۽ ڊرائنگ روم آهي. مٿين ماڙ تي سندس، پڑهڻ، دفتري ڪم ۽ رهڻ جا ڪمرا آهن ۽ چيو وڃي ٿو ته انهن کي انهيءَ ئي حالت ۾ رکيو ويو آهي، جيئن هڪ استعمال ڪندي هئي. سندس پريل پرٽ ۽ سندس شاعريءَ جا نمونا به اتي موجود آهن.

ان ڪان علاوه به هن جي رهائش گاهن وغيره کي ميوزيم ڪيو ويو آهي جن کي ڏسڻ لاءِ ڪيترائي مقامي ۽ غير مقامي ماڻهو اچن ٿا. جهڙوڪ شهنگائي ۾ جتي هڪ ۽ سندس ور ڊاڪٽر سن يات سين رهندو هيو. اهو آهي ته ڊاڪٽر جي نالي سان پر اتي به سونگ جا ڪيترائي يادگار آهن. اتي پرپاسي ۾ جنهن جڳهه تي هڪ رهندي هئي، ان کي هينئر "سونگ چنگ لنگ رهائشي يادگار" ڪاهيو ويو آهي جتي گيرج ۾ سندس به گاڏيون، هڪ چيني ڳاڙهي جهنڊي واري لميوزائن ۽ ٻئي استالن طرف تحفي ۾ ڏنل روسي ڪار ٻيڻل آهن.

ان ڪان پوءِ اسانکي مانجهاندي لاءِ هڪ ريسٽورنٽ ۾ وٺي ويا. هي تمام پلو ريسٽورنٽ هو. اتي انتظاميه اعلان ڪيو ته جنهن جي تاريخ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيدائش مئي جي مهيني جي آهي، انهن سڀني جي سالگره ملهائي ويندي. جن ڇهن يا اٺن جي پيدائش مئي جي هئي، انهن کي واري واري تي سامهون واري ٽيبل تي گهرايو ٿي ويو ۽ چيو ٿي ويو ته اهي ڪوئي به گانو ٻڌائن، لطيفو ٻڌائن، ڊانس ڪن يا پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪو اسم پيش ڪن ۽ باقي ٻيا انهن کي مبارڪون پيا ڏين ۽ آخر ۾ سڀني گڏجي هيپي برٿ ڊي ٽو يو ڳايو. ناديه جي به سالگره هئي. هوءَ جڏهن پنهنجو اسم پيش ڪرڻ آئي ته کوڙ ماڻهن کيس مبارڪ ڏني مان چاهيندي به کيس مبارڪ ڏئي نه سگهيس، هڪ ته لڄي طبيعت جي ڪري، ٻيو ته ريما سان تازو تازو ناراضگي اسان کي هڪ ٻئي کان ٿورو پري ڪري ڇڏيو هو. لڳي پيو ته ٻنهي جون حسرتون دلين ۾ ئي چيباٽجي رهجي ويون. عامر مون کي ڏاڍو چيو ته موقعو اٿئي، معاملي کي ناهي وٺ، پر مون کان ڪونه ٿيو.

وانگ فوجنگ اسٽريٽ

جيئن ته اڄ ڇنڇر هو، هنن جي ڏهانت ۽ معمول مطابق هنن هفتي جا پيسا اسان کي ڏئي ڇڏيا هيا. ان لاءِ ضروري هو ته اسان کي ڪنهن نه ڪنهن مارڪيٽ ۾ وٺي وڃن ته جيئن انهن جا پيسا انهن جي ملڪ ۾ ئي خرچ ڪري وڃون. اڄ هو اسان کي "وانگ فوجنگ اسٽريٽ" وٺي ويا. اتي گهمڻ ڦرڻ ۽ خريداريءَ کان پوءِ سمجهه ۾ آيو ته گهڻو ڪري هي بيجنگ جو مشهور ۽ مصروف علائقو آهي. هتي اوائلي عمارتن سان گڏ نهايت جديد عمارتون، مارڪيٽ ۽ هوٽل وغيره آهن. مختلف لائيٽن وارا ۽ خوبصورت سائن بورڊ رات جو ماحول تي سحر طاري ڪري ڇڏن ٿا، شايد ان ڪري ئي هن کي "خريدارن جي جنت" پڻ چيو وڃي ٿو. هتي هڪڙو قديم کوهه به آهي شايد ان ڪري قديم زماني ۾ بادشاهن هن جاءِ تي پنهنجي رهائش اختيار ڪئي هئي، پر هاڻي هي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

برنس علائقو آهي، جتي ڏکڻيون ڏکڻيون بازارون ڪيئي مال شاپنگ پلازا ۽ عالیشان هوٽل آهن. هتي "بيجنگ ڊپارٽمينٽل اسٽور" کان علاوه بيجنگ فارين لينگيوئجس بک اسٽور پڻ آهي. هتي دنيا جهان جا ڪتاب سي ڊيز وغيره انيڪ ٻولين ۾ رکيل آهن. منهنجو گهڻو وقت اتي ڪتابن کي الٽلائٽ پٽلائٽ ۾ گذريو. وقت گهٽ هجڻ ڪري سڀ ماڙيون ڏسي نه سگهيس. هتي گڏيل سڏيل بازارن کان علاوه الڳ الڳ وومين ۽ چلڊرن ڊپارٽمينٽل اسٽور پڻ آهن. ڪيترن ئي مارڪيٽن ۾ دڪانن جي ٻاهران مختلف شين جي نمائش ۽ سيل پڻ لڳل رهي ٿي. اتي پراڻي دؤر جا ڪيترائي يادگار پڻ آهن جن ۾ هڪ وڏي ڏکڻي مورت پڻ شامل آهي، اهي قديم چين جي نمائندگي ڪن ٿا. هتي هڪ ٻ بازارون (گهٽيون) هوٽلن جون پڻ هيون جيڪي شڪارپور جي ڏک بازار، حيدرآباد جي شاهي بازار ۽ ايشيا جي ڏکڻي بازار سڏجندڙ ملتان واري بازار کان وڌيڪ ڏکڻيون هيون. هتي هوٽلن جي اندر گهٽ ۽ ٻاهر لڳل ڪرسين تي ماڻهو وڌيڪ هيا. اسان آتي هڪ ٻن هوٽلن جي ٻار ٻي ڪيو تيار ٿيڻ واري جڳهين (جيڪي گهٽين ۾ ٿي هيا) ڪي جڏهن ڏٺوسين تہ حيران ٿي وياسين. تہ صرف نانگ ڪاکروچ ۽ ڪائي جي سنهي شيخ ۾ چار چار وڇون پڻ ٽنگيا پيا هيا. مان جڏهن انهن کي ويجهي کان غور سان ڏسڻ لڳس تہ نيپالي دوست چيو "آفتاب! خيال سان اهي جيئرا اٿي" مون يقين نہ ڪيو پر جيئن ئي مان انهن جي وڌيڪ ويجهو ويس تہ اهي چرڻ پرڻ لڳا.

اتي هوٽلن تي تقريباً ڪائڻ پيئڻ جون سڀ شيون هيون، سوپ، ڪافي، منايون، آئس ڪريم، پڊنگ، ڪيرٽي نما، حلوي ٽائپ، جوس، آلا سڪا ميوا، لڳي تہ ائين پيو تہ هي هر بلا چڻ ڪيو وڃن. شڪر جو اتي هڪ کان وڌيڪ پارڇڻ تي پابندي آهي نہ تہ هي پوري دنيا کي کائي چڻ ڪري ڇڏين ها ۽ ويجهي هجڻ ڪري شروعات بہ اسان کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ئي ڪن ها. هڪ الدازي موجب هتي روزانو ڏهه لکن ڪان وڌيڪ ماڻهو اچن ٿا چو ته جي خريداري نه ٻه ڪجي ته گهمندي ڦرندي پاڻ جنهن کي چاڻي بازي چوندا آهيون، ان ۾ ڪيترائي ڪلاڪ بنا خبر پوڻ جي گذري ٿا وڃن. واپس اچي مانيءَ کان پوء مان سمهي پيس چو ته صبحاڻي سوير "شنگهائي" وڃڻو هو جيئن ته صرف ڏينهن لاء شنگهائي وڃڻو هوسو مان کا گهٽي تياري کانه ڪئي ضروري سامان کان علاوه هڪ پينٽ ۽ ٻه شرٽس کنيم.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

1- جون

شنگهائي (سمنڊ مٿان)-سسو

جلدي جلدي ناشتو ڪري، ضرورت جو سامان کڻي اچي بس ۾ ويٺاسين. پريشاني ان ڪري ڪونہ هئي جو هڪ تہ خرچ ٻين تي هو ۽ ٻيو تہ انتظام بہ ٻين کي ڪرڻو هو ٽيون تہ اسان سڀني جو پنهنجي ننڍي عمر وارن منتظمين تي اعتماد هو. تقريباً ويهن ڏينهن جي اندر انهن کان ڪا غفلت نہ ٿي، ڪڏهن اهو نہ ڏٺوسين تہ ڪا شيءِ هنن کان رهجي يا ڀلجي وئي هجي، ڪڏهن اهو نہ ٿيو تہ هنن مان ڪنهن کي ڳولهڻو پئجي وڃي، ڪڏهن هنن مان ڪوبہ ڪنهن بہ پروگرام ۾ دير سان پهتو هجي. اسان جي يا گهٽ ۾ گهٽ منهنجي اطمينان جي وڏي وجهہ اها هئي، تہ نہ ٽڪيٽ جو فڪر، نہ بورڊنگ ڪارڊ جو فڪر يا ڪهڙي پاسي رڃبو، هر انائونسمنٽ تي ڪن کڙا مون کي تہ ريل ۽ جهاز (پاڪستان) جي انائونسمنٽ ڪڏهن بہ سمجهہ ۾ نہ آئي ۽ يقينن سمجهہ نہ ايندڙ انائونسمينٽ وڌيڪ ئي پريشان ڪندي آهي، سو بہ وري پرديس، جتي نہ ڪنهن جي ٻولي سمجهہ ۾ اچي ۽ نہ وري وڏي ايئرپورٽ تي مسافرن جي خبر پئي تہ ڪير ڪاڏي ٿو وڃي، نہ تہ کڻي ماڻهو ڪنهن شريف مسافر جي ڪڍ لڳي پوي. پر هتي انهن سڀني فڪرن کان آزاد، صرف هڪ ڳالهہ جو ڌيان رکڻو تہ "وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾" گروپ کان هيڏي هوڏي ناهي ٿيڻو. ٿي سگهي ٿو پکي ۽ جانور بہ محبت نہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پر ذاتي مجبوري ۽ مفاد جي بنياد تي وڃڻ ۽ رهندا هجن. شنگهائيءَ جي باري ۾ اسان کي ته صرف اهو معلوم هو ته آبادي جي لحاظ کان اهو نه صرف چائنا ۾ دنيا جو وڏو شهر آهي. چين جو گاديءَ جو هنڌ به رهيو آهي، قديم سان گڏ جديد به ٽيندو پيو وڃي. جنهن کري اولهه ۽ اوير جي هڪ ئي وقت نمائندگي ٿو ڪري. ڪيس چائنا جو عظيم يونان به چيو ويندو آهي. سندس تيز ترقيءَ جو سبب سندس بندرگاهه به آهي. جتي هر وقت پاڻيءَ جي جهازن جي رش هوندي آهي. ڏسندي ڏسندي هي اولهه ۽ اوير جي وڻج واپار جومرڪز ٿي ويو آهي. پوريءَ طرح ياد ناهي پر ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ اسان شنگهائي پهتاسين. اسان جي رهڻ جو انتظام "سسو" گئسٽ هائوس ۾ ڪيو ويو هو. هي گئسٽ هائوس / هوٽل به هڪ تعليمي اداري "شنگهائي انٽرنيشنل اسٽڊيز يونيورسٽي (سسو) ۾ هو. جيڪو اهو پيو ته هو تعليمي ادارن ۾ به ڪمائڻ جا ذريعا پيدا ڪن ٿا. هي ڪ عام گئسٽ هائوس کونه هو. گهٽ ۾ گهٽ هن ۾ چار سؤ ڪن ڪمرا هيا ۽ پيون به تمام سهولتون هيس. هيءَ يونيورسٽي 1949ع ۾ ٺهي هن سان لاڳاپيل ڪيترائي ڪاليج ۽ اسڪول آهن جتي ڪيترائي مضمون، سواءِ سائنس ۽ ٽيڪنالوجيز جي پڙهايا ۽ سيکاريا وڃن ٿا. هيءَ چائنا جي معتبر مادر علمين منجهان آهي، جتي مستقبل جا ليڊر تيار ڪيا ويندا آهن، خاص طور تي بين الاقوامي معاملن جا. دنيا جا قديم ادب، جديد ادب ۽ هولين، پڙهايون ۽ سيکاريون وڃن ٿيون. هن يونيورسٽيءَ جا به ڪيئي نالا رکيا ويا. بهرحال 1994ع ۾ هن جو سرڪاري نالو "شنگهائي انٽرنيشنل اسٽڊيز يونيورسٽي" رکيو ويو. چائنا ۾ اسان جيڪي به تعليمي ادارا ڏٺاسي، مون هڪ ڳالهه شدت سان محسوس ڪئي ته هتي روايتي نه پر باقائده تعليم ۽ تربيت ڏني پئي وئي. شروعاتي جماعتن کان وٺي يائچاري، برداشت ۽ امن جي اهميت ۽ افاديت تي خاص ڌيان ڏنو پئي ويو ۽ اعليٰ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تعليم جي مرڪزن ۾ مستقبل گي سامهون رکندي ۽ مستقبل جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ علمي ۽ غير علمي مهارتن کي اهميت ڏني پئي وئي. تعليم جو انداز جديد ۽ پائيدار بنيادن تي رکيو پئي ويو. هيٺ رنگ روپ هو جتان مختلف پاسن ڏي رستا ويڄي رهيا هيا ۽ سامهون هوائي ريل جون پٽڑيون هيون، جن تي وقفي وقفي سان ريلون اچي ۽ ويڄي رهيون هيون. مان ڪيترو وقت ته انهن کي ڏسندو هيس، ريل جا نظارا شايد منهنجي لاشعور يا تحت الشعور ۾ سمايل آهن. فلم ۾ به ريل جا سين مون کي ڏاڍو مزو ڏيندا آهن. شايد ان ڪري جي ريل روان دوان جي نشاني آهي ۽ زندگي روان دوان ئي سڏي لڳندي آهي. نندپڻ ۾ جڏهن ناناڻي ويندا هياسون ته تڪليفون ته ڏاڍيون ايندیون هيون، پر خوش به ڏاڍا ٿيندا هياسون. پهريائين پنهنجي ڳوٺ مريد سيڏار کان شڪارپور ريلوي اسٽيشن تائين بگي گهوڙي يا ڏاند گاڏيڙ ۾ اچبو هو ۽ پوءِ ريل جو انتظار جنهن کي چونڊائي يارهين واري ريل هيا. ياد نه ٿو پوي ته، اها ريل اچڻ مهل يا وڃڻ مهل ڪڏهن وقت تي آئي هجي. بهرحال رڪ اسٽيشن تي لهي وري ڏاند گاڏيڙ يا وري پنڌ ئي پنڌ رڪ ڳوٺ پهچبو هو. ريل ۾ رش به ڏاڍي هوندي هئي پرجڳهه هجي ته به ڪير ٿو ويهي ، دريءَ مان ڏکندڙ وٽن ۽ ڳوٺن کي ڏسي حيرت ٿيندي هئي، نه هلي ريل ئي ڏکن وري وڻ ۽ گهر ٿا. هميشه دريءَ جي پاسي ٻيهڻ تي ڏچو ٿيندو چو ته درتي مائٽ ٻيهڻ کونه ڏيندا هيا، بلڪ مائن ويچارين جو وقت ٻارن کي پڪڙڻ ۾ ئي گذرندو هو سندن آخري دڙڪو اهو هوندو هو ته جيڪو آئين سو آئين ٻيهر چا به ٽي پوي تو کي ته نه وڻي ايندا سين. پر اها ٻيهر ڪيئن ٽي ٽي سگهي؟ مان ته وري به چپ ڪري ويهي رهندو هيس، باقي ٻار ته توبهن زاري. حبيب ڪوٽ کان پوءِ ڪنڊيون ۽ لوا ڏسي پڪ ٿيندي هئي، ته اجهو رڪ آيو. ريل جڏهن ڏيلن کان گذرندي هئي ته ڏاڍو مزو ايندو هو. ڏيلون چوندا هيا واهن جي مٽان ريل جي پٽڑين کي. رڪ ان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وقت جنڪشن اسٽيشن هئي، جتي وڏي رونق هوندي هئي. چون ٿا ته سنت يڳت ڪنوررام کي جڏهن رڪ ريلوي اسٽيشن تي قتل ڪيو ويو ته ان کان پوءِ ريلوي اسٽيشن به قتل ٿي وئي ۽ اُجڙي وئي.

سسو هوٽل ۾ منهنجي ڪمري جو نمبر هو 1419 جنهن جو ٽوٽل ڇهه ٿئي ٿو. اها منهنجي لاءِ حيرت جي ڳالهه نه هئي بلڪ ملڪ کان ٻاهر جهاز جي سيٽن ۽ هوٽل جي ڪمرن جي نمبرن منهنجي علم الاعداد جي دلچسپيءَ ۾ مدد ڪئي. مون اهي سڀ بوردنگ ڪارڊ ۽ روم ڪارڊ سنياليا رکيا آهن ۽ ڪڏهن موقعو مليو ته ان موضوع تي به لکبو.

پروگرام مطابق اسان کي "ننجنگ روڊ" تي بند شاپنگ علاقي ڏانهن وٺي ويا. هونئن به اڄ آچر هو چين جا پيسا چين ۾ ڪپائڻ خاطر شاپنگ لاءِ ته ضرور وٺي وڃڻو هين، جيئن اڳ به ذڪر ڪري آيو آهيان، ان جو مان باقاعده مشاهدو ڪندو رهيس. هي روڊ تي دنيا جي معروف ڪاروباري مرڪزن ۾ شمار ٿئي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ پنج ڪلو ميٽر ڊيگهه تي مارڪيٽ ۽ هوٽل آهن جن مان ڪي ته صديون پراڻا آهن. هڪ اندازي موجب هتي روزانو گهٽ ۾ گهٽ ڏهه لک ماڻهو اچن ٿا. شنگهائي نمائش گاهه به هتي ئي آهي. روڊ جي ٻنهي پاسن کان مارڪيٽ ئي مارڪيٽ آهن.

هي علائقو "هئنگپو درياهه" جي ڪپ تي آهي. هتي واقعي قديم ۽ جديد بلڪ وچ واري وقت جي عمارتن ۾ ٻين نشانين جو سنگم آهي ان ڪري هن کي "عمارتن جو ميوزيم" پڻ سڏيو وڃي ٿو. بلڪ اسان جيڪو پڙهندا ۽ ٻڌندا ايندا هئاسين ته باغن ۾ ٻين مشهور جاين تي لکيل هوندو هو ته "ڪتن ۾ چينين جي اندر اچڻ تي پابندي آهي" انهن مان هڪ هئنگپو پارڪ به هتي آهي. هتي آسمان سان هٿ ملائيندڙ ڪيترين ئي عمارتون نظر ايندين. جپاني ماهرن جو مشهور بوتيڪ جنهن جو نقل دنيا جي وڏن ڪاروباري مرڪزن بشمول پيرس ڪندو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي، اهو بہ هتي آهي ۽ واقعي ڏسڻ وٽان آهي پري کان سفيد ڪڪرن جو ويڙهو نظر ايندو. جيئن جيئن ويجها ٿيندا ويندئو ڪڪرن جي اوٽ ۾ هڪ دنيا پسندا ويندئو. هتي هر شيءَ جا دنيا جهان جا مهانگا برانڊ موجود آهن. اينٽڪ شين جو الڳ پنج ماڙمارڪيٽ آهي، جتي چين کان علاوه دنيا مان هٿ آيل قديم ثابت ۽ ڀڳل ٽٽل شيون پيون آهن، جن ۾ ٿانو فرنيچر، زيور، ٻڌ جون مورتيون، ويندي آفيم استعمال ڪرڻ جا پائيپ پيا آهن. وقت گهٽ هجڻ ڪري (ساڍا ٽي ڪلاڪ) اسان سمجهو تہ ڪجهہ بہ گهمي نہ سگهياسون. اسان وقت بہ ڏسندا وڃون پيا، تہ مال بہ ڏسندا وڃون پيا. جڏهن آخري ويهہ منٽ بچيا تہ مان ۽ منهنجو نيپالي دوست تڪڙ ۾ درياهہ واري پاسي آياسون. ان وقت بہ اتي چڱي رونق هئي پر ان کي گهمڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ گهرجن. اسان اتي اڃان سوچي ئي رهيا هياسون، تہ ڪهڙي پاسي وڃجي ۽ جلد واپس ٿجي تہ اتي بيٺل اسان جي منتظمين جي هڪ ڇوڪريءَ چيو "سر! وقت ٿي ويو آهي پليز اڳتي نہ وڃو. ٻہ ٽي منٽ اتي ئي رهو تہ جيئن وقت سان بس ۾ هلي ويهون." اسان کي ڏاڍي مايوسي ٿي هميشہ اهائي ڳالهہ ڏکي لڳندي هئي. هڪ ٻئي کي چوندا بہ هياسون تہ اها زيادتي آهي ڀلي ٿوريون شيون گهمائن پر ڀرپور گهمڻ ڏين. اهو تہ غلط آهي تہ اهڙين اهم ۽ خوبصورت جاين تي وٺي تہ اچن ٿا پر اڃان لطف وٺڻ شروع ڪيون ٿا تہ هلو هلو ..... بهرحال اسان اتي ئي سوچي ورتو تہ وقت ڪڍي هيڏي گهمڻ ضرور اچبو.

سو موٽي اچي رات جي ماني کائي، ٿوري چيلهہ ڊگهي ڪري وري تياري ورتيسين ٿيٽر ڏسڻ جي واهہ، وا! ڇا تہ ٿئٽر هيو! ويهڻ جي جاءِ اڌ گول ۾ هئي، جتي آرامده صوفا نما ڪرسيون هيون. ڪنهن سينيما هال وانگر. مٿان ڇت تہ هئي پر وچ واري جاءِ خالي هئي. بس سامهون ئي اسٽيج هئي، جنهن تي ڪيترن ئي رنگن جون روشنيون راند ڪري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهيون هيون. حيرت ۾ وجهندڙ ڪرتب هيا. اتي لڳيل به هو ۾ هو هر هر رڪارڊ ڪرڻ کان منع به ڪن پيا. پر ڪيترائي ماڻهو لڪ ڇپ ۾ رڪارڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن پيا، جن ۾ مان به شامل هيس. اصل ۾ رڪارڊ ڪرڻ مهل ڪيمرا جي ڳاڙهي بتي اونده ۾ پري پري کان نظر اچي وڃي پئي. منهنجي ڪيمرا ته بٽنڪاڪ ۾ چوري ٿي وئي، ايئن مان فوٽن ۽ فلمن ۾ قيد ڪيل لمحن کي وري وري ڏسڻ ۽ ٻڌڻ کان محروم ٿي ويس. ظاهر آهي ڪرتبن ۽ ڪمالن کي لفظن ۾ ته بيان نه ٿو ڪري سگهجي. هڪ هڪ ڪرتب انتهائي ڪمال جو هو پر آخري ڪرتب ته ڏندين آڱريون ڏئي ڇڏيون. موت جو ڪوه ان ۾ هڪ هڪ ٿي ڪوئي ٽيهه ڪن موٽرسائيڪلون گڏ ٿي ويون ۽ هڪ ئي وقت ڪوه ۾ هيٺ مٿي هلي رهيون هيون، عجيب تماشو هو.

موٽي اچي مون ڪجهه نوٽس لکيا ۽ ڪيتروئي وقت گئلريءَ مان ريلن کي ايندو ويندو ڏسندو رهيس.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

2-جون

ڀڄ ته ڀڄون

صبح صبح "چائنا فارين ايڪسچينج سينٽر" ڏيکارڻ وٺي ويا. ڏاڍي سهڻي بلڊنگ ٺهيل هئي. مختلف اعلان چيني ۽ انگريزيءَ ۾ هر هر مختلف روشينين ۾ نمودار ٿي رهيا هيا. اتي ڪيتريون ئي سهولتون اسان کي متعارف ڪرايون ويون، جيڪي هينئر مون کي ياد ناهن. ان کان پوءِ مانجهادو ڪري وري اسان کي "شنگهائي فارين لينگيويج اسڪول" وٺي ويا. هي هڪ فل ٽائيم اسڪول آهي. هتي اسڪول ۽ ڪاليج چڱي ڀلي مادر علميءَ يونيورسٽيءَ کان نه صرف ايراضي ۽ عمارتن جي لحاظ کان وڏا آهن، پر علم، فيڪلٽيز، لئبررين ۽ ٻين سهولتن جي حوالي سان به گهڻا وڏا آهن.

هتي خاص طور "انگريزي سکڻ" تي زور هو. ڪيترين ئي جڳهن تي نمايان طور لکيل هو "Look, Listen and learn". گرامر ۽ ترجمي بدران ورجاء ۽ اُچار تي زور هو جنهن لاءِ رڪارڊ ڪيل ڳالهه ٻولهه وغيره کي استعمال پئي ڪيو ويو. هن اسڪول جي شاگردن ڪيترائي بين الاقوامي ايوارڊ حاصل ڪيا آهن، جن ۾ انگلش ڳالهائڻ، حساب ۽ ٻيا ڪيترائي مضمون شامل آهن. اسان کي اسڪول جا مختلف حصا ڏيکاريا ويا، پر اسان جي من جي سئي "بند" ۾ اٽڪي پئي هئي، بس جلد موٽون ته بند گهمڻ وڃون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسان جو جيئن ته اڳ ۾ ئي "بند" گھمڻ جو پروگرام رڪيل هو بس هٽ منهن ڏوئي، مان، عامر، وي ويانا، پيرو واري چوڪري ۽ هڪ ٻئي چوڪري هئي جنهن کي سڀ انگريزي ۽ چيني زبان اچي ٿي. هينئر مون کي نالو نه ٿو اچي ..... هڪ ٽيڪسي ڪري بند تي پهتاسين جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪري چڪو آهيان، ته اتي اڄان ٽيڪسيءَ مان لهندا ئي هياسون ته خاص ڪري چوڪريون پنهنجو پنهنجو حصو ڏيندیون هيون، اهڙي طرح هر ڪو پاڻ تي خرچ ڪندو هو ۽ ڪنهن تي به ٻئي ڪنهن جو اضافي بار نه پوندو هو. بند تي پهچندي پهچندي اونده ٿي وئي هئي. اصل ۾ اتي رونق به رات جو گھڻي ٿئي. روشنين جو شهر هو، هر پاسي ڏگھيون ڏگھيون خوبصورت عمارتون، ٽن پاسن کان مارڪيٽ، وچ ۾ ويھڻ جون کوڙ جايون. ندیءَ جي مٿان پارڪ ندیءَ جي ڪنارن ڪنارن سان تفريحي جايون وغيره. اٽ ماڻ ڪسٽمر هائوس، پري کان سندس نظر ايندڙ ڪلاڪ ٽاور به هتي هو ته مختلف روشنين ۾ قديم ۽ جديد طرز جي هوٽلن جو چار هو جن ۾ بار ڊانس ڪلبن کان علاوه گھڻو ڪجھ هو. مقامي ۽ غير مقامي ٻنڪن جون خوبصورت عمارتون هتي ٽيندڙ واپار جي شاهدي ڏئي رهيون هيون. دنيا جي ٽيون نمبر ڏگھي عمارت "ورلڊ فنانشل سينٽر" به هتي آهي. چائنا جي ڏگھي عمارت "شنگھائي ٽاور" به هتي ئھي رهيو هو. اسان پارڪ ۾ داخل ٿي گھمڻ لڳاسين. حسب معمول مان وري وڃڻ کان پنتي رهجي ويس. اصل ۾ مون کوڙ سارين شين کي سڀ نموني سان ڏسڻ ۽ پرکڻ پئي چاهيو. ٿوري دير ۾ هڪ پڪي عمر جي عورت منهنجي ويجھو اچي انگريزيءَ ۾ پڇيو ته تون ٻاهران آيل آهين، مون کيس هائوڪار ڪئي. هن پڇيو تون ڪٿان آيو آهين، مون الائي ڇا سوچي کيس، "ايشيا" چيو. هن چيو مون وٽ چيني ۽ ٻيون خوبصورت ۽ سمارٽ چوڪريون آهن جي اوهان ڪمپني ڪرڻ چاهيو ته مون سان هلو. مون ڪائنس پڇيو ڪٿي آهن. هن چيو سڌ پنڌ تي آهن اتي هلي ڏسو حالانڪ به ٽي چوڪريون ۽ هڪ به

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مرد هن سان گڏ هيا جي ٽورو پري پري ٽي هلي رهيا هيا. مون ڪين چيو ته مون سان گڏ دوست آهي، مان ان کي وٽي اچان ته پوء هلون ٿا. اڪيلو مان ويڙ نه پئي چاهيو. ظاهر آهي هڪ ته عامر وارا پريشان ٿي ويڻ ها ۽ جي هو هليا ويڻ ها ته مان شايد هوٽل تي ڏکيو پهچان ها. ٻيو ته پرديس ۾ وري شنگهائي! جنهن جي باري ۾ هوشيار باش ۽ پڙهيو هيم ته، ڪيسا ڪٽ، ٽيڪسيءَ مان اڏ تي لاهي چڏڻ، نقلي نوٽ هلائڻ ۽ هروپرو اصل نوٽ تي نقلي چوڻ، مندرن ۾ مختلف طريقن سان پيسا ونڻ، چوڪرين جي چڪر ۾ اڇلي ڪي نه صرف ڪنگال پر بي عزتو ڪرڻ وغيره وغيره. بهرحال مون عامر کي هٽ ڪري هن کي ٻڌايو هو اصل ۾ وي ويانا کان پري ٽيڻ نه پيو چاهي. مون ڪيس چيو ته هن کي مخصوص جڳهه ٻڌايون ٿا ملڻ جي ۽ پاڻ اڏ ڪلاڪ ويڄي موٽي ايندا سين، ڏسٽو ئي ته آهي، مون کي هو سمجهائڻ لڳو ته تنهنجي اها تجسس واري عادت ۽ طبيعت ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ضرور مارائيندي. اسان ايڏا ڳالهائي رهيا هياسون ته اها مائي به اچي بيٺي. ايتري ۾ اسان واريون ٽيئي چوڪريون به ويجهو پهتيون، ته عامر انهن ڏي وڃي انهن سان ڳالهائڻ لڳو. عامر جڏهن واپس آيو ته هن مائيءَ ڪائنس پڇيو ته ڇا اوهان سان فيملي به ناڻ آهي، عامر الائي ڇا سوچي، هائو ڪئي. (عجيب ڳالهه) بس پوء ته مائي چڙي پئي، اوهان کي شرم ناهي، فيملي گڏ هوندي ٻين ماڻ جي تمنا ٿا ڪيو، وغيره وغيره! مون کي اڄ تائين ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته هن جو ته ڏنڏو هو هن کي اها ڳالهه برُي ڇو لڳي؟ هن جو غرض ته پيسو هو يا ته اسان جي نه هلڻ جو اهو ردعمل هو..... ۽ اسان کي سزا ۾ خوار ڪرڻ ٽي چاهيائين! جي هوءَ عورتن جي حقن ۽ عزت جي طرفدار هئي ته پوء اهو ڏنڏو ڇو ٽي ڪيائين؟ بهرحال هاڻ اسان جان ڇڏائڻ جي چڪر ۾ پر هوءَ مڙي چا! ..... مون چيو ڇڏ ته ڇوڻ!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسان پئي سوچيو ته ڪٿي هو ڇوڪريون نه ٻڌي وٺن، بهرحال وڏي مشڪل سان اتان اڳتي وڌي پاڻيءَ هيٺان ٺهيل سرنگهه ڏانهن هلڻ لڳاسون. اتي جو چپو چپو خوبصورت ۽ مختلف سهولتن سان پُر هو. اسان هيٺ لهي اسٽيشن تان ٽڪيٽون وٺي ٽرين ۾ چڙهڻ لاءِ قطار ۾ بيٺاسون. اتي ٻه ٽريڪ هيا، جن تي ٻه ٽرينون اچي وڃي رهيون هيون، پر اسان اوٽ موٽ جون ٽڪيٽون ورتيون هيون. ننڍڙي ٽرين بنا ڊرائيور جي هئي. ٽرين نهايت ئي خوبصورت هئي، هر پاسي کان شيشو يا شفاف ٿلهي پلاسٽڪ هئي، جنهن مان سڀ ڪجهه ڏسي سگهجي پيو. پوري ٽرين ۾ به گهمي سگهجي پيو ۽ پويان به شيشو هو جنهن مان آرپار ڏسي سگهجي پيو. مٿان ندي هئي. اندر مختلف رنگن جون روشنيون راند رچائي رهيون هيون ۽ موسيقي ماحول تي جادوئي اثر وجهي رهي هئي. تقريباً چار ميل جو سفر هو جيڪو چئن منٽن ۾ پورو ٿي وڃي پيو. اسان ٽرين کان نڪري، نديءَ ڪناري چڱو پنڌ ڪندا رهياسون پوءِ نديءَ جي ڪپ تي هڪ خوبصورت ريسٽورنٽ جي کليل حصي ۾ ويهي، ڪن ڪافي پيتي، ته ڪن آئسڪريم کاڌي، مان ڪافي هٿ ۾ کڻي ڪجهه ڏاڪا لهي، ويهي پير پاڻيءَ ۾ پسائي مزو وٺڻ لڳس. ٿوري دير کان پوءِ نه چاهيندي به اسان واپس آياسون، اسان کي پريشاني ان ڪري نه ٿي، جو ٻن ڇوڪرين کي سٺي چيني ٻولي اچي رهي هئي ۽ ڪيترا ڀيرا پهريان به چين اچي چڪيون هيون. صحيح سلامت يعنيٰ بنا ڪنهن ڦرلٽ ۽ نقصان جي واپس پهچڻ تي سک جو ساهه کنيوسون، پر سچي ڳالهه اها آهي ته اهڙي پر فريب جڳهه تان نڪرڻ جي ڪنهن جي به دل نه چوندي بلڪ اتي لٽجڻ به .....

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

3-جون

ذوذانگ - يويئان

ناشتي کان پوءِ اسان کي بسن ۾ "ذهو ذهانگ" وٺي هليا. آيو ڪجهه سمجهه ۾؟ اسان کي به نه آيو هو. ڪجهه وقت کان پوءِ اسان شنگهائي ڇڏي چڪا هياسون. رستي ۾ ڪيترائي ڪارخانا (فيڪٽريون) آباد هيا، ڪٿي ڪٿي روڊ جا ٻئي پاسا خالي به هيا. هلندي هلندي روڊ جي ٻنهي پاسن يا ڪنهن به هڪ پاسي کان بي تحاشا پاڻي ئي پاڻي هلندو رهيو. تان جو اسان هڪ کلي جڳهه تي پهتاسون جنهن جي هڪ پاسي ريسٽورنٽ ۽ دڪان هيا، ته ٻئي پاسي پارڪنگ ۽ دڪان هيا. اڳيان ٻن ٿلهن ٿنبن ۾ ڦاٿل ويڪري گيٽ آجيان ڪري رهي هئي. حيراني ان ڳالهه جي آهي ته چينين مڙني ٻوٽن جو ڪونه ڪو استعمال ڪڍي ڪري، ناڻو ڪمايو آهي. اهڙيءَ طرح تقريباً تمام ماڳن کي تاريخي يا تفريحي ڄاڻائي خوب ناڻو ڪمايو آهي، پر هڪ ڳالهه آهي ته اتي ماڻهن لاءِ ڪشش جو سامان به ميسر ڪيو آهي ته سهوليتون به. هي "ذهو ذهانگ" اصل ۾ "پاڻيءَ ۾ شهر" هو. هي اوائلي شهر يا ڳوٺ آهي جنهن جا گهر هڪ نهر جي ڪناري سان آهن. هتي ڪيتريون ئي ڍنڍون ۽ نهرون هيون، انهن جي گهرائيءَ جي خبر نه پئجي سگهي. هتي ڪيتريون ئي پليون هيون، مندر هيا، هوٽل، هاسٽل ۽ گئسٽ هائوس هيا. ٻِٽي پل خاص طور تي سياحن کي ڏيکاري پئي وڃي. ان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مان هڪڙي اولهه اوڀر هئي جنهن جا محراب گولائي ۾ هيا ۽ ٻئي اوڀر ـ ڏکڻ پل هئي، جنهن جا وري محراب چوڪور هيا. اها پل پراڻي دؤر جي ڪنهن ڪنجيءَ وانگر لڳي رهي هئي. رش ايتري هئي جو ان ڪمائي مان هڪ صوبي جو خرچ هلائي پيو سگهجي. مکيه نهر ۾ ٻيڙيون هلي رهيون جن ۾ ويهي تفريح به ڪري سگهجي پئي ۽ نهر ڪناري ٺهيل دڪانن تان خريداري به ڪري سگهجي پئي. پر مان پنڌ پاڻيءَ جي شاخ ڪناري ٺهيل دڪانن جو چڪر هنيو. شاخ جي ٻنهي ڪنارن سان رواجي دڪان هيا جيڪي گهڻو ڪري مايون هلائي رهيون هيون. اتي هٿ جي هنر واريون کوڙ شيون هيون جهڙوڪ ڀرٿ ڀريل ٻٽون، پرس، مختلف شين جا پوش، تصويرون، ڪاون واريون شيون، نوان پراڻا روايتي زيور، جتيون وغيره وغيره. مان نهر جي ٻنهي پاسن جي دڪانن تان ننڍيون ننڍيون شيون خريد ڪيون.

اسان کي نهر ڪناري ئي هڪ هوٽل ۾ مانجهاندو ڪرايو ويو. شايد هوٽل وارن کي هدايتون نه ڏنيون ويون هيون، ان ڪري جو شروع ۾ اسان لاءِ الڳ ٽيبل نه هئي وري وڳوڙ پيدا ٿي پيو. آخر الڳ ٽيبل تي سبزي (الائي ڪهڙي) ۽ بيدن تي گذارو ڪرڻو پيو. ٻاهر اچي پارڪنگ واري پاسي تي دڪان ڏٺاسين، ڪجهه گفٽ شاپس هيا ڪجهه ڪپڙن جا ته ڪجهه متفرق. مون سيل مان ڪجهه اڌ ٻانهن واريون شرٽس ۽ ڪي پينٽنگس ورتيون. حيرت جي ڳالهه اها هئي ته هتي به "ڊبل گهوڙا بوسڪي" ڪنهن کي به سمجهه ۾ نه پئي آئي. مان چائنا ۾ جنهن به مارڪيٽ ۾ ويس اتي بوسڪيءَ جو سراغ نه مليو.

جيتوڻيڪ هتي هر پاسي پاڻي ئي پاڻي هيو پر عمارتن کي ڪو سيڪ وغيره نه هو ڪجهه عمارتن ۾ هيٺ تائين ڪاٺ هو پر اهو به صحيح سلامت هو. ست اٺ سؤ سال پراڻيون عمارتون جن ۾ عاليشان سؤ سؤ کا وڏيڪ ڪمرن واريون عمارتون به شامل هيون پر انهن تي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڻيءَ جي دشمنيءَ جا ڪي به آثار نه هيا. تقريباً ساڍي چئين بجي اتان واپسي ڪئي سون. رات جي ماني کائي وري هڪ ڏکي نالي واري جاءِ "يويئان" وياسين.

يويئان

چيني زبان ۾ يوئا = Yu معنيٰ پرامن - موهيندڙ هي هڪڙو باغ هو جيڪو "بند" واري علائقي ۾ هو. هن جي جڙت 1560ع ۾ ٿي روايتن مطابق "منگ خاندان" جي حڪومت ۾ هڪ سرڪاري آفيسر (گورنر) پنهنجي والدين لاءِ هي شاندار باغ ٺهرائڻ شروع ڪيو، ته جيئن هو پوڙهائپ ۾ سٺا ڏينهن گذارين، پر جيئن ته هو بادشاهه سلامت جي ڪنهن امتحان / آزمائش ۾ ناڪام ٿيڻ جي سزا ۾ بدلي ڪيو ويو ۽ ان باغ جو ڪم لڳ ڀڳ ويهه سال رڪيو رهيو، بلڪ ٿيل ڪم به زبون ٿيندو رهيو. ان کان پوءِ هو جڏهن واپس ٿيو ته هن وري هن باغ کي اڏڻ جو ڪم شروع ڪيو ۽ ان تي بي تحاشا خرچ ڪيو ۽ ان خرچ ۾ پنهنجون قيمتي شيون به کپايائين. سندس والدين ڪي پنج ست سال اتي گذاريا ۽ پوءِ پاڻ گذاري ويا. پوءِ اهو باغ مختلف ماڻهن وٽ وڪامبو رهيو.

هن باغ ۾ گهڙڻ سان سامهون هڪ پهاڙي سلسلو شروع ٿئي ٿو جنهن جي اوچائي پنجاهه فٽ کن ٿيندي. مٿان بيهي ڏسبو ته دل باغ و بهار ٿي ويندي. هتي ڪيتريون ئي ٽه ماڙ چار ماڙ عمارتون آهن، تلاءِ آهن، تلائن مٿان خوبصورت پليون آهن. سوين قسمن جا رنگ برنگي گل ٻوٽا آهن.

اتي اسان کي هڪ وڏو "جيڊ" پٿر ڏيکاريو ويو. هي ڪنهن پهاڙ جو ٽڪر لڳي رهيو هو. هن جو وزن پنج کن ٽن هو. ٻڌائين پيا ته هزار سال پهريون ڪنهن ڍنڍ مان مليو هو ۽ ڪنهن بادشاهه (نالو الائي ڇا پيا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ونڻ) ڪٽائي ذاتي ملڪيت ۾ رڳيو هو. پٽ ڏاڏو سهڻو هو ۽ قدرتي شڪل ۾ هو. هن ۾ ڪيترائي سوراخ هيا، جيڪڏهن هن جي هيڻان ڪائي ٻارن پيا تہ سندس سيني سوراخن مان دونهون نڪري ٿيو ۽ جي ان جي مٿان پاڻي هاريوس تہ وري سيني سوراخن مان جل جاري.

اتي پراڻو فرنيچر، پينٽنگس، مورتيون، سليٽن (سرن) تي اڪريل شاعري وغيره محفوظ آهي. ٻين تفريح گاهن وانگر هتي بہ لالٽين، چانهن، گل، پٽر ۽ پٽرن وغيره جون نمائشون لڳل هيون. چون ٿا تہ هن باغ ۽ هن جي عمارتن کي بہ آفيسر واري وڏي جنگ ۽ سوشلسٽ ثقافتي انقلاب کافي نقصان پهچايو. باغ کان ٻاهر چند قدمن تي ساڳئي نالي سان مارڪيٽ هو جتي خاص طور سووينر (يادگار) جام رکيل هيا.

واپسيءَ تي مان ڪمري بدران رهائش جي پويان مارڪيٽ هليو ويس. هي مارڪيٽ ۽ هونئن بہ شنگهائي مون کي پاڪستان خاص ڪري سنڌ جي شهرن جهڙو لڳو. هي مارڪيٽ تہ بلڪل سکر ۽ حيدرآباد جي شاهي بازارن جهڙو هو. مون ٻڌو هو تہ شنگهائي امير لاءِ جنت ۽ غريبن لاءِ جهنم آهي پر مون کي ايئن ڪونہ لڳو. هن وقت تائين محسوس ٿي چڪو هو تہ مون وٽ جيڪا پيٽي آهي، اها واپسيءَ پاڪستان ۾ پوري ڪانہ پوندي، سو مان هڪ دڪان تان پيٽي ورتي جيڪا بلڪل سستي هئي. دڪاندار مون کان وڌيڪ ٽلهو پيٽيءَ تي ٽپا ڏئي ان جي مضبوطيءَ جي پڪ ڏياري رهيو هو، بلڪ مون کي بہ ان مٿان ٽپا ڏيڻ لاءِ اشارا ڪري رهيو هو پر مون ان تي ئي اعتبار ڪيو. (اها اڄا تائين سلامت آهي ۽ سندس تالا نمبرن وارا ڪيئي پيرا مٿائي چڪو آهيان) بعد ۾ احساس ٿيو تہ ٿوري وڌي پيٽي وڻان هان. مان ڪجهہ ننڍيون وڏيون شيون ونڊي ڪمري تي موٽي آيس.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

4-جون

ناديہ سان وري کير کنڊ

هڪ ڏيڍ بجي ڏينهن جو اسان ايئرپورٽ تي (بيجنگ لاءِ) پهتاسون هي ايئرپورٽ ڪو ايڏو وڏو ڪونہ هو پر پوءِ بہ چڱو خاصو هو. مان سيان واري تجربي جي روشنيءَ ۾ سڀ ڪجهہ بيگ ۾ بند ڪري لگيج ۾ بڪ ڪرايو. هٿ ۾ ڏندن کوٽڻ واري تيلي بہ نہ رکي. اسان جا ميزبان اسان جا پاسپورٽ وٺي بورڊنگ ڪارڊ وٺڻ ويا هيا ۽ پوءِ خبر پئي تہ جهاز بہ ڪجهہ ليٽ آهي. عامر ۽ مان هڪ گول ٽئبل جي پاسي پيل ڪرسين تي ويهي حال احوال ڪرڻ لڳاسون، مان سامهون سڏ پنڌ تي ڪافي وٺڻ ويس (ڪافي ٺيڪ ٺاڪ مهانگي هئي) اتي ريما ۽ ناديہ بہ لڏندي لڏندي اچي پهتيون. مون کي سلام ڪيائون مان کين ڪافيءَ لاءِ پڇيو، هنن انڪار ڪيو. ريما مون کي ساري ڪندي چيو "مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي آهي، اصل ۾ اهو زبان ۽ ثقافت جو فرق آهي، اسان بہ ٻارن کي ڪتو ٻلو چوندا آهيون، زال مڙس هڪ ٻئي کي بہ چوندا آهن پر اسان وٽ "جانور" تمام برو لفظ آهي، يعني جنهن کي ڪنهن بہ شيءَ جي تميز نہ هجي". مون هن کي چيو تہ "مان تہ ان وقت ئي تو کي ٻہ ٽي دفعا ساري ڪئي هئي پر تو....." بهرحال اسان اتي ڀڪ پاسي پيل ڪرسين تي ويهي حال احوال ڪندا رهياسون، مون ڏٺو تہ ناديہ ڏاڍي خوش پئي ٿئي مطلب تہ وري کير کنڊ ٿي وياسون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايتري ۾ اسان جي ميزبان، عامر کي ۽ بورڊنگ ڪارڊ ڏنا (هڪ هن جو هڪ منهنجو) پوء مان هنن کان موڪلائي عامر ڏي آيس ته هن مبارڪباد ڏني. ائين اسان جهاز ۾ اڏري بيجنگ پهتاسين. بيجنگ ايئرپورٽ تي اسان واريون بسون بيليون هيون. اسان جڏهن هوٽل جي ويجهو پهتاسون، ته اسان سمجهيو ته اسان غلط جاء تي آيا آهيون! پر اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ جو ته اسان جي ميزبان انتظاميه اسان سان گڏ هئي. سوچيوسون ٿهاڻي شايد رهائش جو بندوبست ٻئي هنڌ ڪيو اٿن، پر اسان جو سامان ته پهرين واري هوٽل ۾ رکيل هو. وري بسن مان لهي ڏٺوسين ته سامهون اسان وارو هوٽل هو. (ريوچند) اصل ۾ چا هو ته هوٽل جي پڪ ۾ هڪ وڏي عمارت شايد پلازا يا مال ٿهي رهيو هو جنهن جو ويهه ٽيهه پرسينٽ ڪم ٿي چڪو هو. اسان جڏهن ٽئين ڏينهن موٽياسون ته نقشوئي بدلجي چڪو هو اتي ته دنيا آباد ٿي چڪي هئي، وڏي رونق لڳي پئي هئي. ڪي چند دڪان خالي ها باقي سڀ مصروف هيا. روشنيون سڏي رهيون هيون. پوء خبر پئي ته اسان جي وڃڻ وقت ٻاهر جيڪو فرش لڳي رهيو هو اهو هڪ دفعو پورو ٿي چڪو هو پر ان کي پٽي، وري ٻيهر ٻئي قسم جو فرش هنيو ويو هو هي آهن اهي چيني جن کان آفيسر ڇڏائڻ لاء جنگيون لڳيون.

هوٽل تي پهچي (اتي اهي ساڳيائي ڪمرا هيا) ٿورو آرام ڪري سامان کي وري ڪمري ۾ ترتيب ڏئي، اڌ منو ڪلاڪ ٽب ۾ ٽڙڳندو ٻه رهيس، ته ڪتاب ٻه پڙهندو رهيس. رات جي ماني کائي ٻاهران ٿورو چڪر هڻي هوٽل تي واپس آيس. هيٺ ئي نادير، ريما ۽ ان جو دوست هيلري مليا. نادير جي ڪمري ۾ ويا سين. نادير قهوه چانهن، ڪيڪ بسڪٽ پيش ڪيا. مون کين سنڌي گيت پنهنجا چاٽائي ٽيبل تي هڻڻ سان موسيقي پيدا ڪندي ٻڌايا، انهن جو ترجمو ٻه کين ٻڌايو. موسيقيءَ ۾، هنن ٻه حصو ورتو. بقول هنن جي گيت يا ڪلام هنن کي ڏاڍا وڻيا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون کين سنڌي معاشري جي باري ۾ ٻڌايو ڪيترين ئي ڳالهين تي هو اچرج ۾ پئجي ويا ۽ مان سمجهي ويس ته گهٽين ڳالهين تي، هنن کي اعتبار نه آيو. ڪاروڪاري وارو مسئلو ته هنن کي بلڪل سمجهه ۾ نه آيو. بلڪ ڪجهه ڳالهيون جيڪي مون سمجهيون، ته هو سمجهي ويا آهن پوءِ خبر پئي ته انهن مان به ڪجهه ڳالهيون هنن پنهنجي پنهنجي ماحول مطابق سمجهيون. جيئن هڪ دفعي مون هنن کي چيو ته اسان لاءِ شام جو ملڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ ضروري آهي. اسين دوست ملندا آهيون، پيئندا آهيون ڪائيندا آهيون ۽ پوءِ سمهي پوندا آهيون. تقريباً سڄي دنيا ۾ اڪيلي مرد يا عورت جو تصور گهٽ آهي. دوست جو اڪثر مطلب جنس مخالف ورتو ويندو آهي خاص طور اهڙين محفلن لاءِ، ايستائين جو جنس مخالف کان واڌي کي ذهني يا جسماني طور بيمار سمجهيو ويندو آهي. هنن به منهنجي دوست چوڻ کي اهو سمجهيو ته چوڪرا ۽ چوڪريون ۽ هنن سمجهيو ته ڪائڻ ۽ سمهڻ جي وچ واري ڳالهه مان ڇاڻي واڻي لڪائي ويس، اها ڳالهه ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪلي هئي، جڏهن هنن چيو ته جڏهن توهان جي معاشري ۾ خاص طور تي عورتون جڏهن ايڏيون مجبور آهن ته پوءِ شام جي ڪچهري دوستن سان گڏ ڪائڻ پيئڻ اهو ڪيئن ممڪن آهي. مون چيو ان جو ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي، ته هنن ياد ڏياريو ته ڪجهه ڏينهن اڳ تو اهو چيو هو مان کين واضع ڪيو ته "دوست" مطلب ته اسان مرد دوست..... ته هو حيرت ۾ پئجي ويا ۽ هڪ مونکا پڇيو ته ڇا هم جنس پرست دوست ته مون وراڻيو الله پناهه ڏيندوا پوءِ ته مذاق ٿهي وئي، جڏهن به ڪائڻ، پيئڻ جي محفل يا ايئن ئي ڪا ويهڪ ٿئي ته هو گڏجي چوندا هئا، اسان ملندا آهيون، پيئندا، ڪائيندا آهيون پوءِ سمهي پوندا آهيون..... ۽ هو وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي خوش ٿيندا هيا. ڪڏهن هو چارئي ڳالهيون گڏجي چوندا هئا ته ڪڏهن شروع کان هڪ ڪندو هيو ته پوءِ پيا ان کي اڳتي وڌائيندي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪڍهن پوري جو پورو نہ ڪڍهن اڌ ڇڏي باقي پاڻ ئي سمجهي وڃ لاءِ ڇڏيندا هئا. مان هنن کان اجازت ولي ڪمري ۾ آيس ۽ بستري تي اهو سوچيندي سوچيندي ننڊ اچي وئي ته ريما بي وقوف آهي چا؟ پنهنجي ڪمري ۾ چو نہ هلي وئي پنهنجي دوست سان ڳڏ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

5-جون

بارش ۾ فٽ پاٿ تي

اڄ سڄو ڏينهن ليڪچرَ ٻڌڻ ۾ گذري ويو..... بين الاقوامي لهه وچڙ ۾ چيني زبان ۽ ثقافت جي دنيا ۾ واڌ ويج ۽ اثر وغيره وغيره. بهرحال ناديه ۽ مان پنهنجي پنهنجي ڪاپين تي هڪ ٻئي کي ٻوليون سيکاريندا رهياسين، شڪليون ٺاهيندا ۽ ڊاهيندا رهياسون. وقفي ۾ هن مون کي ريما جي ذريعي ٻڌايو ته صبحاڻي منسڪ (بيلا روس جي گاڌيءَ جو هنڌ) جي شاگردن جيڪي بيجنگ ۾ پڙهن ٿا، سندن رات جي ماني جهلي آهي ۽ جي مان به شامل ٿيڻ چاهيان، ته ڀلي پر جيئن ته هو شاگرد آهن انهن تي بار نه وجهڻ ڪري هر ڪو پنهنجو خرچ پاڻ ڪندو. منهنجو انهن سان ڇا واسطو؟ مون ته ناديه سان گڏ هجڻ ڪري ها ڪئي.

شام جو وري مانيءَ کان پوءِ جڏهن مان هوٽل کان ٻاهر چڪر لاءِ نڪتس ته ريما، ناديه ۽ هيلري فٽ پاٿ تي وڃي رهيا هيا. هو مونکي ڏسي مون لاءِ بيهي رهيا. اسان گڏجي هلندا رهياسين. ٿوري دير کان پوءِ ريما ناديه کي ڪجهه چئي هيلريءَ سان گڏ تڪڙي تڪڙي اڳتي وڌي وئي. ناديه ۽ مان به هٿ هٿ ۾ ڏئي، فٽ پاٿ تي هلڻ لڳاسون. هلڪي هلڪي بارش پئجي رهي هئي. مون ناديه کان پڇيو ته ريما توکي ڇا چيو ۽ ڪيڏانهن ويا. هن وراڻيو ته هو مارڪيٽ ويا آهن ۽ ڪمري تي ملندا. اسان اڳتي هلندا رهياسون ۽ جذبن جي زبان سان هڪٻئي جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويجهو ٽيندا رهياسون. هلندي هلندي اسان ان هنڌ تي پهتاسون جتي حسب معمول موسيقيءَ تي ننڍا وڏا، عورتون مرد ڊانس ڇڪو يا ورزش ۾ مشغول هيا ۽ وري کوڙ ماڻهو انهن کي ڏسي رهيا هيا. ٿوري دير کان پوءِ نادر مونکي زوريءَ جهنگلي جي اندر ميدان ۾ وٺي وئي ۽ رقص سيکاريندي رهي. پوءِ مون کي ڇڏي اڪيلو رقص ڪرڻ لڳي، واقعي هوءَ هڪ ماهر رقاصه هئي. ڏسندي ڏسندي سندس چوڌاري ماڻهو گڏ ٿي ويا. پهريائين هڪ بن ماين هن سان گڏجي رقص ڪيو ۽ پوءِ هڪڙي مرد به هن سان گڏ رقص ڪيو جيڪا ڳالهه مون کي نه وٺي پر هن ان جو ڪو نوٽيس نه ورتو. هوءَ جڏهن واپس آئي ته پگهريل هئي جڏهن ته ايا تائين هلڪي هلڪي بوندا باڙي جاري هئي. اسان کجهه وقت اتي ئي فٽ پاٿ تي ويهي رهياسون.

واپس اسان هن جي ڪمري ۾آياسون. هن اليڪٽرڪ ڪٽليءَ ۾ پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ رکيو. اشارن اشارن ۾ فريش ٽيڻ جي مون کان اجازت گهري، ڪپڙا ڪٽي واش روم ۾ وئي. مان سندس صوفي تي نيم دراز ٽيڻ لڳس.

کجهه وقت کان پوءِ هوءَ واقعي ئي فريش فريش واش روم مان نڪتي ته مان واش روم ۾ وڃي هٿ منهن ڌوتو. ٻاهر نڪتس ته هوءَ ٻانهن ۾ جنگهن کي لوشن هڻي رهي هئي. ان کان پوءِ هن هڪ پليٽ ۾ رشين بسڪٽ، ڀراءِ فروٽ رکيو ۽ هڪ ننڍي پلاسٽڪ جي وٽي اوري ڪري ان ۾ پيل ساشا ڊيڪاري پچندي رهي..... ڪافي، چانهن ..... قهوو (سائي چانهن) مون کيس مشڪل سان اشارن ۾ سمجهايو ته جيڪو هوءَ پيئندي مان به اهو پيئندس..... شڪر آ جو آخر ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويس! هن کلي ڏنو ۽ پوءِ منهنجي پڪ سان ويهي ڪائڻ پيئڻ لڳي. ٿوري دير کان پوءِ ريما وارا به اچي ويا هن هنن کي به قهوو ٺاهي ڏنو ۽ پوءِ اسان انگريزيءَ سان جٽ ڪندي دنيا جهان جا حال احوال ڪندا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهياسون. مون کائنن سوشلسٽ نظام جي باري ۾ پڇيو هنن مون کي سخت مايوس ڪيو. نو نو نونو ..... نو سوشلزم. مون جڏهن کين چيو ته ڪيپٽلزم ته هنن پهرئين کان به وڌيڪ سختيءَ سان نو نو ڪيو. مان حيران ٿيندي پڇيو ته پوءِ باقي ڇا؟ هنن چيو آزادي، پوءِ مون مختلف ماضيءَ جي سوشلسٽ ملڪن مان آيلن کان پڇيو ته هنن به مايوس ڪيو. انهن مان جيڪي سوشلسٽ نظام جي تعريف به ڪن پيا اهي به آزاديءَ جا ڳولائو لڳن پيا ۽ لڳي پيو ته سبب ڪهڙا به هجن پر هو آزاديءَ جا سڪايل هيا. جيئن ته ريما وارا اٽڪ جو نالو ئي نه پيا وٺن مان اٿي آيس ۽ سوچڻ لڳس ته آئينده مان يا ته هت ايندس ئي نه يا ناديه کي چوندس ته باقي ڏينهن بچيا آهن چار هنن کي چئو ته اسان کي به آزادي گهرجي. منهنجي اتان اٽڪ واري انداز کي شايد ناديه ۽ هو به محسوس ڪري ويا. رات جو مون کي ڪهڙيءَ مهل ننڊ آئي چئي نه ٿو سگهجي.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

6-جون

اولمپڪ راندين جون تياريون - مساج گھر

اڄ جو پھريون ليڪچر چيني لوڪ ثقافت تي ھو جنھن جي لاءِ معمول مطابق ڪنھن يونيورسٽيءَ مان، ان مضمون جي پروفيسر کي گھرايو ويو ھو. ھو نائين کان يارھين تائين چين جي لوڪ يا عوامي ثقافت، ان جي تاريخ، ترقي، فائدا وغيره ٻڌائيندو رھيو. منھنجو رڳو ۾ ڳالھيون يا ٻن ڳالھين تي ڌيان رھيو. ھڪ تہ اتي بہ خاص ڪري ڀھراڙيءَ ۾ شاديءَ جون رسمون روائتي آھن. اسان وانگر گھوٽ ڪنوار کي ان جي گھران شادي ڪري وٺي ايندو آھي، بلڪ گھٽن علائقن ۾ ايجا تائين ڏولیءَ ۾ ڪنوار ايندي آھي. ڪنوار کي ڏگھو ڳاڙھو لباس ھوندو آھي. سنوڙ ساڻ بہ لڳ ڀڳ اسان وارا ئي اٿن. ٻيو تہ اتي بہ ميلا ۽ موسمي ڏڻ ملھايا ويندا آھن، جن ۾ تفريح جا مختلف موقعا ۽ سامان ھوندا آھن. جھڙوڪ مختلف دڪان، لوڪ موسيقي، مختلف فنڪارن بشمول مسخرن جا ڪرتب وغيره وغيره. ان کان علاوه انھن جي جوتش بہ انھن جي ثقافت جو حصو آھي. ۽ چين ۾ اھي ٻارھن جانورن، ڪوئو، ڏڳو سيھڙ، چيتو، ڏريگن (ان جي اھميت ھنن وٽ تمام گھڻي آھي ۽ مون کي ايجا تائين اھو سمجھ ۾ نہ آيو تہ اھو وجود بہ رکي ٿو يا خالي سمبل آھي؟) نانگ، گھوڙو، رڍ، پولڙو ڪڪڙ ڳيرو ۽ سوئر. انھن جي نالن جو بہ مزيدار انداز آھي، نسل ما ماڻو ذات نالي کان اڳ ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مردن جي نالن ۾ مردانگي، طاقت ۽ همت ته وري عورتن جي نالن جي نسبت خوبصورتي، نماڻائي ۽ ويچارپ. مون کي اهو تضاد سمجهه ۾ نه آيو ته قديم زماني کان اتي جي ثقافت وغيره پدر شاهي تي بيئل رهي آهي. نالن ۾ به ان حوالي سان معنويت آهي پر نسل ماءُ ۽ ماماڻن جو نمايان.

مزي جي ڳالهه ته اسان وٽ سوپ جو راوج چيني هوٽلن کان شروع ٿيو ۽ چينين جي نقل ۾ ٿيو. اسان سوپ اهو چئي مانيءَ کان اڳ ۾ پيئندا آهيون، ته بک لڳائيندڙ آهي، پر چائنا ۾ هميشه سوپ مانيءَ کان پوء هوندو هو باقي سائي چانهه (کير واريءَ جو ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي) مانيءَ کان اڳ ۾ شروع ٿي آخر تائين هوندي هئي. ٻين کان چئين بجي وارو ليڪچر ماٺهن ۽ خاص طور شاگردن کي "اولمپڪ راندين" جي باري ۾ ڏنل آگاهي ۽ ڪرايل مشقن جي باري ۾ هو (2008ع ۾ اولمپڪ راندیون چين بيجنگ ۾ رٿيل هيون)

هنن ان اعلان تي ته 2008ع ۾ اولمپڪ راندیون چين (بيجنگ) ۾ ٿيندیون، سان گڏ ان سلسلي ۾ پنهنجي تياري شروع ڪري ڇڏي هئي ۽ مختلف رٿون ترتيب ڏئي ان تي ڪم جاري ڪري ڇڏيو هو. عين اولمپڪ جي منشور مطابق ته " خاص طور ڪري دنيا جي نوجوانن کي راندين ذريعي بين الاقوامي پائيجاري، ڪنهن به مت پيد کان مٿي جي تعليم ذريعي هڪ پُرامن ۽ بهتر دنيا آباد ڪجي". هنن خاص طور تعليمي ادارن اندر اولمپڪ کي نصاب ۾ شامل ڪيو بين الاقوامي پائيچاري، دوستي، اولمپڪ جي قدرن جي نه صرف تعليم تي زور ڏنو پر راندين دوران ٽرئفڪ ڪنٽرول، مهمانن سان سلوڪ روز مره جي معمول جي تربيت جون مشقون پڻ شروع ڪري ڏنيون.

اتان جي ڪيترن ادارن کان علاوه وزارت تعليم پروگرامر ٺاهيا ۽ ذميواريون سنياليون. 2005ع ۾ وزارت تعليم "اولمپڪ ايڊيوڪيشن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پروگرام" ڏنو. "هڪ خواب هڪ دنيا" جي نعري هيٺ، معياري تعليم، حب الوطني، راندين جي واڌ ويجهه بين الاقواميت، اختلافي بلندي ۽ راندين جي خيرخوبيءَ سان پڇاڻيءَ لاءِ جديد ۽ قديم ذريعن ۽ روايتن کي کتب آندو. وزارت تعليم "بيجنگ 2008 اولمپڪ ايڊيوڪيشن ماڊل اسڪول" ٺاهيا. جتي، مضبوط جسم، اعليٰ ذهن ۽ سماجي ذميواري تي باقائده ڪم شروع ڪيو ويو. شاگردن کان علاوه اسڪولن کان وٺي يونيورسٽيءَ جي استادن کي اولمپڪ جي حوالي سان ٽريننگون ڏنيون ويون. پين ملڪن ۾ ٻه اولمپڪ راندیون ٿيندیو رهيون آهن، پر ان طريقي جي تيارين، تربيتن ۽ انتظامن جو رڪارڊ نه ٿو ملي. پين ملڪن ۾ تقريبا انتظام ۽ ذميواري حڪومت حوالي هوندي آهي، پر چين ۾ سرڪار سان گڏ عوام خاص طور نوجوان طبقي، تعليمي ادارن کي مڪمل طور شامل ڪري نه صرف راندين ۽ پروگرامن کي ڪاميابيءَ سان طئه ڪيو پر پنهنجي قوم جي جذبي خدمت ۽ سوچ کي وڏي تيزيءَ سان اڳتي ڪيو ۽ ظاهر آهي ان جو ڦل ۽ اجر ڪين دنيا ۾ ملي رهيو آهي. دنيا اڄ ٻه بيجنگ اولمپڪ جي انتظامن، والينٽيئرن ۽ مهمان نوازيءَ کي ساراهي ٿي.

نادیه ڪلاس ۾ ئي ٻڌايو ته منسڪ جي شاگردن سان ڏنر جو پروگرام هڪ ڏينهن اڳتي يعني صبحاڻي ٿيندو. نيپالي دوست، جيڪو روز مون کي "مساج گهر" هلڻ لاءِ چوندو هو ۽ مان روز ڪيس ٽاريندو هيس، ان کي اڄ مون ڪلاس ۾ ئي چيو ته اڄ هلنداسين. هن ڪلي چيو هوءَ نادیه ٻه هلندي؟ مون ڪلي چيومانس "بدمعاش". ڪلاس کان واندا ٿي تڙ تڪڙ ۾ هٿ منهن ڌوئي اسان هوٽل کان سڌ پنڌ تي اندر گرائونڊ ريلوي اسيشن تي آياسون، ٿوري ئي دير ۾ وڃي مارڪيٽ پهتاسون، هن کي سلڪ اسٽريٽ ۽ سلڪ مارڪيٽ ٻه چوندا آهن. هن جي بلڪل ويجهو "يونگالي" اسٽيشن آهي. چائنا ۾ روڊ مٽان پليون گهٽ ۽ روڊ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي هيڻان رستا وڌيڪ آهن. انهن جي افاديت جو اندازو مون کي اسلام آباد ۾ ٽيو. اسلام آباد ۾ (خاص طور مشرف جي دؤر ۾) رش وارن مکيہ روڊن جي مٿان ڪيترين ئي پليون ٺهيون جن تي موٽر سائيڪل جا رستا ٻه آهن، پر حرام آ جو ماڻهو پل ذريعي روڊ پار ڪن. ڪيترائي حادثا ٻه ٽيا آهن، جانيون ٻه ضايع ٽيون آهن پر تڏهن ٻه ماڻهو مڙن ئي کونہ. اصل ۾ شروعات ۾ مٽي چڙهڻ ڏکيو ٿو لڳي، پر جي روڊ هيڻان رستو هوندو تہ پهريون تہ ماڻهوءَ کي هيٺ ئي لهڻو پوندو پوءِ وري ڏاڪا چڙهڻا پوندا. چين ۾ روڊ هيڻان رستن ۾ بازارون سجايل آهن ان ڪري ٻه ماڻهو مٿان پل هوندي ٻه هيڻين رستي کي ترجيح ڏين ٿا.

سلڪ اسٽريٽ ۾ سلڪ مارڪيٽ کان علاوه ننڍا وڏا ڪيترائي مارڪيٽ، رفريشمنٽ ڪارنر، ريسٽورانٽ ۽ هوٽل وغيره آهن. اسان هت ڪيترائي دفعا آيا آهيون. هتان مون جوگر، راندڪا، موبائل ۽ ڪئميرا ورتي هئي. هت هر هڪ منزل (فلور) تي ٻن يا ٽن قسمن جي سامان جا دڪان آهن. هڪڙي پوري منزل صرف ڪپڙي جي آهي، بلڪ ان کان علاوه هيٺ بيسمنٽ ۾ ٻه ڪپڙي جا دڪان آهن. جيڪي سڀي ٻه ڏين ٿا. گهٽن دڪانن تي چوڪريون آهن. مسئلو ڏري ٻه زبان جو آهي، انگريزي هنن جي نہ اچڻ جي برابر آهي، بس ٽي يا چار جملا ..... تون پڌاءِ..... تون تہ مون کي قتل ٿو ڪرين (ايترا گهٽ پيسا پڌائي) هيٽرا يا هيترا..... ٺيڪ آ اوڪي اوڪي..... اتي گهٽي ياڳي ڪلڪيوليٽر جي انگن تي سودو طئہ ٿيندو هو. اسان کي اڳ ۾ ئي دوستن پڌايو هو تہ هي سوديبازيءَ ۾ پئاڻن کان ٻه چڙهيل آهن. ان کان علاوه انتظاميہ ٻه پڌائيندي هئي تہ ڪهڙي مارڪيٽ ۾ سوديبازي ٿيندي ڪهڙي ۾ نہ. هي مارڪيٽ سوديبازيءَ ۾ سيني کان اڳتي هو. ان ڪري جي هو هزار جي لڳ ڀڳ چوندا هيا تہ اسان سؤ چوندا هئاسون، پر هو پهريون تہ رڙ ڪري حيرت جو اظهار ڪندا، اسان هلڻ شروع ڪنداسون تہ هو وڃڻ نہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيندا قيمت هيٺ مٿي ڌڏائڻ شروع ڪندا. پيون شيون ڏيکارڻ شروع ڪندا، جنهن قيمت تي ڏيڻو هوندن، اهو تڏهن ڌڏائيندا جڏهن اسان سندن دڪان ڇڏڻ وارا هوندا سون. بهرحال هي پنهنجي پيشي جا ماهر آهن هنن کي خبر آهي ته هي ماڻهو صرف قيمت پچڻ وارا آهن، هي هيتري ۾ وڃڻ وارا آهن، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته نه وڃڻ وارن کي شيون وڪڻي ويڃن.

اچون ٿا پنهنجي ڳالهه تي، ته وڏي مارڪيٽ کي پار ڪندي هوٽلن ۽ ننڍن ننڍن مارڪيٽن جي قطار آهي، اتان ئي مون واري دوستن جو ڪر ٽيو هو. اسان اتي هڪ ٻه چڪر هنيو، پر ڪاريگر وارا ڪڪ. هو ٻه پريشان ٿيو. چوڻ لڳو ايجان روشني آهي ٽوري اونده ٿئي ته پوء هوملندا. مون کيس چيو ته مان آهيان ان ڪري ڪجهه نه ٿيندو. اهو ڪوڙ ماڻهن کوڙ دفعا آزمايو آهي، ماڻهن جا ٽهيل ڪر ٻه منهنجي هڇ ڪري ڏهي ويا. بهرحال اسان وري مارڪيٽ ۾ وقت گذارڻ لاء چڪر هنيا. ٽوري دير کان پوء وري ساڳي جاء تي چڪر هڻڻ لڳاسون. وقفي وقفي سان چپ چپ ۾ ماڻهو اسان جي ويجهو اچڻ لڳا، ڪارڊ ڏين پيا، جن تي چوڪرين جا فوٽو ٻه هيا، نمبر ٻه هيا، چيني زبان ۾ ڪجهه لکيل ٻه هيو. ڪوڪو بيهي ڳالهائي ٻه پيو ٽنڊل انگريزيءَ ۾، ڪنهن سان اڳهه تي ته ڪنهن سان وقت تي ڪونه پيا ٿهون. مون ٽئپالي دوست کي چيو ته تون جتي ويو هئين، جنهن جي تعريف ٿو ڪرين اهو ڪارڊ پاڻ سان ڇو ڪنيئه.

اسان اتي ٻه ٽي چڪر هنيا، ڪنهن ڪنهن مهل پوليس يا ان جي گاڏي اچڻ ڪري، اسان ڏنو ته اهي ماڻهو مارڪيٽ وغيره ۾ گم ٽي پيا ويڃن. اسان چڪر هڻي رهيا هياسون، ته فٽ پاٽ تي لڳل لوهي پائيپ تي ويٺل هڪ نوجوان اسان کي سڏ ڪيو هو مسلمان هيو. هو سنڌي انگريزي ڳالهائي رهيو هو. هو اتي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ استاد هو. تعارف کان پوء پچيائين اوهان ڇاٿا تلاش ڪيو. اسان کيس چيو ته "مساج گهر". هن چيو ته هي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماڻهو جيڪي اوهان سان ملن ٿا ۽ ڪارڊ ڏين ٿا اهي نالي ۾ مساج گھر آهن. باقي هو اتي جنسي اڏا هلائن ٿا ۽ چين ۾ اهو غير قانوني ڪم آهي، ان ڪري پوليس کي ڏسي اهي لڪي وڃن ٿا. اسان سندس ها ۾ ها ملائي چيو اهو ئي سبب آهي جو اسان انهن سان نه ٿا وڃون. چو ته اسان کي حقيقي مساج ڪرائڻو آهي ۽ هي اسان کي ٻه نمبر ٿا لڳن. پوء هن اسان کي هڪ ٻه سٺا مساج گھر ٻڌايا. اسان مايوس ٿي واپس ٿياسون. اسان کي اها ٻه ڳڻتي هئي ته آخري ريل الائي ڪاڻ تائين ويندي هوندي. هوٽل تي ظاهر آ ته رات جي مانيءَ جو سلسلو بند ٿي چڪو هو. مان ڪمري ۾ اچي بسڪٽ وغيره کائي سمهي پيس.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

7-جون

منسٽ جي شاگردن سان ماني

اڄ اسان کي ڪيپيٽل ميوزيم ڏيکاريو ويو. هونئن ته هتي ڪيترائي ميوزيم آهن ۽ هر ننڍي وڏي گهمڻ واريءَ جاءِ جو هڪ حصو ميوزيم هوندو هو. جيئن مان پهريون ذڪر ڪري آيو آهيان ته اولمپڪس راندين، چين جي هر شيءَ تي اثر وڌو آهي ته گهمڻ ڦرڻ وارن جاين کي خاص طور تي اولمپڪ راندين جي حوالي سان پڻ سينگاريو ويو آهي. هن ميوزيم کي ان حوالي سان خوب سينگاريو ويو آهي. هن ميوزيم ۾ رکيل شين جي ترتيب چائنا جي ثقافتي ترقيءَ جي مرحلن جي حوالي سان هئي. 2006ع ۾ هن کي جتي منتقل ڪيو ويو آهي. اها عمارت چيني ۽ فرانسيسي عمارت سازيءَ جو ڏيک ڏئي ٿي، جنهن ۾ قديم ۽ جديد ٻئي رويا ملن ٿا. اتي ڪجهه هال اهڙا هيا جتي مختلف وقتن تي مختلف شين جون نمائشون لڳنديون رهن ٿيون. ڪجهه مستقل نمائشون هيون، جتي اوائلي شيون جهڙوڪ پٿر ۽ ٻڙ جون شيون، پتل جون شيون، ڪيليگرافي، تصويرون، مورتيون، ٽانو سڪا هيا. اتان جي لکت موجب ۽ لک شيون رکيل هيون. ۽ ٽي ماڊرن ٽيڪنالاجيءَ تي مشتمل هال هيا. مختلف جڳهن تي مختلف معلومات ڏيندڙ اسڪرين، اعليٰ ٽيڪنالوجيءَ وارا ملٽي ميڊيا ۽ ڊجيٽل آرٽ ٽئٽر وغيره. پهرين منزل تي ٽهيل سؤ سالہ ميوزيم ۾ ڪوڙ ساريون گيلريون ڪوڙ ساري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ديسي ۾ پرديسي بادگارن سان ڀريون پيون هيون. اتي هڪ عمارت "پاڪ باھ" Holy fire جي نالي سان آهي، جنهن جي وچ تي قدرتي گيس سان باھ ٻريل آهي ۽ چون ٿا تہ اها هميشہ ٻرندي رهندي آهي. مون کي چين جي باري ۾ جيڪا ٿوري گھڻي معلومات آهي يا اتي مختلف جاين تي وڃڻ يا مختلف درسن ۾ جيڪا معلومات ملي ان ۾ کٽي بہ مجوسين، آتش پرستن جو ذکر ناهي تہ پوء "نہ وسامندڙ پاڪ باھ" سمجھہ ۾ نہ آئي. ها ايران ۾ مون هڪ اجڙيل آتش گاھ ڏٺو هو. چون ٿا ان ۾ هميشہ باھ ٻرندي هئي. ان کان علاوه ايران جي تاريخ ۽ شاعري بہ ٻڌائي ٿي تہ اتي باھ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي: حافظ چوي ٿو. "ايراني مون سان ان لاء پيار ڪندا آهن جو منهنجي دل نہ وسامندڙ آتش گاھ آهي".

مون چينين کان پڇيو بہ بلڪ تجسس وڌي وڃڻ ڪري اتي لڳل مختلف تختين کي پڙهيو بہ پر واء افسوس..... تشنگي برقرار رهي. اتي بہ علامتي واھ بہ روان دوان هيا. اتي سڀ کان سٺي ڳالهہ اها هئي تہ اتان جو عملو ڏاڍو فهميدو با اخلاق ۽ وسيع مطالعو ۽ معلومات رکندڙ هو.

اسان کي مانجهاندو "يوشي ويسٽ ريسٽورنٽ" ۾ ڪرايو ويو. هي ڪشادو ريسٽورنٽ هو نہ تہ اتي اڪثر تنگ ريسٽورنٽ هيا. مطلب تہ جي ريسٽورنٽ وڏا ۽ ويڪرا بہ هيا تہ ڳٽيل هيا ۽ ٽيبل تائين پهچڻ ۾ وڏي احتياط کان ڪم وٺڻو ٿي پيو. ريسٽورنٽ ۾ ٻڌايو ويو تہ "ڊرنڪ" شراب پيسن سان ملندو. جن کي پيٽڻو هو انهن پيسا ڏئي پيتو. جنهن بہ شراب گهرايو انتظاميہ سهڻي نموني انهن کي ٻڌايو تہ هن جا اوهان کي پاڻ پيسا ڏيڻا پوندا.

مون کي پنهنجي دوست صابر لانگاھ سان نان اسٽاپ ريل ۾ ڪيل راولپنڊي کان لاهور جو سفر ياد اچي ويو. اسان ان دوڙ ۾ مهيني ۾ بہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دفعا يا گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو لاهور ضرور ويندا هياسون. ان وقت پنڌي ـ لاهور صبح ۾ شام ۾ تيز گاڏيون هلنديون هيون. هڪ جو نالو هيو "نان اسٽاپ" جنهن جو رستي ۾ ڪوبہ اسٽاپ نہ هوندو هو ۽ ٻئي هوندي هئي "ريل ڪار" جيڪا هڪ ٻن هنڌن تي بيهندي هئي. اسان جمعي جي شام يا چنڇر جي صبح جو لاهور ۽ چنڇر جي شام يا آچر جي صبح جو فيصل آباد ويندا هئاسون. لاهور جو مارڪيٽ آچر تي بند ۽ فيصل آباد جو جمعي تي بند هوندو هو. لاهور ۾ اسان يا هوٽل ۾ يا وري منهنجي ڪوئٽا جي دوست سيد خان ڪي "وفاقي ڪالوني" ۾ مليل سرڪاري فليٽ جنهن جون چاپيون اسان وٽ هونديون هيون ۾ رهندا هئاسون. جيئن تہ لاهور ۾ اسان جو ڪم ريلوي اسٽيشن لڳ مارڪيٽن ۾ هوندو هو سو اسان طئ ڪيو تہ يا تہ جمعي جي شام يا چنڇر جي صبح جو نان اسٽاپ ۾ وڃبو. نان اسٽاپ جو پاڻو ٿورو وڌيڪ هو. هڪ تہ هيءَ ايئرڪنڈيشنڈ، ٻيو تہ هن ۾ چانهن بسڪوٽ ٽڪيٽ ۾ شامل هوندا هيا. پهريون دفعو جڏهن اسان هن ۾ چڙهياسين تہ ٿوري دير کان پوءِ ريل جو هڪ ملازم ٽري کاهيندو آيو ان سان گڏ ٻہ چوڪريون هيون، هنن پهريون اسان کي ۽ ٻين مسافرن کي ٽشو ڏنا ۽ پوءِ سر ڇڻي پليٽون ڏنيون، جن ۾ ڪڙ جا فرائي ٽڪرا، سينڈوچ، ٽماٽو ڪيچ اپ وغيره هيا. اسان شوق سان وڻي نوش فرمايا جڏهن تہ ڪي مسافر اهڙا ٻہ هيا، جن اهي نہ ورتا انهن کي اسان بي وقوف سمجهڻ ضروري سمجهيو. اسان اجان ريل انتظاميہ جي تعريف ڪندي ٽڪيا ئي ڪونہ هياسون تہ يونيفارم پاتل هڪ چوڪري آئي ۽ پهرين کان ٻہ وڌيڪ نرم لهجي، وڏي اخلاق ۽ پياري انداز ۾ چيو سر "بل" اسان پڇيو ڇا جو؟ جيڪو اسان کاڌو هيو! هڪ هڪ پليٽ جا لڳ ڀڳ ٽي سؤ رپيا..... تڪرار ٻہ ڏاڍو ٿيو..... تہ اوهان کي پهريون ٻڌائڻو هيو..... هو چون اوهان پڇيو ئي نہ..... اسان تہ جان ڇڏائڻ لاءِ کين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گھٽ وڌ ڳالهائي ۽ شڪايت جون ڏمڪيون ڏئي ڪين پيسا ڏنا. پر تماشو سڄو وقت هلندو رهيو. هڪ گروه شايد شادي وغيره جو هو جن مفت جو مال سمجهي ڏاڍو ڪاڏو ۽ هاريو ۽ هڪ هڪ پار لاءِ پليٽ پئي ورتائون انهن جو پل تہ هزارن ۾ هو..... اسان تہ لاهور ۾ لهي اڳتي روانا ٿياسون انهن جو الائي ڇا ٿيو. پوءِ خبر پئي تہ اهي جهيڙا انهن گاڏين ۾ روز ٿيندا آهن. ان کان پوءِ اسان جڏهن ۽ ان ريل ۾ ويندا هئاسون تہ اسان ۽ نہ ڪائڙ وارن ۾ شامل هوندا هئاسين جن کي پهريون دفعو اسان بي وقوف سمجهيو هو..... اسان کي ۽ ضرور بي وقوف سمجهندا هوندا پر ڪين خبر پئجي ويندي هوندن ۽ پئي دفعي ظاهر آ اسان واري صف ۾ هوندا. ان کان پوءِ تہ ملندڙ چانهن بسڪوٽن جن جا پيسا ٽڪيٽ ۾ شامل هوندا هيا، ان لاءِ ۽ اسان ۽ ۽ دفعا ڪائن پچندا هئاسين تہ "بل" تہ نہ ونندا. پاڪستان ۾ اهڙيون اسان سان ڪيئي واردااتون ٿيون.

نادر مون کي ريسٽورنٽ ۾ ئي اشارن اشارن ۾ سمجهايو تہ اڄ سنڌ س شهر جي شاگردن سان شام جو ملبو. مانجهاندي کان پوءِ اسان جي منزل هئي " ڇائنا جي قوميت جو ميوزيم" ۽ بيجنگ ۾ ٿيندڙ اولمپڪ راندين جو هنڌ. جيئن تہ اولمپڪ راندين جون تياريون زور شور سان شروع هيون. اسان "بيجنگ انٽرنيشنل اسٽيڊيم" جيڪو راندين جو مرڪز هو، ان ۾ اندر نہ وڃي سگهياسون پر اسان کي پل جي مٿان بيهاري اهو ڊيڪاريو ويو ۽ ڪجهہ تفصيل ٻڌايا ويا. هي جيئن تہ پري کان پڪين جو آڪيرولڳي رهيو هو. ان ڪري هن کي "پڪين جو آڪيرو" پڻ چيو ويندو آهي. هن جي اڏاوت تہ 2003ع ۾ شروع ڪئي وئي هئي، پر پوءِ وقتن بوقتن هن ۾ تبديليون ۽ اضافا پڻ ٿيندا رهيا. هي هڪ لک چوراسي ميلن تي ڦهليل آهي ۽ هن تي لکين ڪروڙين نہ پر اربين رپيا خرچ ٿيل آهن. جيئن تہ ڇائنا ۾ ۽ زلزلا ايندا رهيا آهن. ان ڪري هن جي هر عمارت کي زلزلن کان متاثر نہ ٿيڻ واري انداز ۾ ٺاهيو ويو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻارهين مئي ۾ هزار اٺ تي "سيشان" صوبي ۾ زلزلو آيو هو. جنهن ۾ ستر هزار ماڻهو موت جو شڪار ۽ هزارين ماڻهو زخمي ٿيا. هن زلزلي جا جهٽڪا بيجنگ ۾ به محسوس ڪيا ويا هيا. تمام وڏو نقصان ٿيو هو پر هنن بهتر طريقي سان ان مصيبت کي منهن ڏنو. بيجنگ ۾ به امدادي ڪئمپون لڳل هيون، اسان کي به هڪڙي ڪئمپ ۾ ضرور وڃي ويا، جتي هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي وس آهر چندو ڏنو ۽ رسيد ورتي، صرف الائي ڇو رسيد نه ورتي. هنن منهنجا ويچار به رڪارڊ ڪيا. چين ۾ انهن راندين جون تيارين ڪيئي سالن کان جاري هيون. جيئن مان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان، پيو ته ٿهيو پر هنن پنهنجي تعليم ۽ نصاب ۾ به ان کي شامل ڪيو هو. بيجنگ ۾ نيشنل اسٽيڊيم کان علاوه به ڪيترائي هنڌ هيا، جتي مختلف مقابلا رٿيل هيا ۽ بيجنگ کان ٻاهر به ڪجهه مقابلا رٿيل هيا. تمام وڏن شهرن جي ايئرپورٽ ۽ ريلوي اسٽيشن تي اضافي روٽ ۽ ٽرمينل ٺاهيا ويا هيا. مطلب ته نه صرف راندين کي شاندار طريقي سان نياهڻ جا انتظام ڪيا ويا هيا، پر هر لحاظ کان ڪوشش ۽ انتظام ڪيا ويا هيا، ته غير مقامي ۽ مقامي ماڻهن کي هر قسم جي سهولت،ڏني وڃي ۽ انهن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف کان بچايو وڃي.

ان کان پوء اسان "چائنا ايٽنڪ ميوزم" جنهن کي "چائنيز ايٽنڪ ڪلچرل پارڪ" به چون ٿيا، ويا سون. هي وڏي روڊ جي ٻنهي پاسن پکڙيل هو ۽ روڊ جي مٿان هڪ پل هئي جنهن جو نالو به "ايٽنڪ پل" هو. اها ٻنهي پاسن کي ملائي ٿئي. چائنا جي اڪثر آبادي "هُن" نسل جي آهي. (90-95 سيڪڙو) پر اتي ڪيترائي نسل آباد آهن (اتان جي معلومات مطابق چاونجاه اقليتون آهن) پر هت سيني کي هڪ جيتري اهميت ۽ موقعا ڏنا وڃن ٿا. هن وسيع ۽ عريض باغ ۾ چائنا ۾ وسندڙ مڙني اقليتن، نسلن ۽ گروهن جا ميلا لڳندا رهندا آهن. ڏاڍ ملهايا ويندا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن ۾ اقليتون مقامي ۽ غير مقامي ماڻهن کي دعوتون ڏيندو آهن. اتي ويندڙ سياحن کي هر گروه پنهنجي پنهنجي ثقافت ۽ ورثي جي معلومات ڏيندو آهي. چائنا ۾ وسندڙ اقليتون هن باغ کي پنهنجو گهر ۽ اوطاق سمجهندا آهن. سون ايڪڙن تي مشتمل هن باغ ۾ 40/50 نسلي ڳوٺ ۽ ٻه سؤ جي لڳ ڀڳ مختلف نسلن جي نمائندگي ڪندڙ عمارتون آهن. ڪجهه ڦٽل قلعي نما عمارتون ٻه آهن. حسب عادت مان وري ٻه وڳر کان الڳ ٿي ويس، جڏهن ته ايئن نه ڪرڻ گهرجي. بهتري ان ۾ ئي آهي ته گروه يا گهٽ ۾ گهٽ ٻن ٽن ساٿين سان گڏ هجڻ گهرجي. ٽيندو اهو هو ته يا ته مان هر شئ ڪي سڀي نموني جاچيندو هيس يا عمارت يا پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تائين ويندو هيس، واپس مڙندو هيس ته باقي اتان وجي چڪا هوندا هيا. سو هتي ٻه ايئن ئي ٽيون ڀر اهو هو ته جي مان ڪٿي وڃان پيو ته اسان جي ئي گروه مان ڪي واپس ورن پيا ۽ ڪٿي آءُ واپس ٽيان پيو ته هو اچن پيا. بهرحال مان هڪڙي ڪنڊر تي چڙهي ڏٺو ته نادر اوسي پاسي نظر آئي، جيڪا مختلف ماڻهن سان فوٽو ڪيرائي رهي هئي، مون کي اها ڳالهه نه وٽي، جڏهن ته اتي اسان کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي هئي، ته دنيا ۾ ڪنهن سان ٻه فوٽو ڪيرائڻ کي هڪ سڀي يادگار کان علاوه ڪا اهميت نه هئي. بهرحال مان مختلف شيون ڏسندو پل تان ٽيندو باغ جي ڏاڪڻي پاسي ڏي ويس. اتي ڪيترائي تلاوَ هيا، ناچ گانا هيا، پيار ڪندڙ جوڙا هيا. پل تي ٻه ڪيئي نمائشي ڪمرا هيا، دڪان هيا جتان يادگار (سووينر) وغيره خريد ڪري سگهجن پيا. اتي مختلف گروه پنهجي پنهنجي ثقافت جا ڪرتب ڏيکاري رهيا هيا ۽ جهمريون هڻي رهيا هيا. مان سيني مان چس وٺندو اڳتي وڌندو رهيس. پل کان لهي هڪڙي تلاوَ جي مٿان ڪاٺ جي بئنچ تي ويهي رهيس. نئين قسم جي ڪانون کان علاوه ڪيترائي پڪي بي خوف ٽينگ ٽپا ڏئي رهيا هيا. اڃا ڪوڙ پاسا گهمڻ کان رهيل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هيا، پر مان ٽڪجي پيو هيس ۽ واپسيءَ جو وقت به ويجهو هو.

اسان جيئن ئي هوٽل پهتاسون، ته هيٽ لائونج ۾ ئي نادیہ اشارن ۾ ياد ڪرائيندي چيو ته جلدي تيار ٿي اچو. مان ڪوئي ڏهن ٻارهن منٽن ۾ رڳو هٿ منهن ڏوئي، بوٽ صاف ڪري، ٽڪ ڪي ڀڃائڻ جي ڪوشش ۾ ٿوري دير ليٽي، هيٽ لهي آيم. ٿوري دير ۾ نادیہ، ريما بمع هيلري به لائونج ۾ پهتا. اسان ٽيڪسي ڪري هڪ هوٽل تي پهتاسون، جتي اهي شاگرد اسان جو انتظار ڪري رهيا هيا. هر هڪ جي لاءِ الڳ الڳ ڊش جو آرڊر ڏنو ويو هو. انهن شاگردن سيني کان پيسا وٺي بل ڏنو پوءِ فوٽو سيشن ٿيو ۽ ڪليل روڊ تي اسان مست چال هلندا هنن کان جدا ٿياسون. مان سڄو وقت "هر ڪو پنهنجا پيسا پاڻ ڏئي" واري ريت جي خوبين ۽ خامين تي سوچيندو رهيس ۽ پنهنجي روايتن سان چٽا ڀيٽي ڪندو رهيس.

مون دنيا جي اندر ملهايا ويندڙ ڏٺن تي به غور ڪيو ته انهن ميلن ۽ ڏٺن جي پويان نہ صرف خوشين ملهائڻ ۽ تفريح جا بهانا آهن، پر انسان جي بي وسيءَ کي غيبي طاقت سان وس ۾ ڪرڻ ۽ آفتن کي ٽارڻ جو عمل به شامل آهي.

اسان هوٽل تي موٽي آياسون. مون نادیہ کي اهو پئي سمجهايو ته تون منهنجي ڪمري ۾ اچ پرهڙ الائي ڇو يا ته ريما کان ڀڄي پئي يا ڪنهن ٻئي خيال کان مون کي اهو سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ته مان هن جي ڪمري ۾ اچان. بهرحال مان تازو توانو ٿي رات جي ڊريس ۾ هوٽل پاران ڏنل ڪپڙي جي چپل ۾ نادیہ جي ڪمري ۾ آيس جتي ريما ۽ هيلري به ويٺا هيا، هو قهوو نوش فرمائي رهيا هيا. نادیہ مون کي به قهوو ڏنو. ٿوري دير هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ جڏهن مون اٺڻ جو سوچيو ته ريما ۽ هيلري اجازت وٺي اٿي ويا. مان سڪ جو ساهه کڻي آرام ده ڪرسي تي ٽنگون ٽيڙي ٽڪ ڀيڻ لڳس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نادیہ پنھنجا البم ڈیکاریا، ڪجھ لفظن ۾ ڪجھ اشارن ۾ پنھنجي باري ۾ ٻڌايوا اسان تيز روشنيون بند ڪري هلڪي روشنيءَ سان ڪمري کي رومانٽڪ ڪيوسي. نادیہ کائڻ پيئڻ جون ڪوڙ شيون جن ۾ روسي ۽ شامل هيون، ٽيبل تي رکيون اسان کائيندا ۽ رهياسون، ڪڇهري ۽ ڪندا رهياسون. ايئن رات جو ٻي يا ٽين وڳي مان هن کان موڪلائي پنھنجي ڪمري ۾ آيس. رستي ۾ مون ڏٺو تہ اسان جا ميزبان ڪم ۾ مشغول هيا، هنن جو دروازو گھٽو ڪري پورو يا اڌ کليل هوندو هو.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

8-جون

جنگشان پارڪ

ناشتي کان پوءِ اسان بسن ۾ "جنگشان پارڪ" وياسون. هي پهريون واري گهميل جاين، "وساريل شهر" (فاربڊن سٽي) بيل ٽاور وغيره جي پڪ سان هو. تمام وڏي ايراضيءَ تي پکڙيل هن پارڪ ۾ مختلف ثقافتي سرگرميون جاري هيون، ڪيئي مارشل آرٽس جون مشقون ٻه هلي رهيون هيون. اسان واري ڏونڪي راند ٻه اتي نظر آئي. هتي ٻه هڪ ميوزيم هو. هتي پنج پهاڙي چوٽيون آهن، جن جي چوٽين تي مختلف سرگرميون جاري هيون. انهن پنجن چوٽين جا نالا ٻه هيا جيڪي هينئر مون کي ياد نه آهن. هتي ڪيتريون مٽي، پٿر ۽ ٽامي جون جڙيل "ٻڌ" جون مورتيون هيون. حسب معمول هتي ٻه ساوڪ ئي ساوڪ هئي، سوين بلڪ هزارين قسمن جا گل، ٻوٽا ۽ وڻ ترتيب سان لڳل هيا. جيڏاهن نظر ڪر تہ دل بهار بهار ۽ ٽڪ ڪافور ٿي وڃي پيو. ظاهر آهي هي پارڪ ٻه پورو ڏسي نہ سگهياسون اڄ اسان کي "ميڪڊونالڊ" ۾ مانجهاندو ڪرايو ويو. ان کان پوءِ هو اسان کي "وال مارٽ" ڪيترن ئي وڏن مارڪيٽن مان هڪ ۾ وٺي ويا (تہ جيئن ڪلهہ مليل چيني پيسا اسان اتي ئي کپايون). مان اتان هڪ مساج. مڇيءَ جي شڪل وارو ورتو. جيستائين ياد ٿو اچي تہ هڪ هزار پاڪستاني رپين ۾ مليو. منهنجي نيپالي دوست ٻه ورتو. مان اتي چين جي جڙي ٻوٽين کي ڳولهيو. جڙي جن کي هربل ٿو چئجي. ان جي ڳولهڻ جو سبب اهو هو تہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هتي پاڪستان ۾ هڪ عرصي کان "ٽائينس" ڪمپني نيٽ ورڪ مارڪيٽنگ تحت ڪم ٿي ڪري، ان ڪيتريون ئي چيني هربل سپليمنٽ متعارف ڪرايون هيون، پر مزي جي ڳالهه ته نه اهي چائنا ۾ ڪنهن مارڪيٽ ۾ هيون نه ٽائنز جي آفيس ڪٿي نظر آئي. ٽائنس چار ارب ڊالرن جي خرچ سان "ٽينجنگ" علائقي ۾ بزنس پارڪ ٺاهيو آهي جتي نه صرف ان جي فيڪٽري آهي پر سيون اسٽار هوٽل به آهن ۽ اهو دنيا جو هڪ عظيم منصوبو شمار ٿو ٿئي. اهو بيجنگ جي ويجهو آهي. مون چيني دوستن جي (ميزبان) جي مدد سان چيني زبان ۾ ٽائنس جي انتظاميه کي اي ميل ڪيون ته مان ٽينجن گهمڻ چاهيان ٿو پر ڪو به جواب نه آيو. ڇهين بجي تائين اسان هوٽل تي موٽي آياسين. رات جي مانيءَ کان پوءِ مان ۽ ناديه دير تائين فٽ پاٿ تي هلندا هلندا پري تائين نڪري وياسون. واپسيءَ تي ناديه به اشارن سان چيو ته دڪان تان کيس ڪجهه وٺڻو آهي. اهو دڪان اسان جي هوٽل جي بلڪل سامهون هو. پر اهو روڊ ٽپندي خاص طور تي مان پريشان ٿي ويندو هيس ڇو ته اتي گاڏيون سڄي هٿ تي هلن ۽ مان عادتن کٻي پاسي کان پاڻ کي خبردار رکندو هيس. جڏهن ته ان پاسي ڏانهن نه پر سڄي پاسي ڏانهن خطرو هوندو هو. بهرحال هن دڪان تان کائڻ پيئڻ ۽ ڪجهه لوشن وغيره ورتا ۽ مان هن جي صلاح سان ريڊ وائن ورتو جيڪو اتي ڏاڍو سستو هو. واپس اسان ناديه جي ڪمري ۾ ويٺاسون. اتي ٿوري دير ۾ ريما پنهنجي دوست سان گڏ آئي، ٿوري ڪچهريءَ کان پوءِ هو هليا ويا. ريما چئي رهي هئي ته ناديه مون کي ڏاڍو ياد رکي ٿي ۽ چوي ٿي ته مون سان رابطي رکڻ لاءِ انگريزي سکندي. اسان اڄ به ڳالهين ۾ ذري گهٽ صبح ڪري ڇڏيو ۽ ٽريننگ پراجيڪٽ جي پڄاڻي ٿيڻ تي احساسن ئي احساسن ۾ ڏک جو اظهار ڪيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

9-جون

چين ۾ پٽائي

جيئن جيئن ٽريننگ جي پڇاڙي ويجهي ٿيندي پئي وڃي، سيني تي اداسي وڌندي پئي وڃي. اسان کلھ ئي، اھو طئ ڪيو ھو تہ چندو ڪري، پنھنجي مھمانن کي تحفو ڏيندا سون. ان لاءِ ڪاميٽي جوڙي وئي ۽ ڪلاس مانيٽر کي ان جي چڱي ٻڌائي (ھيڊ) ڪيوسي. سيني کي روڪيوسي تہ ان جو ذڪر ڪنھن سان نہ ڪن، ڇو تہ اسان ھنن کي سرپرائيز ڏيڻ پئي چاھيو. گھٽي بحث کان پوءِ طئ ٿيو تہ ھڪ ھڪ جي لاءِ شيلڊ ۽ ڪيس ڪم ايندڙ ڪا سوڪڙي، جھڙوڪ گھڙيال يا ٽرماس وغيرہ پڻ ڏجي. پوءِ مون مانيٽر کان علاوہ باقي ڪاميٽيءَ کي راضي ڪيو تہ ھو مانيٽر لاءِ بہ ھڪ شيلڊ ضرور ونڻ. مانيٽر افريڪا جي ٽلھي متاري پرزندہ دل مائي ھئي.

اڄ پھريون ڪلاس 9-11 چائنا اندر ووڪيشنل تعليم ۽ پين ملڪن سان لاڳاپن ۽ سھڪار تي ھو. سچي ڳالھ اھا آھي تہ اسان (شاگرد ئي سمجھو) جي ڪلاس ۾ دلچسپي ختم ٿي چڪي ھئي ۽ ميزبان ڪم کي سھيڙي رھيا ھيا. ظاھر آھي ھنن کي ڪيترو ئي ڪم اڪلائڻو ھيو. ھنن کي ھر ھڪ لاءِ سي ڊي، البم، سووينر، سرٽيفڪيٽ وغيرہ تيار ڪرڻو ھو، پر پوءِ بہ ڪلاس جو وقت پوري جو پورو ورتائون.

مان عامر کي چيو تہ اچڪلھ پاڪستانين لاءِ بئنڪاڪ ايئرپورٽ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڻي وڻڻ ويس. رستي تي مون سوچيو ته مون هن ڳي اڪيلو ڪمري تي ڇڏي غلطي ڪئي آهي، چو ته مختلف سفرنامن ۾ هوٽلن جون واضح هدايتون ٻڌايل هونديون آهن، ته ڪنهن تي به اعتبار نه ڪيو. پنهنجون قيمتي شيون سنياليو رکو. اجنبيءَ کان ڪا به شيءَ مفت ۾ وٺي نه کائو. مون جلدي جلدي هوٽل تي موٽي اچي جائزو ورتو. مون ڪي ته هر شيءَ ٺيڪ لڳي. ٻئي ڳالهه ته دوست ٻڌايو هو ته انهن چوڪرين وٽ هڪڙو ڪارڊ هوندو آهي اهو وٺي يا پاڻ وٽ رکبو آهي، يا هوٽل وارن ڪي ڏيو آهي ۽ جڏهن اهي واپس ويندیون آهن، ته هوٽل وارا ڪمري وارن کان پڇندا آهن، پر نه ته منهنجي هوٽل وارن ايئن ڪيو ۽ نه مان. مان جڏهن پاڻي وٺي ڪمري ۾ آيس ته هن مون کي ڏاڍي معصوميت سان چيو ته اوهان منهنجي مدد ڪندا. مون چيو ڪهڙي؟ هن چيو اوهان مون کي هزار بات ڏيو. مون هن کي چيو ته تون ته پنهنجي مرضيءَ سان آئي آهين ته هن مهل ڪاڏي وڃان ۽ ڪلاڪ هوٽل تي ڪٽڻ ٽي چاهيان، مون ته تو کي نه آندو آهي. هن چيو بلڪل صحيح آهي، مان جڏهن گهر ويندیس ته هو مون کان اڄ جي ڪمائي گهرندا ۽ منهنجا امتحان به آهن، مون کي فيس به ڏيڻي آهي. تون سٺو ماڻهو ٿو لڳين منهنجي مدد ڪر. بهرحال هوءَ مون کان پنج سؤ بات وڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. ٿوري دير کان پوءِ مون کي سخت ننڊ اچڻ لڳي. هن چيو مان وڃان ٿي، وري ڪمري ۾ ڦرڻ لڳي در کولي ٻاهر وئي، وري موٽي، پڇيائين مان وڃان، ڇڻ منهنجي اجازت جي ڪيس ضرورت هئي، مون ڪيس اشارو به ڪيو ۽ چيو به ته ٺيڪ آهي، تون وڃ. هن جي وڃڻ کان پوءِ در بند ڪري سمهي پيس. صبح جو اٿي تيار ٿي، جڏهن سامان سهيڙيم ته خبر پئي ته ماتي هٿ هٽي وئي، هوءَ منهنجي اها ڪئميرا کڻي وئي هئي، جيڪا مون بيجنگ مان ورتي هئي. ان ۾ سفر جا ڪيترائي وڊيو ۽ فوٽو هيا. آهستي آهستي مون کي ڳالهيون ياد پوندیون ويون، ته هن پنهنجو پرس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪمري جي وچ تي پيل اسٽول تي رکيو هو، ڇو ته اهو نه صرف پلنگ وٽان پر باٿ روم مٿن به، چٽو نظر اچي رهيو هو. ظاهر آهي هن جو وڻ وڻ جي ڪاٺيءَ سان واسطو پيو هوندو ۽ ممڪن آهي ڪنهن شاهينگ هن جي سامان پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي. ٻيو ته هؤ جيڪا مون کان اجازت گهري اهو ڏسڻ پئي چاهي ته ڪٿي مان پنهنجو سامان ته نه ٿو سنڀاريان..... هن جي تلاشي ته نه ٿو وٺان..... هوٽل وارن کي هن جي ڪارڊ نمبر يا تلاشيءَ لاءِ ته نه ٿو چوان! مون کي افسوس ته ڏاڍو ٿيو پر هاڻي ڇا پيو ٿي سگهي. پوءِ به مان ساحل ۽ راتوڪي آباد ٿيل ۽ هاڻي ويران هوٽل تي ڪيترو ئي وقت ظايع ڪيو ته شايد هؤ ملي وڃي پر اهڙيون ڪرامتون روز روز ڪٿي.

مايوس ٿي مون بئنڪاڪ موٽڻ جي ڪئي. مان واپس ان ئي اڏي جي ويگن ۾ وڃڻ چاهيان پيو، ڇو ته اتان اهو دفتر جنهن مون کان پتايا اچڻ جو ڀاڙو (پنج سؤ باٿ جڏهن ته ويگن جو ڪرايو ڏيڍ سؤ باٿ هيو) ورتو هو. هڪ موٽر سائيڪل واري سان ڀاڙو طئه ڪري مون هن کي ٻڌايو. هن پڪ ڏياري ته هن کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي آهي. هن جو خيال هو ته هو مون کي ڪنهن ويجهي اڏي تي لاهي هليو ويندو. پر مان کوڙ ڌڪ کائي، گهڻو ڪجهه پرائي چڪو هيس. هو جنهن به اڏي تي مون کي وٺي ويو، مان پهرين ويگن واري کان پڇيو، ته ڇا هو مون کي فلاڻي جڳهه تي لاهيندو. ٻن ٽن نهه ڪئي. مون موٽر سائيڪل واري کي چيو ته مان کيس هڪ باٿ به نه ڏيندس، جيستائين مون کي ان ويگن تي نه ويهاريندو جيڪا مون کي منهنجي ٻڌايل اڏي تي نه وٺي ويندي. هو بدتميزي به ڪرڻ لڳو. چوڻ لڳو مان تو کي پتايا بيچ تان کنيو آهي جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ڪلوميٽر پري آهي. مون کيس چيو ڀلي مون کي واپس اتي کڻي هل، پر مان پيسا ڪونه ڏيندوسانءَ. پوءِ هو ٻين ماڻهن ۽ ويگن وارن کان پڇڻ لڳو. مون کي هڪ ڪپڙي جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دڪان تي وڃي. جيڪو لاهور يا سيالڪوٽ جو هو ۽ گهٽي عرصي ڪان هتي آباد هو. هن پڇيو. مسئلو ڇا آهي؟ مون ڪيس ٻڌايو. هن جڏهن ٻڌايس ته هن مون کي پتايا بيچ تان ڪنيو آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ويهه منٽ مختلف اڈن تي گهمائيندو رهيو آهي. دڪان وارو ڪاڻ لڳو ۽ جيڪو موٽر بائيڪ واري کي چيائين. اهو مون سمجهيو ته جي تو کي خبر نه هئي ته هن کي چو ڪنيءُ ۽ جنهن ويگن تي مان وڃڻ ٿو چاهيان ان جو اڈو ته اتي ئي ساحل تي آهي. جتان هن مون کي ڪنيو هو. پوءِ مون کي به هن سمجهايو ته مان به ڪلي ويئس. همراهه مون کي واپس ڪٽي آيو ۽ واقعي ئي ساحل واري روڊ ڪان لنڪ روڊ تي انهن ويگنن جو اڈو هو جيڪا ويگن تيار هئي هن ان کان پڇيو موٽن به پڪ ڪئي ۽ ڏيڍ سؤ بات ڏئي هٽ سان لکيل ٽڪيٽ ورتي. بائيڪ وارو وري، وڏيڪ پيسن جو مطالبو ڪرڻ لڳو. مون ڪيس ٽپ جواب ڏنو ته غلطي تنهنجي آهي نقصان تون ئي برداشت ڪر. هو بڙبڙ ڪندو موٽيو ته مون الائي ڇا سوچي ڪيس سڏ ڪيو. هيلو هيلو..... هو مڙي آيو مون ڪيسي ۾ پيل ويهه ٽيهه بات ڪيس ڏنا، پر هن جي منهن مون گهنج نه لٽا.

مان بٽنڪاڪ اڈي تي پهچي، رستي جي پڪ ڪري ان دفتر تي پهتس. هتي هر دفتر ڪيئي ڪم سرانجام ڏيندو آهي. جنهن همراهه پيسا ورتا هيا، مون هن کي چيو اصل پاڙو ڏيڍ سؤ بات آهي تو مون کان پنج سؤ بات ورتا آهن، پيڙ ٽيڙ کان به مٿي، مان فارن آفيس ۾ پوليس کي شڪايت ڪيان ٿو. هن ٻئي ڪمري ۾ ويڻل همراهه ڏانهن اشارو ڪيو ته ان سان ڳالهاء. مون هن سان ڳالهايو هن چيو اضافي پيسا هن دفتر جي فيس آهي. مان هن سان ڏند چڪ ڏنا، پر هن چيو مان ڪجهه نه ٿو ڪري سگهان. مان هنن کي چيو مان پوليس ۾ رپورٽ ٿو ڪيان. مان هنن جي دفتر جي ٻاهران ئي ويهي رهيس ۽ ايندڙ ويندڙ کي ٻڌائيندو رهيس، ته هي فراڊي آهن. پوءِ جنهن ٽڪيٽ ڏني هئي، اهو آيو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چيائين، تہ توکي ٻہ سؤ باٿ موٽايون ٿا. اهڙي موقعي تي مون کي الائي ڇا ٿي ويندو آهي جو پنهنجو ئي نقصان ڪري ويهندو آهيان. مون کيس چيو تہ هاڻي پنج سؤ بہ ڏيندين تہ بہ واپس نہ وٺندس ۽ پوليس کي ضرور شڪايت ڪندس ۽ ان وقت اهو پڪو ارادو بہ هيو. پوءِ هوٽل تي اچي سوچيم تہ شڪايت درج ڪرائڻ کان پوءِ جي قانوني پيچيدگيون ٿي پون، مون کي جيڪڏهن روڪي وجهن، تہ وٺڻ جا ڏيڻا پئجي ويندا، هوٽل جا ڪرايا، ٽڪيٽ رد وغيره وغيره. ڪڏهن ڪڏهن فيصلا حالتن ۽ مجبورين جي حدن اندر ئي ڪيا ويندا آهن.

مون کي اڄ بہ چٽيءَ طرح ياد آهي تہ شڪارپور ۾ اسان جي جڳهہ سان گڏ جڳهہ، جڏهن مالڪن وڪڻڻ پئي چاهي تہ هنن پهريون اسان کان پڇيو. بابي سائينءَ مون کان پڇيو. مان کيس چيو ڪهڙي ضرورت آهي اسان جي ضرورتن لاءِ پنهنجي جڳهہ ڪافي آهي. اها جڳهہ ملي رهي هئي صرف ارڙهن سون ۾. پوءِ جن اها جاءِ ورتي، انهن ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ چيو تہ اسان هنن جي ڀت استعمال ڪئي آهي يا ان تان ڪمرن جي ڇت وغيره هٽايو يا ڀت جا پيسا ڏيو اسان مجبورن پنڌرهن سؤ ڏئي، ڀت ۾ برابر جا شريڪ ٿياسون. اڳتي هلي اها جڳهہ چاليهن لکن ۾ وڪامي،

هوٽل تي پهچي ٿوري دير ننڊ ڪيم. پوءِ تيار ٿي انڊين مسلم هوٽل تان ماني وٺي آيس، ڪجهہ کاڌم، ڪجهہ رات جي لاءِ رکيم. مون ماني وٺندي، انهن کان ويڪ اينڊ مارڪيٽ ڏانهن ويندڙ سوارين جو پڇيو. مان بس ۾ چڙهي ويڪ اينڊ مارڪيٽ ويس. هڪ وڏي ميدان ۾ (جنهن جي ٻاهران گرل لڳل هئي) اها بازار لڳل هئي. اتي مختلف شين جون ڪيتريون ئي بازارون لڳل هيون، جن ۾ نوان ۽ پراڻا ڪپڙا، گل ٻوٽا، سائيڪلون، جوتا، ٿيلها ۽ پيٽيون، ڪتاب، کائڻ پيئڻ جا دڪان وغيره هيا. مون خوب چڪر هنيا، انناس (پائن ايپل) جام

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاڏم. ٽورو گھٽو سامان بہ ورتم. رڪشو ڪري، هوٽل تي موٽي آيس. ٽورو ليٽي، پوء سامان پيڪ ڪيم. اڄ مان ٽورو خوش هيس ڇو تہ صبحاڻي پاڪستان واپسي هئي. رات جي ماني ڪائي، هوٽل مان نڪري ڪهي هٽ تي فوٽ پاٽ تي هلندو رهيس. هلندي هلندي رونق واري هنڌ پهتس. سڄي هٽ تي روڊ جي هن طرف پتايا جهڙو ماحول نظر آيو. روشنيون هيون، ميوزڪ هئي، ماڻهن کي دعوت ڏيندڙ همراه هيا. مان پل ذريعي اوڏانهن ويس. بہ ٽي نائيٽ ڪلب ٽائيپ جايون ٽوري ٽوري دير لاء ڏٺم. پوء ان پاسي کان روڊ تي واپس هلڻ لڳس. هلندي هلندي ڪهي هٽ تي وري ڪجهہ رونق نظر آئي، پر اتي ايترو هنگامو نہ هو. مون پهرين ڇڪجهہ ۾ اندر وڃي ڏٺو تہ اها صرف مردن جي ڪلب هئي. اسڪرين تي فلم هلي رهي هئي. هنن مون کي سڀي نموني خوش آمديد چيو. ويهڻ جي دعوت ڏني. ٽڪيٽ وغيره لاء بہ نہ چيو. ڪجهہ همراهن چينيءَ ۾ سلام ڪيو. مان سمجهي ويس تہ ان ڪري جو منهنجي ٽي شرٽ جيڪا چين ۾ ملي هئي ان تي پويان چينيءَ ۾ لکيل هو. اتي بہ مون اهي سڀ ڪلبون ڏٺيون جيڪي پنڌرهن ڪان ويهہ ڪن هنيون. هر ڪلب ۾ هنن ڪليءَ دل سان آڏر پاءُ ڪيو ۽ پيئڻ جي دعوت بہ ڏني. هڪ بن پچيو بہ تہ ڪٽان آيو آهيان. مون ڪين ٻڌايو تہ في الحال چين کان، پر آهيان پاڪستاني. ايئن گھمندو گھمندو هوٽل تي پهتس. ان گھٽيءَ ۾ سڀ مردن جون ڪلب هيون.

❖.....❖.....❖

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

16 جون

بئنڪاڪ کان اسلام آباد

صبح جو اٿي وهنجي سهنجي، هڪ دفعو وري سامان ٺيڪ ڪري ٽڪيٽ ۽ پاسپورٽ کيسي ۾ هٿيڪو ڪيم. ساڳئي مسلم هوٽل تي ماني کاڌم هنن کان موڪلايم. رهائش واري هوٽل تي ڏيتي ليتي صاف ڪري، ايئرپورٽ تي آيم. مون سوچيو بيشڪ ايئرپورٽ تي وڌيڪ وقت گذارجي، اهو بهتر آهي. ايئرپورٽ جا چڪر هٿندو رهيس. ڪجهه وقت کان پوءِ انائونسمنٽ ٿي ۽ مان ٻين مسافرن سان گڏ اچي جهاز ۾ ويٺس. اسلام آباد پهچي ٽيڪسي ڪري گهر آيس.

اهڙيءَ طرح هي سفر پورو ٿيو ۽ ڪيتروئي عرصو بلڪ اڄ به ڪڏهن ڪڏهن چين واري ماحول ۾ پهچي ويندو آهيان. چين ۾ ان پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙن جي لسٽ اسان کي ڏني وئي هئي، جنهن ۾ هنن جا ٽيليفون نمبر ۽ اي ميل درج هيون. پر اتفاق سان اها لسٽ مون کان گم ٿي وئي. ريما سان فون تي هڪ ٻ دفعو هيلو هاءِ ٿي. فيس بڪ تي هڪ اڌ سان هيلو هاءِ آهي پر نه هجڻ جهڙي.

چڱو خدا حافظ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



آفتاب سومرو شڪارپور سنڌ جي ڳوٺ "مريد سيڏار" ۾ ڄائو نپنيو، ان جا ٻہ مائٽن ڪيترائي نالا رکيا. سندس ڪاغذن ۾ نالو آفتاب احمد سومرو ۽ ادبي نالو "آفتاب سومرو".

پرائمري تعليم آبائي ڳوٺ ۽ باقي تعليم (ماسٽرس، انگريزي ۽ سماجيات، قانون جي بيچلر ڊگري) سکر، شڪارپور ۽ حيدرآباد ۾ حاصل ڪيائين.

ننڍ پڻ کان غور و فکر ۽ تجسس ۾ مبتلا، گهر وارن ۽ استادن کان عجيب سوال پڇي کين پريشان ڪرڻ. چون ٿا، ننڍي هوندي گهٽو وقت پاڻيءَ سان کيڏندي ۽ ان کي ڏسندي گذارينداهيو.

ٻالڪپڻي ۾ مذهب سان گهرو لڳاءُ، مختلف مذهبن ۽ مسلڪن سان ويجهو رهيو، پرکندو رهيو، بحس مباحسا کندو رهيو ۽ پري ٽپندو ويو. اڄ تائين ٻيٽو ڪٽي ٻہ نہ، نہ سندس تجسس ختم ٿيو ۽ نہ سفر!

مختلف نالن (بابو بيڪاري، سچ، سورج وغيره) ۽ مختلف ٻولين (سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ) ۾ شاعري ۽ ڪهاڻين کان علاوه، سياست، مزاح، فلسفي ۽ تنقيد تي لکندو رهيو آهي. مخفي علمن لاءِ ٻہ پاڻ پتوڙيندو اچي.

جوانيءَ جا سندس مست ڏينهن ڪاپي ڊر جي سياست ۾ گذريا. ڪجھ وقت کان نيشنل بُڪ فائونڊيشن اسلام آباد ۾ سيڪريٽريءَ جا فرض نيائي رهيو آهي.....

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڊي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڪُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "**پڑھندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا به تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو به صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن ڪو به شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ھِين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

کوشش اھا ھوندي تہ **پَنَ** جا سڀ کَم کار سَھکاري ۽ رَضاکار بنيادن تي ٿين، پر ممکن آھي تہ کي کم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ ھِکَڙِئي جي مدد کَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڈي وَڻُ کندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. **پَنَن** پاران کتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize کرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل کرڻ جي کوشش نہ کئي ويندي.

کتابن کي ڊِجِيٽائِيز کرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو کم کرڻ وارن مان جيکڏھن کو پيسا کمائي سگھي ٿو تہ پلي کمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڈجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ کتاب خريد کَري کتابن جي ليگکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل کرڻ ۽ جاڻ کي ڦھلائڻ جي کوشش دوران کَنھن بہ رُکاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جٹ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جٹ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻتن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڑهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڑهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڑهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڑهڻَ، پڑهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)